
سوجهرو
154

سوجهرو
جنوري 2012
ABC Certified
سال:14. شمارو:154. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

# وچور:

**لطيفيات:**
لطيفؒ ۽ وحدت الوجود...(آخري) خ.ق.سومرو

**نقطہ نظر:**
شاعري ۽ اشاريت... ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو
باغي شاعر - گدائي... رزاق بروهي
محبتن جو امين... جهانگير عباسي

**موسيقي/نقطہءِ نظر:**
عارفاڻو سنگيت... ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

**سفرنامو:**
ڪشباش (ڏهين) ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

**طبع زاد ناول:**
قالو بلا (پهرين قسط) ڊاڪٽر رسول ميمڻ

**آتم ڪٿا (قسط يارهين):**
پاتم جهاتي جهان ۾... شيام ڪمار

**پرڏيهي ناول:**
زن مريد (تيرهين) ڪرن نگرڪار/ڊاڪٽر بدر اُجڻ

**ڪهاڻي:**
اڪين ۾ ٻُڏي ويل دريا... پرويز
اڪيلائي ڪان بچي ويل ماڻهو... لياقت رضوي
شهمير خان... انور شيخ
ڏار ۾ لهي ويل ماڻهو... يونس همدم
انت بحر دي خبر نہ ڪائي... ناصر بلوچ/ننگر چنا
مختصر ڪهاڻيون... شيام ڪمار

**وائي/نظم:**
ذوالفقار گاڏهي، آسي بدر چنا، اداسي جکراڻي، يونس همدم، رؤف ڪوسو، حفيظ باغي، منور ملاح، شوڪت ڏماچ، علي محمد سولنگي ۽ مختيار سهتو.

**غزل:**
حليم جوش، رخسانہ پريت، حسين جاگيراڻي، چندر ڪيسواڻي، منير سولنگي، پريت گهمرو، رزاق بروهي، حنيف عاطر، اصغر سجاڳ، امين پٽو، هدايت ڏيپر، امين چانديو، ابراهيم ڪوسو، شير محمد هاليپوٽو ۽ حفيظ باغي.

## ٿيچ مي پليز...

اسان ڊسمبر 2010 جي 'سوجهرو' ۾ ڄاڻ ڪرائي هئي تہ فرانس ۽ سوئيزرلئنڊ جي سرحد تي قائم، 'سرن لئبارٽريز' ۾ پارٽيڪل فزڪس جي سائنسدانن 'پروٽون' بدران، شيهي جي ذرن کي هڪ ٻئي سان گهي Mini Big Bang (هلڪو ڌيبوڙو) جو سوپارو تجربو ڪندي، سج جي مرڪز مان، 10 لک سينٽي گريڊ کان بہ متي گرميءَ جو پَڌُ پيدا ڪيو. ان ڌماڪي ڪرڻ جو مقصد اڄ کان ١٣ ارب ٧٠ ڪروڙ سال اڳ واري وڏي ڌيبوڙي (big bang) (جنهن سان ڪائنات وجود ۾ آئي) جو راز معلوم ڪيو وڃي.

هڪ سال بعد ڪائنات جي راز پروڙڻ واري کوجنا هيٺ 'سائنسدانن کي Higgs Boson (اوليٰ ذرو) هٿ آيو آهي، جنهن مان اهڙيون ثابتيون يا شاهديون مليون آهن، جن ذريعي ڪائنات جي تخليق واري راز تي پهچي سگهجي ٿو.

13 ڊسمبر 2011 تي پارٽيڪل فزڪس جي سائنسدانن انهيءَ اعليٰ ذري جي دريافت جو ڏسُ ڏيندي چيو آهي تہ، 'تحقيق جاري آهي. ۽ ان ڏس ۾ ايندڙ سال، هٿ آيل نتيجن يا تجربن جي پڌرائي ڪئي ويندي.' ان ٽيم ۾، اٽلي پاڪستان ۽ دنيا جي ٻين مختلف ملڪن جا پارٽيڪل فزڪس جا سائنسدان شامل آهن.

13 ڊسمبر 2011 تي پريس ڪانفرنس ۾ اٽليءَ جي سائنسدان چيو، 'دنيا ۾ انسان کي اڻ ڳڻيون شيون ۽ انهن جا من موهيندڙ رنگ، جلوا ۽ ڪيئي معجزا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. پر ڪائنات ۾ ٻيون گهڻيون شيون اهڙيون بہ آهن جيڪي اسانجي نظرن کان اوجهل آهن. انسان پنهنجي سرت جي مهڙ واري عهد ۾ ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ بابت ڪن ڪڙا ڪيا. سوچيو ۽ جاکوڙيو تہ، چنڊ، ستارا، ڪهڪشائون ڪيئن وجود ۾ آيون؟ ۽ اها ڳالهہ پروڙي ورتي تہ دنيا ايٽم جي ذري تي ٻيٺل آهي. هر شيءِ جو ايٽم ٽن، جزن، اليڪٽران، نيوٽران ۽ پروٽان تي مشتمل هوندو آهي. پر سپ هڪ شيءِ آهي، مسٽر فابيولا گيانوني وڏيڪ ٻڌايو تہ، "ايٽم پاڻ مرادو وجود ۾ نہ آيو. پر هڪ قوت ان کي قائم ڪيو. ۽ ان قوت جو نالو، 'گاڊ پارٽيڪل' آهي. گاڊ پارٽيڪل معنيٰ تخليقي قوت رکڻ وارو ذرو.' هن وڌيڪ چيو، "جوهري فزڪس جو اهڙو نظريو 1964ع ۾ انگلينڊ جي ايڊن برگ يونيورسٽيءَ جي هڪ سائنسدان پيٽر برگ هيگلو دريافت ڪيو. ان ڪري ئي اهڙي ٿيوري کي، 'هيگوبوسن' جي ٿيوري جو نالو ڏنو ويو. ان نظريي ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ جسامت رکندڙ هر شيءِ پوءِ اها سخت صورت يا پاڻياٺ گئس جي شڪل ۾ هجي، ان ۾ 'گاڊ پارٽيڪل' موجود هجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ پارٽيڪل ئي سگهہ، موهہ ۽ ڪشش جو ڪارڻ آهي. 'گاڊ پارٽيڪل' هر چيز کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو، ان ۾ ڇڪ ۽ موهہ آهي. جيئن کو ماڻهو ڪنهن خوبصورت اداڪارا يا اڳواڻ جي سونهن، جوڀن، فڪري يا نظرياتي سياسي بصيرت ڏانهن ڇڪجي ان جي چوڌاري ٿي بيهندو آهي. 'گاڊ پارٽيڪل' بہ اداڪارا يا سياسي اڳواڻ جي چوڌاري بيٺل هجوم جهڙو ايٽم آهي، جنهن کي 'اوليٰ ذري' (higgs boson) هڪ هنڌ گڏ ڪري رکيو آهي." مسٽر فابيولا وڏيڪ چيو، "15 ارب سال اڳ ڪائنات هڪ وڏي گولي جي صورت ۾ هئي، جيڪا پنهنجي اندرين قوت جي دٻاءَ هيٺ ڦاٽي وکري وئي. ۽ ڪروڙين سالن تائين ڪائنات جي سگهہ پکڙبي رهي. ۽ وقت سان گرميءَ جو پَڌُ بہ گهٽبو رهيو. ۽ پوءِ ڪائنات چنڊ، سج ۽ ستارن جي شڪل ۾ نروار ٿي ٻيني. انهيءَ صورتحال ۾، 'گاڊ پارٽيڪل' اهم ڪردار ادا ڪيو."

2008ع ۾ قائم ٿيل، 'سرن لئبارٽريز' 27 ڪلوميٽرن جي پکيڙ ۾، زمين جي هيٺان سرنگهہ ۾ قائم آهي. ان جي گهرائي 574 فٽ آهي.

لئبارٽريءَ ۾، روشنيءَ کان بہ وڌيڪ تيز رفتار ذري 'نيوٽرينو' جي دريافت ٿي آهي، جنهن آئن اسٽائين جي نظريي کي رد ڪيو آهي تہ ڪائنات جي ڪا بہ شيءِ روشني جي رفتار کي پهچي نہ ٿي سگهي.

برطانيہ جي ليورپول يونيورسٽيءَ ۾، پارٽيڪل فزڪس جي هڪ سائنسدان ڊاڪٽر تارا شيرين جو چوڻ آهي، "پارٽيڪل جي تصديق ٿيڻ ڪانپوءِ، اسان ڪائنات جي تخليق جي راز کي پروڙڻ جي ويجهو ٿيا آهيون."

اڄ کان 4 ڏهاڪا اڳ جڏهن روسي ڪئپٽن گاگرين خِلا ۾ لٿو هو تہ ان کان متاثر ٿي مون هڪ نظم لکيو هو جنهن جا بہ مصرعا هن ريت هئا،

**عرش تي پنهنجو ٿيندو مسڪن**
**امر ٿيو انسان جو فن.**

هيءَ اطلاع، دنيا جي انسانن خاص طرح سنڌ جي ماڻهن کي نئين سال جي خوبصورت تحفي طور ارپي رهيا آهيون.

**تاج بلوچ**

OFF: 021_37705502
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com
sojhromonthly@gmail.com

مئينيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
پروڊڪشن ڪنٽرولر: الماس فراز
ايڊيٽر: تاج بلوچ
سب ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ايڊيٽر: حامد ڪبيري

آفيس ائڊريس:
بنگلو نمبر 177 گل هائوسز بلاڪ 7
گلستان جوهر، ڪراچي.
فون: 5-021-34019264

آفيس ايڊريس:
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.

خريداريءَ جا اگهہ:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.





# لطيف ؒ ۽ وحدت الوجود جي حقيقت

خ.ق.سومرو

كائنات ۾ جيتريون بہ شيون آهن، سي خارجي طور تي مخلوق آهن ليڪن داخلي طور تي 'تصور' يا 'معلوم' آهن. دماغ جو خيال، دماغ کان ٻاهر، ڪنهن وجود رکڻ واري شيءِ جو نقل آهي. ڪائنات ۾ موجود خارجي شيون، پنهنجي وجود جي مڪمل ڄاڻ، شناخت ۽ وضاحت جي لاءِ انهن تصورات جون محتاج آهن. انهن عمومي خيالن جو انحصار، ڪنهن بيروني مادي شي تي ڪونهي بلڪ بيروني مادي شين جو انحصار انهن آفاقي تصورات يا خيالن تي آهي. انسان کان بغير ڪائنات جي ڪابہ حقيقت ڪونهي ۽ خيالن کان سواءِ انسان جي ڪابہ سڃاڻپ ڪونهي. سڀئي تصورات ملي ڪري هڪ سيني کان وڏي (ڪامل) تصور هيٺ اچن ٿا، ۽ سڀ کان وڏو ڪامل تصور حتمي ۽ مڪمل حقيقت آهي ۽ اهوئي جواز جي حيثيت رکي ٿو.

هڪ خيال يا تصور، پنهنجي ذات ۾ مڪمل ۽ خود ڪفيل آهي. ان کي پنهنجي ذات جي وضاحت جي لاءِ ڪنهن بيروني مدد جي ضرورت ڪونهي بلڪ هڪ خيال يا تصور خود ئي پنهنجي وضاحت آهي. ان ڪري اسان ڪائنات کي، جيڪا غير معمولي وسعتن ۽ لامحدود قدرن جو مجموعو آهي؛ ان جي حقيقت کي، بغير ڪنهن ڪامل (خيال يا تصور) جي، صرف جزوري تجربن ۽ مشاهدي جي ذريعہ معلوم ڪري ڪونہ ٿا سگهئون.

حقيقي خيالات جو جهان نور اعليٰ نور جو جهان آهي. زندگي معنوي حسن جي نظم ۽ ترتيب سان وابستہ آهي ٻيو تہ ڪائنات ۾ موجود شين جي خيال جو ڪامل ربط ابدي آهي. ڪامل خيال جي حسن جو ديدار دراصل خدا تعاليٰ جو ديدار آهي. تصورات آفاقي آهن ۽ خيال هڪ اڪائي آهي. ڪائنات جي اصل نقشي کي سمجهڻ جو ذريعو نظم ۽ ضبط جا تصورات ئي آهن. سيد لطيف چوي ٿو،

**پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال**
**سڀ سيوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي**

جيئن برف، پاڻي ۽ ٻاڦ هڪ ئي شي جون ٽي حالتون آهن تيئن مادو، نور ۽ خيال بہ هڪ ئي قوت جون ٽي حالتون آهن. مادو هيٺينءَ درجي تي آهي ۽ خيال نور اعليٰ نور آهي.

ڪمال خيال يا تصور، حق جو ڪامل اظهار آهي. صاحب معرفت وٽ حق وجدان ۾ جڳهہ پائي، قلب جي گهراين ۾ موج مچائي ٿو. انسان جي نظر ڪائنات جيتري وسيع ٿي وڃي ٿي. ان ڪري لامتناهي ڪل ۾ محور ٿي وڃو ۽ (ڪل جا) هڪڙي خود آگاهہ ميمبر طور اڀري اچو. خدا تعاليٰ پنهنجو ديدار ارفع ترين دانش ۽ درخشان ترين حسن ۾ هر وقت ڪرائي ٿو. خدا تعاليٰ جي معرفت هڪڙي دري آهي، جتان انسان کي، ڪائنات جي اصلي روپ ۾ خدا جو چهرو صاف نظر ايندو آهي. اسان ان دريءَ مان هر وقت وسندڙ رحمت جو نظاره جمال ڪري سگهئون ٿا. خدا جي معرفت انسان کي خالص نوراني وجود بنائيندي آهي، ياد رکو تہ خدا تعاليٰ جي معرفت اها روشني آهي، جنهن ۾ صداقت کي وسيع معنيٰ ۾ ڏٺو وڃي ٿو.

ڪائنات ۾ نور ئي نور آهي. ان نور جا متنوع مظهر، ان جي هستيءَ جو ئي ظهور آهن. خدا تعاليٰ جي عظيم تخليق ۾ ڪڏهن نہ غلطي ڪرڻ وارو نظم و ضبط هن ڪائنات تي حڪمراني ڪري ٿو. صانع، پنهنجي صنعت سان اسان جي سامهون آهي. ان جي تخليق کي ڏسو. خالق جي ارادي جي خبر پئجي ويندي. حقيقت همہ گير آهي يعني اها هڪڙو اهڙو ڪل آهي جو سڀني تي محيط آهي لهٰذا حقيقت جو اهو عرفان سچو ٿيندو جيڪو ڪل جو ڪلي طور ڪيو وڃي.

ذهن ۽ مادي جي اتحاد جو علم حاصل ڪرڻ انسان جو پهريون قدرتي فرض ۽ ضرورت آهي. داخلي حقيقت ۽ خارجي مظاهر، خدا تعاليٰ کان جدا ڪوبہ وجود ڪونہ ٿا رکن. سيد لطيف ؒ جي عظمت آسماني تي وري غور ڪريو،

**پاڻ پردو پاڻ کي سٽي ڪر سنيال**
**وڇان جو وصال، سو تان هئڻ هن جو.**

*

**پاڻ ئي پسي پاڻ کي، پاڻ ئي محبوب**
**پاڻ ئي خلقي خوب، پاڻ ئي طالب تن جو.**

ڪائنات قوانين قدرت جي وحدت آهي. اها حقيقت (علم حقائق) جو ذخيرو آهي جتان انسان کي حق جي معرفت تفصيلا حاصل ٿيندي آهي، ڇو تہ ان جو موضوع نور ڪليءَ جو وجود آهي.

انسان جو اصل وطن توحيد آهي ۽ توحيد ۾ ڪامل علم موجود آحي. خدا جي معرفت سان انسان کي اخلاق الاهي سان متخلق ٿيڻ گهرجي. دنيا جي مٿان آسماني فطرت کي غالب ڪرڻ اخلاق جو اعليٰ ترين مظاهرو آهي. ياد رکو تہ معرفت خدا (جيڪا، تخليق عالم جي هجڻ جي محرڪ آهي) جو مطلب آهي تہ ڪامل سچائي. سڀني علمن جو موضوع ان نور جي (وجود) جو موضوع آهي ڇو تہ موجود صرف خدا آحي. خدا جي معرفت ئي حڪمت آهي.

**ادع اليٰ سبيل ربڪ بالحڪمة والموعظة الحسنة**
**جادلهم بالتي هي احسن.** *(16: 125)*

(ترجمو: توهان انهن کي پروردگار جي راهہ طرف سڏيو. حڪمت سان ۽ ڀليءَ نصيحت سان..)

ڪابہ شي وجود ۾ حيثيت الاهي کان ٻاهر واقع ڪونهي ۽ نہ ئي وري ڪو وجود کان بغير مشيت ڪٿي وڃ ٿي. جيڪڏهن اسان وجود جي هر حصي کي هڪٻئي کان الڳ ڪري سمجهنداسين تہ پوءِ (حق، علم ڪلي) تائين ڪڏهن بہ پهچي ڪونہ سگهبو سڀ کان وڏي عبادت آهي حق کي ڄاڻڻ ۽ ان جي گواهي ڏيڻ. انسانذات جي لاءِ رهنمائي جا قاعدا ۽ ضابطا صرف عمل تخليق جي فطري ذريعن سان ئي مهيا ٿي سگهن ٿا. ياد رکو تہ جيتريقدر انساني شعور، علم ۽ عقل ۾ بلند هوندو، انهيءَ حد تائين، ان جي نسبت سان، خالق جي حسن ڪمال جو ديدار ۽ مشاهدي جي قوت جو سرور ملندو. خدا تعاليٰ حرڪت ۽ حيات جو سرچشمو، سڀني آثارن ۽ مظهرن جو اصل آهي ۽ سڀني شاهدن لاءِ مشهور آهي. عرفان جهان بيني يعني معرفت خدا ۾ شين جو صرف تصور نہ بلڪ حق (خدا) جو ديدار ٿيندو آهي. قرآن حڪيم ۾ آيو آهي،

**خلق السمٰوٰت والارض بالحق** *(39: 43)*

ٻئي هنڌ اچي ٿو،

**فذالکم الله ربکم الحق.** *(10: 32)*

ترجمو: بس اهو تنهنجو پروردگار ”الحق“ آهي.

يعني آسمانن ۽ زمين جي خلقت ’حق‘ جي همراهه آهي. ’بالحق‘ فعل، خدا تعاليٰ جو حق سان هجڻ طرف اشارو آهي. ڪائنات نور (خدا) جو ڪم آهي خلقت جي اندر صانع جون سڀئي صفتون جلوه گر آهن. خدا تعاليٰ سڀني مادي ۽ روحاني شين ۾ ذاتي طور موجود آهي. ان جون صفتون عين ذات آهن. خدا تعاليٰ ڪائنات ۾ موجود سڀني شين جي وجود ۽ اصل جو باعث آهي.

ذات باري تعاليٰ سان ڪامل اتحاد ۾ ئي انسان جي ڪامليت آهي. آسمان معرفت تي ان ڪري زور ڏئي ٿو ته جيئن انسان جو روحاني حال قائم رهي ۽ اهڙيءَ طرح انسان محفوظ رهي. هر اها شيءِ جا معرفت تي مرڪوز ٿئي ته اها معرفت ئي آهي. معرفت فرد جي روحاني زبان آهي. ياد رکو ته عقل به تخليقي قوت بجاءِ حقيقت ڪل (خدا) سان هم آهنگي پيدا ڪرڻ زاري مقتدر قوت آهي. جنهن شخص کي معرفت حاصل ٿئي ۽ پوءِ به اهو غير حق جي معرفت کي باقي رکي ته اهڙو شخص منڪر خدا آهي، ڇو ته غير حق سان جيتريقدر معارف متعلق آهن اهي سڀ عدم علم آهن، يعني حق ڪل تي مبني نه آهن. ڪاميابي صرف ان وقت حاصل ٿيندي جڏهن عالم، عارف ٿي وڃي. علم انسان جي ٿين اک آهي پر جي اهو علم ڪلي ڪونهي ته پوءِ انسان ٻن اکين ڪان به انڌو آهي.

اڄوڪي ترقي يافته دور جو انسان، ان دنيا ۾ رهي ٿو جتي علم ته گهڻو آهي پر ڪامليت (معرفت ڪلي) ڪونهي. علم کي شعبن ۾ ورهايو ويو آهي. هر شعبي جو ماهر ته ملي ٿو پر ڪامل انسان ڪونه ٿو ملي. اهو آهي جديد انسان جو اصل الميو. معرفت، خدا تعاليٰ جو ڪلام آهي ۽ عارف جي سندن جو ڪلام آهي، قرآن حڪيم حقيقت ڪل (ڪامليت) تائين پهچڻ جو يقين ڏياري ٿو،

**منر يکم اٰيته فتعرفونها.** *(النمل: 13)*

ترجمو: اهو عفريب توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندو. تڏهن توهان ان کي سڃاڻيندو.

خارجي ڪائنات ۾ جبر آهي. انسانن کي اختيار مليو. ائين سمجهو ته هستي ئي جبر جو جامو لاهي اختيار جو جامو پاتو آهي. پوري ڪائنات زنده وحدت آهي. خارجي ڪائنات خدا جي فطرت آهي. انسانن کي خدا تعاليٰ پنهنجي فطرت تي پيدا ڪيو آهي. انسان کي خدا تعاليٰ اها قوت ڏني آهي ته هو خدا تعاليٰ ۽ پنهنجي فطرت کي سمجهي سگهي ۽ پاڻ کي الاهي سانچي ۾ لاهي سگهي.

انسان صرف هن سوال جو جواب معلوم ڪري ڪونه ٿو سگهي ته خدا (نور) ڪٿان آيو؟

بصارت جي اک ان سوال جي جواب تائين پهچي ڪونه سگهندي، حيرت جو هڪڙو لامتناهي ساگر سامهون اچي ٿو، اهوئي سبب آهي جو قرآن حڪيم چيو، ”لاتدرک الابصار.“ (سورة الانعام: 103) سيد لطيف به پرواز جي بلند منزل تي پهچي پڪاري ٿو،

**حوصلو حيرت ۾ ڪري ڪين درڪ**

جو حسن سنڌو حق، سر ڪور پروڙي ڪين ڪي

ڪائنات جي تخليق ڪان پهريان، جمال مطلق پنهنجي وحدانيت ۾ مستغرق هڪڙو لڪل خزانو هو. هر طرف دخاني ڪيفيت ڇانيل هئي يعني ڪا به شي واضح ڪونه هئي صرف نور ئي نور (روح) جون لامحدود مجود هيون. خدا چاهيو ته اڪيلائپ ختم ٿئي ۽ اهڙي مخلوق جو ظهور ٿئي جيڪا خالق جي قدرت ۽ حڪمت کي سمجهي سگهي.

ڪل، جزن ڪان پهريان موجود هو. جزا صرف ڪل جي واسطي سان آهن. نور (روح) مادي لباس پائي هڪ اڪائي جي صورت اختيار ڪئي ڇو ته آفاقي روح ان وقت پنهنجي سڀني امڪانات کي پائي سگهي پيو، جڏهن هستي پاڻ کي زمان ۽ مڪان جي محدود صورتحال ۾ سموئي ڇڏي. J.W.T. MASON نور ۽ مادي جي تعلق تي ڳالهائيندي لکي ٿو،

”هستيءَ جي ابتدا جي لاءِ روح خالص کي پنهنجي آزادي مطلق کي قيد ڪرڻو پيو ۽ اهڙيءَ طرح ان پنهنجو پاڻ کي هڪ نئين طرف وڌايو. اسان صاف چئي سگهون ٿا ته هستيءَ جي مادي آغاز جو بنيادي پهلو اضافو نه، بلڪ دٻاءُ آهي يعني روح خالص پنهنجي آزاديءَ کي دٻايو ۽ اهڙيءَ طرح، پنهنجو پاڻ تي قيد عائد ڪري مادي جو محسوس پيڪر اختيار ڪيو. *(Creative Freedom)- صفحه17*

سيد لطيف ٿو چئي،

**نه ڪاڪن فيڪون هئي نه ڪا ٻي پچار**
**ساهڙ جا سينگار مون اڻ ڏٺي اڳي هئا**

*

قرآن حڪيم جي هيءُ آيت،

**ثم استويٰ الي السمآءِ وهي دخان... فقضٰهن سبع سمٰوٰت** *(حم السجده— 41: 11-12)*

هن آيت پاڪ ۾، ڪائنات (ستن آسمانن) جي تخليق ٿيڻ کان اڳ موجود هستيءَ جي حالت کي ’سَمآءِ‘ چيو ويو آهي. توجه طلب ڳالهه اها آهي ته ان مقام تي ڳالهه ان وقت جي ٿي رهي آهي جڏهن اڃان تائين (سبع سمٰوٰت) تخليق ڪونه ٿيا هئا. گويا هتي جنهن شي کي ’سمآءِ‘ چيو ويو آهي اها سبع سمٰوٰت جي تخليق ڪان پهريان جي حالت آهي يعني جنهن هستي مان ستن آسمانن جي تخليق وجود ۾ آئي ان کي قرآن سمآءِ چيو آهي خدا تعاليٰ (نور) هڪ لڪل خزانو هو چاهيائين ته سڃاتو وڃان ان ڪري ان مخلوق کي خلقيو.

غور جو مقام آهي ته ڪل جزن ڪان اڳ موجود هيو. حديث قدسي آهي،

**کنت کنزا محفيا فاحيت ان اعرف، فخلعت الخلق لاعرف**

(ترجمو: يعني مان هڪ لڪل خزانو هوس، سڌ ٿيم ته پاڻ سڃاڻان تنهن ڪري مون خلق کي اپايو ته آئون سڃاڻڻ ۾ اچان.)

قرآن حڪيم ۾ آيو آهي،

**سنريکم اٰيته فقعرفونها** *(النمل: 13)*

(ترجمو: اهو عنقريب توهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريندو، تڏهن ان کي سڃاڻيندؤ.)

خدا تعاليٰ (نور، روح) جي ذات ۽ صفات جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ مولانا ابوالاڪلام آزاد جي هيٺين لفظن تي غور ڪريو:

”مادي جي فنا ڪان بعد، مظاهر قدرت جو، جيڪو حصو بچي پوي ٿو اهو محض ان جي تعمير جو نقشو آهي، جنهن کي اسان رياضياتي فارمولن ۾ پيش ڪيون ٿا. ان جو مطلب اهو ٿيو ته غير مبدل رياضياتي نظم ئي مادي مظاهر قدرت جي حقيقت آهي. نقش رياضياتي صفتون رکي ٿو ۽ ان ۾ علم و حڪمت موجود آهي. ان جو نظم ڪٿي به ڪونه ٿو ٿئي ان ڪري ان جو خالق دانا، عليم ۽ حڪيم آهي ڇو ته نقش علم جي ڪري ڪشش ڪري ٿو ان ڪري ان جو خالق عليم آهي. نقش ۾ حسن ۽ جمال آهي اهو ان ڪري آهي جو ان جو خالق حسين و جميل آهي. الله جميل ريحب الجمال ان ڪري چئبو آهي. محبت تڏهن پيدا ٿيندي آهي جڏهن ڪمال معلوم ٿيندو. هر ڪمال محبوب آهي ڇو ته اها خالق جي صفت آهي. حسن اسان کي محبت لاءِ مجبور ڪندو آهي ڇو ته حسن جي اندر ڪمال به شامل هوندو آهي. جيئن ته نقش جو نظم اعتدال ظاهر ڪري ٿو لهٰذا ان جو خالق عادل آهي. اهو ڪامل نه هجي ها ته نظم نه هجي ها لهٰذا ان جو خالق ڪمال سان محبت ڪري ٿو. خالق هر نقص ڪان پاڪ آهي گويا نظم هڪڙو آئينو آهي جنهن ۾ خالق ڪائنات جون صفتون جلوه افروز آهن خدا پنهنجي ذات سان زنده ۽ پنهنجي ذات ۾ غير متغير آهي. تبديلي ان جي ذات ۾ ڪونه ايندي بلڪ جسمن ۾ ايندي آهي. ايئم ڪان وٺي ڪائنات تائين هڪڙو عظيم نظم موجود آهي.“ *(الهلال مئي 1925)*

هڪڙو ٻيو مفڪر جناب رئيس امروهوي ان بابت لکي ٿو،

”سائنس روح کي ڪائناتي توانائي جي نالي سان سڏي ٿي. بجلي، مقناطيسيت، اعصابي طاقت، خيال جي قوت، اهي سڀئي روح جا مظاهر آهن. اهو روح دماغ ۾ فڪر جي شمع روشن ڪري ٿو. ذهن ۾ خيال کي جنم ڏئي ٿو. دل ۾ جذبات جو شمعدان فروزان ڪري ٿو ۽ تصور ۾ تخيل جا گل ٽيڙي ٿو، اعصاب ۾ جذباتي طاقت ڊوڙائي ٿو. جسم جي رڳ رڳ کي قوت سان لبريز ڪري ٿو. اهوئي روح ڪائنات ۾ روشني، حرارت، برودت ۽ ڪشش جي مظاهر کي وجود ۾ آڻي ٿو. ڪائنات جي سڀني ڪل پرزن جو ٻارڻ اهائي قوت آهي. انساني وجود ۾ روح حيات جي ڪارڪردگي جو سڀ ڪان نفيس مظاهرو شعور جي سطح تي ٿئي ٿو يعني شعور پنهنجي سطح ڪان بلند ٿي شعور برتر جي شڪل اخيار ڪري وٺي ٿو. ڪڏهن روح حيات چيو وڃي ٿو، ڪڏهن روح تخليق ۽ ڪڏهن روح ڪائنات ۽ ڪڏهن روح ارتقا. سچائي اها آهي ته انسان جي ارتقا هيٺيان خود ان جي ذات ئي محرڪ آهي.“ *(نفسيات مابعد نفسيات صفحه21)*

اچو ته دوستو، لطيف سرڪار جي مئخاني تان هڪڙُ جام نور پيئندا اڳتي وڌئون،

**جڙتر تڪ ترار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي**
**سڀئي نور ٿيا، سوريءَ سزاوار**
**همئه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهين.**

*

**ڪيو مطالع مون، هو جو ورق وصال جو**
**تنهن ۾ تون ئي تون، ٻي لات نه لحظي جيتري.**

*

**هڪ قصر، درلک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون**
**جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.**

*

**وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل**
**حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀل**
**هو هلاچو هل، بالله سندو سڄڻين**

*

**لهرن لک لباس، پاڻي پسڻ هڪڙو.**

*

**ووڙيم سڀ وٿاڻ، يار ڪارڻ جت جي**
**وهو عليٰ کل شيءِ محيط، اي آريائي اهڃاڻ**
**سڀ ۾ پنهون پاڻ، ڪينهي ٻيو ٻروچ ريءَ.** ■

# ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ اشاريت



ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

شاعري ۾ علامتن جو استعمال ان کي اعليٰ ۽ آدرشي بڻائي ٿو. فن جو اهو رويو جيتوڻيڪ ادبي حيثيت ۾ سچل جي دور تائين، سنڌي شاعري ۾ وصف جي ڏاڪي تائين پهچي ڪونہ سگهيو. پر ان جو هوندي بہ علامتن جو اطلاق شاعري ۾ هر وڏي شاعر وٽ ملي ٿو. ’متنبي‘ کان ’ايڊگر ايلن پو‘ تائين ۽ ڀٽائي کان روحل تائين، شاعريءَ ۾ علامتن کي قبوليو ۽ انهن جي استعمال کي جائز جز سمجهيو ويو.

فرانس ۾ جيتوڻيڪ علامتي تحريڪ 1886ع ۾ اسٽيفن ملارمي ۽ پال ور لائين ذريعي منظر عام تي آئي. پر ان کان اڳ شاهہ لطيف (1689ع-1752ع) ۽ فرانس جي صوفي شاعرن سويڊن بورگ (1688ع-1772ع) ۽ سينٽ مارٽن (1743ع—1783ع) وٽ شاعريءَ ۾ علامت جو استعمال ملي ٿو. انهن شاعرن ۽ ٻين زبانن جي صوفي شاعرن بہ الاهي اسرار ۽ رموز کي زندگي ۽ فن جو حصو بڻايو. اسرار ۽ رمز جي اها معنوي سطح ۽ لساني اپروچ اهڙي تہ معنيٰ خيز هئي جو وقت جو جابر حاڪم ۽ ان جا ايجنٽ جيڪڏهن ان ڪلام تي معترض ٿيندا هئا تہ شاعر ۽ دانشور ڪلام جي ظاهري مهل (Situation) موجب معنيٰ ڪري کين مطمئن ڪري ڇڏيندا هئا ۽ ڪي وري سچ کي سنئون سڌو چئي، انهي پاداش ۾ سورئي تي چڙهيا. هڪ ڀيري منصور حلاج پنهنجي دوست کي خط ۾ هي جملا تحرير ڪيا،

”هي خط الرحمان الرحيم پاران فلاڻي ۽ فلاڻي کي...“

جڏهن اهو خط حلاج کي ڏيکاريو ويو تہ هن جواب ۾ چيو، ”ها، هي منهنجو ئي خط آهي. ۽ مون ئي لکيو آهي.“ سوال ڪيو ويو تہ، ”هن وقت تائين تہ تون پيغمبراڻي قوت ۽ اختيار جي دعويٰ ڪندو رهيو آهين. هاڻي تون خدا جي دعويٰ ڪرڻ بہ شروع ڪئي آهي؟“ حلاج جواب ۾ چيو، ”مان خدا هجڻ جي دعويٰ تہ نٿو ڪريان. هي تہ اُها شيءِ آهي جنهن کي اسين صوفي ’عين الجمع‘ يعني (خدا جي رضامندي سان هڪ ٿي وڃڻ) جي نالي سان تعبير ڪريون ٿا. خدا تعاليٰ ڪاتب آهي ۽ مان لکڻ جو ذريعو آهيان.“ ڪانئس سوال ڪيو ويو، ”ڇا توکان سواءِ ٻيا صوفي بہ آهن جيڪي انهن اصولن جا قائل آهن؟“ حلاج وراڻيو، ”ها، ابن عطاء، ابو محمد الجُريري ۽ ابوبڪر شبلي جُريري ۽ شبلي پنهنجا خيال پوشيده رکندا آهن. پر ابن عطاء ائين نٿو ڪري.“ جڏهن جُريري ۽ شبلي کان انهي ڳالهہ جي تصديق ڪئي ويئي تہ انهن ٻنهي حلاج جي ڳالهہ جي ترديد ڪئي. البتہ ابن عطاء، حلاج جي عقيدي جي تائيد ڪئي. ۽ نتيجي ۾ ان کي بہ انهي ڏوهہ ۾ موت جي سزا ڏني ويئي. (1) شيخ محمود شبهتريؒ مثنوي گلشن راز ۾ فرمائي ٿو،

فڪر، ڪوڙ کان سچ ڏانهن وڃڻ آهي.
جُز، اندر مطلق ڪُل کي اکين سان ڏسڻ آهي.

سچل سائين فرمائي ٿو،

جوڳي آهن جي، گوش گنگا ڏي تن جو،
آهن ڪو ڏيا ڪات جا، پڻ ڪاپڙي ڪي،
سر نہ سباهن سي، جنين ناتو ناٿ جو.

ثعالبي، ڏهين صدي عيسوي جو وڏو عالم ۽ نقاد هو جنهن شام ولايت جي مشهور شاعر احمد بن حسين المعروف متنبي (916ع-967ع) جي شاعري ۾ استعمال ٿيندڙ علامتن کي رياضي جا اصطلاح ڪوٺيو. متنبي جو دور ملڪي بغاوتن ۽ افراتفري ۽ سياسي بي چيني وارو دور هو جنهن متنبي جي حساس طبيعت تي اثر ڪيو. هن پنهنجي عوام کي اهڙي بي چيني واري ماحول مان ڪڍڻ لاءِ هڪ فڪري تحريڪ هلائي. اها تحريڪ قدامت پسند ٽولي خلاف، جديد خيالن تي مشتمل هئي. ۽ نتيجي ۾ عربي ادب ۾ بہ اسڪول آف ٿاٽ قديم ۽ جديد قائم ٿيا. (2) امام ثعالبي لکي ٿو تہ، ’احمد بن حسين کي نبوت جو دعويدار ڄاڻائي متنبي سڏيو ويو. پر اهو دراصل انجو وقت جي حاڪم خلاف خروج هو.‘ (3)

حضرت شاهہ لطيف ڀٽائي بہ سُر آسا ۾ هڪ علامتي بيت چيو آهي جيڪو پڻ وقت جي حاڪمن خلاف خروج هو،

ڪافر ٿي تہ ابهين، باب شرع جا ڇڏ
من مشرڪن گڏ، تہ ويجهو ٿئين وصال کي. (4)

سچل سائين وٽ بہ ڪوڙ سارا اهڙا شعر آهن جيڪي علامتي نوعيت جا آهن ۽ اهڙين علامتن کي سماجي لسانيات جي ڄاڻ رکڻ کانسواءِ سمجهي ڪونہ سگهبو. سچل سائين فرمائي ٿو،

نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار
يا ٻئي هنڌ فرمائي ٿو،
سوئي ڪم ڪريجي، جنهن وچ الله آپ ٻڌيجي

انسان جو الله تعاليٰ جي وصفن جو پيڪر بڻجڻ ۾ ڀلا ڪا قباحت آهي ڇا؟ يا ڀلا نور ۽ نار جي خاصيت کان هٽي، الله تعاليٰ جي ڏيندڙ ۽ سنڀاليندڙ واري وصف اختيار ڪرڻ ۾ ڪهڙو ڏوهہ آهي؟ اصل ۾ صوفين پنهنجي پر ۾ اهڙن لفظن کي شطحيات ڪوٺيو آهي جيڪو شطح جو جمع آهي ۽ انجي معنيٰ آهي اهي لفظ جيڪي سرمستي ۾ صوفين جي زبان کان ادا ٿين ۽ ظاهربينن کي غيرشرعي لڳن. پر جديد شاعري ۾ اهڙن الفاظن کي علامتون چيو وڃي ٿو.

منصور حلاج بہ پنهنجي دور جي حاڪماڻي روش تي خاموش ڪونہ رهيو. جڏهن 264هہ ۾ عباسين جو سورهون خليفو المعتمد (256هہ—274هہ) حاڪم بڻيو، ان وقت بغداد ۾ زنجي قبيلي وارن سندس خلاف شورش برپا ڪئي هئي. نيٺ بادشاهہ انهن زنجين کي ٽوڙڻ لاءِ طاقت کان ڪم ورتو. ۽ انهن مٿان ظلم جو ٻارڻ ٻاري ڏنو. حلاج انهن ئي ڏينهن ۾ جنيد بغدادي جي حلقي ۾ داخل ٿيو هو، تنهن ويجهڙائپ ۾ ويهي عباسي خليفي جي ظلم ۽ جبر جو مشاهدو ڪيو. زنجين مٿان ٿيندڙ رياستي جبر ۽ انهن جي هيٺين سماجي حالت حضرت حلاج کي ايڏو متاثر ڪيو جو هن اهي ظلم پنهنجي ڪتاب، ”السياست والخلفاء ولاُمراءُ“ ۾ لکي، ان دور جي واقعات کي ظاهر ڪيو.

منصور گهڻو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو هو. ۽ ان دور جي سڀني مذهبن جو مطالعو نهايت باريڪي سان ڪيو هئائين. ٻڌمت، مانويت، هندومت، عيسائيت ۽ ٻڌازم جي سنتن ۽ راهبن سان واسطيداري رکيائين. هن جي مطالعي جو نچوڙ هي آهي،

”مون سمورن مذهبن تي نهايت غور ۽ فڪر ڪيو آهي، انهن کي هڪ وڻ جي ٽارين مثل هڪ

ٻئي سان ڳنديل ڏنو آهي. ڪنهن ڪان به ان جي دين جي سچائي بابت ڪو سوال نه ڪريو. ائين ڪرڻ هڪ ٿاريءَ ڪي سندس ٿڙ ڪان ڌار ڪرڻ جي برابر ٿيندو ۽ حقيقت ڪي هرڪو ڄاڻي وڃندو جيئن جيئن هن تي لفظن جي معنيٰ آشڪار ٿيندي ويندي.“

لفظن جي آشڪار ٿيڻ واري ڳالهه ئي علامتن جي ڄاڻ ڏانهن واضح اشارو آهي، ڇو ته علامتون به ته سڀ جو سڀ ڪنهن شيءِ يا حقيقت ڏانهن اشارو ڪنديون آهن. پر جن شين يا حقيقتن جي معنيٰ ڪنهن سماج ۾ اڳ ئي مقرر ٿيل آهي ته اهڙي حالت ۾ شاعر، عالم ۽ اديب جيڪي لفظ استعمال ڪن ٿا، اهي مقرر سماجي معنائن ڪان هٽيل هجن ٿا ۽ اهڙن لفظن جي معنيٰ عام رواجي استعمال ٿيندڙ لفظن ڪان مٿيري ۽ نقادن ۽ ذهين ماڻهن جي ذهنن ۾ هوندي آهي. تنهن ڪري انهي راز جي رسائي ۽ هڪ سطح ڪان ٻي سطح تائين پهچڻ لاءِ علم، نقل، سماجي، ثقافتي ۽ نفسياتي روين جي ڄاڻ سان گڏ ٻوليءَ تي عبور هجڻ به ضروري آهي ۽ اهو ماڻهن جي عمل ۽ علم تي مدار آهي ته اهي ڪيئن ٿا حقيقت بين بڻجن.

جڏهن 297هه ۾ المقتدر خلاف بغاوت زور ورتو تڏهن حلاج بغداد ۾ هو. باغين ڪي گرفتار ڪيو ويو ۽ هزارين ماڻهو ماريا ويا. انهن سيني ماڻهن ۾ حلاج جي مريدن جو تمام گهڻو انگ شامل هو. ان ڪري بغاوت جو مکيه اڳواڻ حلاج ڪي سمجهيو ويو. جڏهن ته اهڙي ڪنهن به تحريڪ سان حلاج جو سڌو سنئون ڪو واسطو ڪونه هو. پر اهو ڇٽو هو ته حلاج انهن جبري حاڪماڻي روين خلاف ڪليل لفظن ۾ ڪردارڪشي ڪري رهيو هو. 913ع تي حلاج ڪي گرفتار ڪري مٿس چاليهه ڏينهن ڪيس هلايو ويو جنهن ۾ بغداد جا وڏا عالم، محدث، فقيهه ۽ مفتي عدالت ۾ شريڪ رهيا. سزا طور ڪيس 8 ورهيه ست مهينا 9 ڏينهن جيل ۾ رکيو ويو جتي هن 'ديوان حلاج' لکيو. سندس ٻي تصنيف، 'ڪتاب الطواسين' به مشهور آهي. ڪل پنجاهه ڪان مٿي ڪتاب هن پنهنجي حياتي ۾ قلمبند ڪيا.

انگريز عالم نڪلسن چوي ٿو ته، ”حلاج پنهنجي سنجيدگي ۽ گهرائپ ۾ ايترو محو ٿي ويو هو جو هن لاءِ پنهنجي ضمير سان مصالحت ڪرڻ به ناممڪن ٿي پيو هو. تنهن ڪري هن مسلمانن جي دين ۽ سياست جي عمومي اقتدار خلاف هڪ اهڙو شخصي اقتدار آڏي سامهون ڪيو جو هڪ صوفي ڪي سڌو سنئون خدا جي ذات ڪان حاصل ٿي ٿو جنهن سان هو گڏجي هڪ ٿي وڃي ٿو.“ (5) انهي مقصد سان سلهاڙيل ڪوڙ سارا بيت ۽ قول منصور حلاج جا موجود آهن. انهن مان به شعر نموني طور هيٺ ڏجن ٿا.

”مون اڄ ۾ به اوستائين پاڻي پيئڻ جي خواهش ناهي ڪئي جيستائين پيالي ۾ تنهنجو عڪس نظر ناهي آيو. وصل تنهنجو جي منهنجي وس ۾ هجي، مان توڏانهن مٿي ڀر رڙهندو اچان.“ (6)

متنبي جو دور چوٿين صدي هجري وارو آهي. هو 303هه ۾ ڪوفي ۾ پيدا ٿيو. جيئن ته چوٿين صدي هجري عرب دنيا ۾ طائف الملوڪي جو زمانو سمجهيو وڃي ٿو. تنهن وقت خلاف بنو عباسيه ڪمزور ٿي چڪي هئي. انهن ڏينهن ۾ خوارج ۽ اعراب جا فتنا منهن ڪڍي رهيا هئا. ڪوڙي نبوت جي دعويدارن جو زور هو. علوي هڪ پاسي زور آوري تي لهي آيا هئا ته ٻئي پاسي فاطمي قبيلا اقتدار لاءِ وڙهي رهيا هئا ۽ اڳتي هلي اهي مصر ۽ شام تي قابض ٿيا. 317هه ۾ ابوطاهر قرمطي جي سرڪردگي ۾ خوارجن مڪي ڪي لٽيو ۽ حاجين جو قتلام ڪيو ۽ حجر اسود ڪعبي جي ديوار مان ڪڍي پاڻ سان ڪڻي ويا. (اعظمي جليل الرحمان: ابوطيب متنبي، ص62ــ 63)

ڪوفو خاص شورش جو مرڪز هو. باطنيه، معتزله، خوارج ۽ اسماعيلي انهي شورش جو سبب هئا. 312هه ۾ حضرت امام جعفر صادقؑ جي پوٽي محمد بن اسماعيل جيڪو اسماعيلي فرقي جو باني ۽ امام هو تنهن حڪومت خلاف بغاوت ڪئي.

مطلب ته حلاج جيان متنبي به پنهنجي قوم ڪي پنهنجي زبان ۾ جيئڻ جو گس ڏنو ۽ اهڙا نوان طريقا ۽ گوشا ٻڌايا جنهن جو اظهار سندس شاعري ۾ جابجا ملي ٿو. هن جي ديوان ۾ ڪل پنج هزار چار سو ٽيهه شعر موجود آهن ۽ سڀ قصيدي جي صنف ۾ چيل آهن. هن ڪي پنهنجي ڏکين خيالن ۽ معنائن جي پردن ۾ لڪل علامتن ۽ لفظيات تي ناز آهي. هو پنهنجي هڪ شعر ۾ فڪر جي بلند سطح جو اظهار ڪندي چوي ٿو،

”مان اهڙن ڏکين مضمونن جي ڳولا ۾، جيڪي ٻين شاعرن جي ذهن ۾ ناهن هوندا، اکيون ٻوٽيو سمهيو پيو هوندو آهيان. جڏهن ته ٻيا رات جو وڙهندا، جهڳڙندا ۽ جاڳندا رهندا آهن. يعني مضمون جي ڳولا ۾ راتين جون راتيون اوجاڳا ڪندا آهن. (مولوي ذوالفقار، 'شرح الديوان في تسهيل البيان' ص95)

سچل سائين به منصور حلاج جيان پنهنجي دور جي عوام جي ڳالهه ڪئي. 'مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا.' واري علامتي ڳالهه ڪٽي هو اڳتي وڌندو رهيو. منصور حلاج ۽ متنبي جا سياسي ارادا ۽ تحريڪ ۾ اڳواڻي جا ڪجهه اشارا ملن ٿا پر سچل سائين جا سياسي لاڳاپا نظر نٿا اچن. پر سندس فڪري بغاوت ۽ سرڪشي واريون سڌيون ڳالهيون ضرور ڪيون اٿس. تنهي شاعرن جو اهو فڪري انداز کين انسانيت جو شاعر بڻائي ٿو. سڀ انسان

بنا فرق ۽ ڪنهن مذهبي تفريق جي خدا جو حصو ۽ خليفا آهن ۽ سڀيئي خدا ڪي مڃين ٿا ۽ خدا سان محبت جو هڪ جيترو حق رکن ٿا. جڏهن بايزيد بسطامي چيو، 'سبحاني مااعظم شاني.' يعني مان پاڪ آهيان، منهنجو ڪيڏو وڏو شان آهي، تڏهن هن محسوس ڪيو هو ته ڪيس اها پاڪائي ۽ وڏو شان سڌو سنئون خدا جي ذات ڪان حاصل ٿيو آهي. سچل پاڻ ڪي جاگرافيائي حدبندين ڪان مٿانهون سمجهي ٿو ۽ چوي ٿو،

سچو سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪُل
الف مون آدم ٿيو، ڪري هنگامو هُل
هندو مومن سو ٿيو، ڀول نه ڪنهن ڀي ڀُل
'خلق الاشياء فهر عينها' اهو آڻ عمل
ٿج گلابي گل، مر مارنئي منصور جيان.

اسان جي سنڌي اساسي شاعري ۾ هير رانجها، سسئي پنهون ۽ عمر مارئي سڀ ڪرداري لحاظ ڪان علامتون آهن ۽ انهن جو واسطو وحدت الوجود سان آهي. پر ڳالهه اها آهي ته سنڌي ادب ۾ علامتن جو اڀياس ۽ اطلاق گهڻو پوءِ ٿيو آهي. اسان سچل، پٺائي، بابا بلها شاهه جي شاعري جو مطالعو ڪنداسين ته گهڻن مونجهارن ڪان نڪري پار پونداسين.

بلها شاهه انهي مونجهاري واري صورتحال ڪان نڪرڻ لاءِ سمجهائيندي چيو ته، ”ڪَن، زبان ۽ اکيون بند ڪري سوچيو ته نظر ايندڙ جهان ۽ اکين ڪان هيٺ وارو حصو ڪفر جي وستي بڻجي پوندو. خيال ڪي ڪفر ۽ پرم جي وستيءَ ڪان هٽائي، محبوب جي لافاني هستي جو ديدار ڪري سگهجي ٿو.“

ڇڏ جهوٺ پرم دي بستي نون
ڪر عشق دي قائم مستي نون
گئي پهنچ سجن دي هستي نون
جهڙي هو گئي صُم، بڪُم، عُم.

سچل سائين هير جي علامت ڪي استعمال ڪندي چوي ٿو ته، 'هير رانجهي ڪي ڳولي ٿي. هوءَ گولي بڻجي در در پٽڪي ٿي. دل جا زخم ڳوڙهن سان ڌوئي صاف ڪرڻ چاهي ٿي.' اها چاهت جي انتها آهي. ۽ اهوئي فڪر آهي رشتن جي احترام جو. هتي هير رانجهي جي گولي، محبوبه ۽ پيار يعني ٽن روپن ۾ نروار ٿيو آهي. انسان ۽ خدا جي وچ ۾ حائل پردار مٿائٽا آهن جيئن چناب درياهه رستي ۾ رڪاوٽ هو ته اتي ٻيهي رهڻ سان محبت جي تڪميل ڪونه ٿئي ها. پر ٻنهي جي محبت ايتري زوردار هئي جو مادي دنيا جي ڪا به رڪاوٽ ٻنهي جي ميلاپ ۽ محبت ڪي روڪي نه سگهي.

چوڙڪي تخت هزارا اُٺائون، جهنگ سيال پڇايس

عشق والا وت راتيان ڏينهان، سرتي مينهن

وسايس،

**برہ درياہ چناہ دي ڪَنڌي، سچل ويک پچايس**
**پيڙي چڙهدا، پهون روندا، هنجوان نال پيا منهن ڌوندا.**

ٻئي هنڌ چيائين،

**رانجهو کيڙا ڏونهئي مين هان، هير رهي وچ ڪٽي ڪتي**
**جهنگ سيال تي تخت هزارا، ڏونهين ڏٺم اتي اتي**

هڪ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو،

**- سيني ۾ سنگ رام، سا سنياسين ڪي**
**- سچل سک سبيل، جيءَ ۾ جوڳيئڙن جي.**

عاشقن وٽ رانجهو، کيڙو، تخت هزارا، جهنگ سيال، سنگ رام، سنياسي، جوڳيئڙا اهڙا تصور آهن جنهن ذريعي سچل انتقال روح (Doctrine of Metem Psychosis) ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. سمبلزم جي ڊڪشنري موجب، 'سنگ رام' جنگ جي اهڙي پوائنٽي عمل ڏانهن اشارو آهي جنهن سان پورو سماج تباهي جي ڪناري تي پهچي ٿو. هڪ پاسي عاشق جي اندر ۾ محبوب سان ملڻ جي خواهش سنگ رام بڻجي اڌما ڏيئي رهي آهي ته ٻئي پاسي سچل انهن سچاين ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي جيڪي ميرن جي دور ۾ فتوائن جي صورت ۾ غير مسلم سنڌين ۽ ملڪي ماڻهن کي هيسائي، سماجي سطح تي بي قراري جي فضا پيدا ڪرائڻ لاءِ تي رهيون هيون. اهو دراصل سچل پاران انهن حاڪمن جي روين خلاف احتجاجي ۽ مزاحمتي آواز هو، جيڪي ماڻهو متيبد ۽ طبقاتي فرق ڪانسواءِ ماڻهن جي محبت جي ونڊ ڪري رهيا هئا. سچل کي انهن جوڳيئڙن لاءِ دل ۾ اُڪير ۽ سڪ هئي ۽ ارداس ڪري ٿو ۽ وانجهائي ٿو ته اُهي وٽس ڪهي اچن.

سچل کي خبر هئي ته ظاهر پرستن وٽ مندر، مسجد گرجا گهر، پوڄاپاٺ، دعا، ارداس، آرتي جا مقرر ٿيل طريقا آهن. اهي ماڻهو حج به ڪن ٿا، تيرٿ ياترا، دوارڪا ۽ بندرابن به پيٽين ٿا. قسمين قسمين جپ، تپ، پن دان، گرنٿ شاستر جو پاٺ به ڪن ٿا، پر انهن کي الاهي نور جو شعاع نظر نٿو اچي، جنهن شخص جو روح مرده ٿي وڃي ۽ اُهو نفس جو غلام بڻجي پوي ته پوءِ ان جي اندر ۾ خدا يا ايشور ڪيئن واسو ڪندو. ان لاءِ پنهنجي من کي اجرو ڪرڻو آهي. روح کي پليتي کان پاڪ ڪري ذڪر الله ۽ فڪر مرشد اختيار ڪرڻو آهي. جن ماڻهن من جي آئيني مٿان چڙهيل ڪٽ کي ڪوري چلڪايو ۽ ظاهري، قلبي ۽ صفاتي صفائي وارا گڻ اختيار ڪيا، اهي خواجہ محمد زمان لنواري شريف واري چواڻي، 'ڪي جيئري جنت ۾، ڪي مُئي مَس مڙن' واري درجي تي پهچي وڃن ٿا. اهڙن ئي ماڻهن لاءِ پيتائي فرمايو،

**صوفين صاف ڪيو، ڌوئي ورق وجود جو**
**تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرين جو.**

سچا صوفي قاضي جي رسمن رواجن جا مخالف آهن. اُهي نفس کي ڏانوڻ وجهي، جسم جي مسجد ۾ عشق جي نماز پڙهن ٿا. قاضي کي کهڙي ڪل ته هير جو واسطو ته رانجهي سان ابد کان ازل تائين رهندو آيو آهي. جڏهن هير کي 'ڪن فيڪون' جي لات ڪن تي پيئي هئي، تڏهن کان عشق جو اهو رشتو مضبوط ٿيندو ويو. انهي ڪري سچل گهٽي ڪتراڳ کان بچڻ لاءِ چئي ڏنو ته، 'ويري ۽ واهرو آئون پاڻ آهيان' يعني روح به مون ۾ سمايل آهي ۽ نفس جي جاءِ به منهنجي اندر ۾ آهي. هير جيڪڏهن انهي رشتي جي سڃاڻ نہ ڪري ها ته پوءِ جهنگ سيال ۽ تخت هزارا جهڙن شهرن ۾ پيٽڪندي رهي ها.

صوفين انهي حقيقت کي سمجهيو ۽ وحدت جي مستي ۾ محو ٿي، سچن آدرشن ذريعي ماڻهن مان ويڇا دور ڪرڻ لڳا ۽ اهائي وحدت جي تقاضا آهي. منصور جيان سچل به ساڳين آدرشن کي ڪٽي اڳتي وڌيو. اڄ سچل جي فڪر تي تعذير لڳڻ بجاءِ تقدير جُڙي رهي آهي،

**ڇا جو شڪ گمان، سيڪا صورت تنهنجي**
**متان ڪرين ارمان، ڳهلا انهي ڳالهه جو.**

**حوالا:**

1- علي حسن عبدالقادر ڊاڪٽر: 'جنيد بغداد' لاهور-1988ع ص-95
2- اعظمي جليل الرحمان: 'ابوطيب متنبي' پاڪستان ايجوڪيشن ڪانفرنس، ڪراچي. 1958ع- ص-67
3- ساڳيو.
4- سڌايو غلام نبي ڊاڪٽر: شاهہ لطيف جي شاعري ۾ علامت نگاري' سنڌ ڪلچر کاتو، ڪراچي. 1992ع-ص-219
5- جنيد بغداد: ص-62-63
6- ملڪاڻي الطاف: 'داستان حلاج' سنڌ بوڪ ڪلب حيدر آباد. 2002ع - ص-71 ■

غزل

## پريت گهمرو



چيٽ جون راتيون پريت
اڄ- ڪيون باتيون پريت
روح ريجهائن پيون
تنهنجون ئي لاتيون پريت
چانڊني چوڌس ڪِري
ٿيون امر جهاتيون پريت
ڪين وسري ٿيون سگهن
پره پرياتيون پريت

## تاج بلوچ

# خواب مقتل گاهہ جي زينت بڻيا

ڪن وڄن ٿا
يا هوا پن پن کي ڪڙڪائي پئي
مند جهولي جي بہ ناهي.
اڪ اجا ناهن ٽتا
مند پن ڇڻ جي گهٽو گذري اڳي
آئون پانيان ڪن وڄن ٿا
پتو پتو وڻ جو ساڪت ٿو لڳي
وڻ قطارن ۾ ائين ڏنڊلا لڳن ٿا
ڄڻ تہ ماڻهن جا هجوم
ڏور- ويجهي جا مسافر
گهر جي دروازن تي پهچڻ کان اڳي
قاتلن جي ور چڙهيا
ڪَنڌ ڪوريل لاش ماڻهن جا لڳن ٿا
مسجدن جا ڄڻ جِهمِي گنبذ پيا
درد جهيڻو هانءَ کي ڪرتي پيو
ڪن وڄن ٿا
يا هوا پن پن کي ڪڙڪائي پئي
خوف جي ڪوهيڙي جڪڙيو
هر گهٽي ۽ گام کي
حسَ کان خالي سُجهي
گونگو ۽ نابينو جهانُ
يا ڪڏهن سانوڻ جي جهڪ
اپ تي قبضو ڪري
روشني سورج جي ڳُڙڪايو ڇڏي
ڇم ڇمان ڇم کهڙيون مُرڪون؟
مونجھ بي ساهو ڪيو
ساهَ جو هانپارو
وحشي گوڙ ۾ دبجي ويو
ڪن وڄن ٿا
يا هوا پن پن کي ڪڙڪائي پئي؟
واءَ ڪاٽي، ڪهڙو جهولو؟
اڪ ٽڙپن لُڪ خاطر
روح جي گلرنگ موسم ۾ شرارن جو عروج
ڪو بہ منظر دل کي ريجهائي نٿو
ڇهري ڇهري تان اکيون لُٽجي ويون
خواب مقتل گاهہ جي زينت بڻيا
ڪُوڪَ، سڏڪو ۽ نہ ڪو واڪو ڳُڙي
ڇئني پاسي گونج گولين جي ٻُڌجي
ڪن وڄن ٿا
يا هوا پن پن کي ڪڙڪائي پئي!!
■

# باغي شاعر- گدائي

رزاق بروهي

هيءَ هڪ يونيورسل ڳالهہ آهي تہ ڌرتيءَ تي هڪڙا ماڻهو بک مرن ٿا. عذاب ڀوڳن ٿا. اجائي جيل بند ڪاٽن ٿا. غريب غربت جي چڪيءَ ۾ پيسجن ٿا پر سرمائيدار، جاگيردار ۽ دلال سڀ ڪجهہ حاصل ڪري وٺن ٿا. اهي سرمائيدار ۽ جاگيردار پنهنجي مفادن کي اڳيان رکي عالمي ڪوڙن کي سچ ثابت ڪرائڻ لاءِ زور ۽ طاقت جو استعمال ڪري بي پهچ ۽ مسڪين ماڻهن کي جيلن جي باهين ۾ ساڙين ٿا، يا موت جي ننڊ سمهارن ٿا، تنهنڪري ڌرتيءَ تي ظلم جو ماحول ختم نٿو ٿئي، ڇوتہ سچ، سونهن ۽ روشنيءَ کي طاقت جي زور سان دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويجي ٿي.

هي بہ هڪڙو سچ ۽ حقيقت آهي تہ هر ظلم ۽ ڪوڙ سان ٽڪرائڻ لاءِ هر دور ۾ باغي شاعرن جنم ورتو آهي. عبدالڪريم گدائي بہ انهن مان هڪ آهي. عبدالڪريم گدائيءَ جي شاعري هڪ تاريخي ۽ عالمي سچ آهي.

رڙيون ڪرڻ، واڪا ڪرڻ ۽ هوڪا ڏيڻ ڪا معمولي ڳالهہ ناهي، ان واڪن جو جنم پنهنجو پاڻ نٿو ٿي، انهن جو ڪارڻ هي آهي تہ ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ فاتح ۽ مفتوح جي وچ ۾ هڪ اڻ ڪٽندڙ جنگ جاري رهي ٿي. ان ڪري شاعر کي مظلوم جي حق ۾ پنهنجي اظهار کي هٿيار طور ڪم آڻڻ گهرجي. گدائي جي نظم جو هيٺيون بند ڏسو،

**جن پنهنجي زر ۽ زور سان اڄ- آبيوس کي بيزور ڪيو،**
**جن پنهنجي ظلم جي گهاٽي ۾- انسان کي جنسي ڍور ڪيو،**
**۽ جن جي ڏاڍ ڏمر آڏو- انصاف جي اک شرمائي ٿي**
**تن خود بينن خود غرضن کي- اڄ ماري مات ڪرڻ گهرجي**
**ڇو ڪجهہ نہ ڪڇون خاموش رهون- خاموش رهڻ مان ڇا ٿيندو.**

گدائي نثر جي پيٽ ۾ شاعريءَ کي اظهار جو ذريعو ان ڪري بڻايو جو، عوام سولائيءَ سان شاعراڻي اظهار کي سمجهي وٺي ٿو. شاعريءَ کي پيار، محبوبيت ۽ موٽ نثر جي پيٽ ۾ ان ڪري ملي ٿي تہ ڪميٽيڊ، سچن ۽ تخيلقي شاعرن وٽ فڪر، فن. صلاحيت، جذبو، حساسيت جا انيڪ روپ ٿين ٿا،

**ديس جو درد ڀري گيتن ۾**
**ويٺا منجهہ وڃائي ويٺو**
**وسٽي وسٽي ڀنيٺ ٿي وئي**
**اهڙي آڳ لڳائي ويٺو**
**پنهنجو من پرچائي ويٺو**

اها شاعري



گدائيءَ گهڙي ناهي جو وقت جي دز ۾ گم ٿي وڃي. هن جي شاعري پاڻ مرادو روح جي تارن کي ڇيڙي ٿي. هن جي شاعري زمانن تائين جيئري رهڻ جي صلاحيت رکي ٿي. اها هن جي شاعريءَ جي عظمت ۽ ڪماليت آهي.

**هر دل جو تحفو پرين اوهان جي نظر ڪيان ٿو ثواب سمجهي**
**اسان جي قسمت جي فيصلي جو ڏجانءِ جانان جواب سمجهي**
**ڀلا چمن ۾ وڃان ڇو سهڻا، تون ئي سراپا بهار منهنجي**
**لبن کي مکڙي مثال ڄاتم ۽ ڳل ڇميا مون گلاب سمجهي**
**فراقِ دلبر ۾ گيت غم جا سدا گدائي لبن تي آهن**
**وڄايان پنهنجي وندر لئي يارو قفس جون تيليون رباب سمجهي**

ايئن لڳي ٿو گدائي جا خيال ۽ لفظ سوچ جي اڃري آسمان جي وشال ڇاتيءَ مان بوند بوند بڻجي برسيا هجن. گدائي جي شاعري موسمي گل نہ بلڪہ ڄڻ گلابن جا ٻوٽا آهن يا پاليهرن جي ڳٽڪار يا ڳيرن جو نوحو يا جهرڪين جو مَڌُر گيت آهي،

**جڏهن هو شوخ ٿو ڇهري کي بي نقاب ڪري**
**جهڪي سلام ٿو سهٽي کي آفتاب ڪري**
**قسم خدا جو دنيا سندي حسينن سان**
**لڳائي دل اهو جنهن کي خدا خراب ڪري**
**اوهان جي روءِ منور کي هر گهڙي دلبر**
**گدائي ٿو پڙهي قسمت سندو ڪتاب ڪري.**

گدائي معاشري جو نمائيندو شاعر هجڻ جي حيثيت سان معاشري کي نئين سوچ سان همڪنار ڪيو ۽ اهڙي تعمير جنهن جو محور امن، آزادي، پيار ۽ انسانيت هجي. تنهنڪري هن اعليٰ ۽ اخلاقي قدرن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني،

**مذهب پنهنجو پيار گدائي**
**هندو مسلم سک عيسائي**
**جوڙ سڀئي هڪ مالڪ جي**
**سڀ ۾ ساڳيو يار**
**ٻڌايون سک جو ڪو سنسار.**

گدائي هر دور جو عڪاس شاعر آهي، هن جي شاعري هر دور جي عڪاسي ڪري ٿي. هن جي شاعري آرسيءَ مثل آهي، جنهن ۾ هر ويل ۽ هر وقت معاشري جو منهن ڏسي سگهجي ٿو. گدائيءَ جي خيالن ۾ وسعت ۽ لفظن ۾ گهرائي جرڪندي رهي ٿي،

**هت ڪنوارن ڪومل جسمن جي**
**عصمت جا لعل وڪامن ٿا**
**ڪجهہ سِڪن تي ڪجهہ نوٽن تي**
**هت حسن و جمال وڪامن ٿا**
**آڏوڪڙ جنهن جي ڪيسي ۾**
**ٿو مُلهہ وٺي مهپارن کي**
**ڪي ماڻهو ڪاريهر بڻجي**
**ٿا ڏنگ هڻن نادارن کي.**

شاعريءَ کي ٻہ پاسا ٿين ٿا. هڪڙو پاسو ٽپڪيون ڏئي سمهارڻ وارو ۽ ٻيو پاسو آهي پيرن تي بيهارڻ وارو. يعني جذبا جاڳائڻ وارو. گدائي قوم کي جذبا جاڳائڻ واري شاعري ڏني.

**جيئي سنڌ جيجل جو آهي قسم**
**جيسين سينو ۽ سيني ۾ آهي دم**
**ٿئي ديس خاطر جي سر ڀي قلم**
**ساٿ هلندو ورهي، لاٽ ٻرندي رهي.**

گدائي جي جنم ڏينهن جي حوالي سان هُن جي فن، فڪر ۽ شاعري جو تعارف ڪندي، اهو چوندي وڏاءُ نہ ٿيندو تہ هن جي شاعري انساني خوبصورت سوچ، سُرت ۽ ادراڪ جي سفر جو جمال ۽ جوڀن آهي. جنهن کي پنهنجون الاهي ڪوڙ ساريون حسناڪيون آهن، جنهن مان نئون نسل لاڀ پرائي سگهي ٿو. ■



# محبتن جو امين- انور پيرزادو

جهانگير عباسي

انور سَرَ جو سانگو لاهي هڪ ڪري ڪاهوڙي مرد جيان سنڌ جي ماڳ مڪانن، ڍنڍن ڍورن، ندين، ٽلائن پٿرن، پاهڻن، آستانن، مقبرن، پٽن تي پنهنجي هزارين ورهين جي تاريخ، تمدني تهذيب ۽ ثقافت جي تلاش ۾ جو ڳي ٻڌجي پنهنجا پير پٿُون ڪيا، هن ڪي مُنهين جي دڙي سان تہ بيپناه عشق هو ۽ سنڌ جي اهڙن ماڳ مڪانن جو تہ هُو وڏو ڄاڻو هو. ۽ موهن جي دڙي جي کوٽائي ۾ هڪ رضاڪار طور عملي ڪم بہ ڪيو. نہ رڳو ايترو، پر هن ادبي، سماجي ۽ سياسي حلقن ۾ پنهنجي جاکوڙ سان، ڪردارسازي جو اهم ڪردار ادا ڪيو. ۽ ان ڏس ۾ وڏيون تڪليفون بہ برداشت ڪيون. هو جمهوريت پسند شخص هو.

جمهوريت پسندي ۽ سياسي پارٽين جي منشورن ۾ عملي طورتي اهڙو ئي صاف ۽ ڪرو رهيو جهڙو هُو سوچن ۾ اڇو اُجرو ۽ هڪ اصول پسند شخص هو. هن ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي شروعات پنهنجي گهر ۽ ڳوٺ مان ڪئي جو سندس ڳوٺ تي نالو ئي 'مني ماسڪو' پئجي ويو. ۽ اهو عمل ايتري تيزي سان وڌيو آهي جو هاڻي ٻلهڙي جي جو هاري، ناري، شاگرد، نوجوان ڪان وٺي جهونن تائين هر هڪ پنهنجي سماجي قانوني ۽ بنيادي حقن ڪان باخبر آهي.

انور پيرزادي جي شخصيت اهڙي مقناطيسي ڪشش رکندڙ شخصيت آهي جو هن سان جيڪو بہ هڪ ڀيرو مليو اهو هن جو ئي ٿي ويو. صحافتي دنيا ۾ انور پيرزادي جي سوچ روشن خيالي، ترقي پسندي، ڪردار سازي ۽ عملي جدوجهد جو زنده مثال آهي. هن پنهنجي مختصر ڄمار ۾ وڏا ڪم سرانجام ڏنا. ڄام ساقي سچ لکيو آهي، "انور جي شخصيت ايتري تہ گهڻ پاسائين آهي جو ڪو بہ ڪالم يا مضمون ان جو پورائو نٿو ڪري سگهي. انور تي ڪتاب لکجي تڏهن بہ گهٽ آهي يا شايد پي. ايچ. ڊي ڪري ڪنهن حد تائين انصاف ڪري سگهجي ٿو."

انور پيرزادي جو صحافت جي دنيا ۾ اچڻ بہ هڪ اتفاقي عمل آهي. هو جڏهن پاڪستان ايئرفورس ۾ بطور پائلٽ آفيسر هو تڏهن هن پنهنجي هڪ دوست کي بنگالين سان ٿيل ظلمن خلاف خط لکيو. ۽ انهي الزام هيٺ سندس ڪورٽ مارشل ڪيو ويو. انور پيرزادي جي ڪردار ٺاهڻ ۾ جن شخصيتن جو وڏو اثر ۽ هٿ آهي



سوڀو گيانچنداني، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، ڄام ساقي، سراج ميمڻ ۽ ٻيا ڪيترائي دانشور شامل آهن. هڪ صحافي طور انور جن سنڌي ۽ انگريزي اخبارن ۾ ڪم ڪيو انهن ۾ فڪر ۽ جذبي جي نواڻ آندي. هن هلال پاڪستان، سنڌ سجاڳ، برسات، عوامي آواز، ڊان، سنڌ ٽربيوٽ، ريجنل ٽائميز ۽ اسٽار وغيره اخبارن ۾ مختلف حيثيتن ۾ ڪم ڪيو ۽ سنڌ ۽ سنڌي عوام جو ڪيس پليڊ ڪيو.

ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ ساهہ ڦوڪيندڙن ۾ انور جو بہ وڏو ڪردار رهيو آهي. سنڌ ڪواٽرلي کي سائين غلام مصطفيٰ شاهہ سان ملي ترتيب ڏنو، هڪ پرڏيهي سفارتخاني جي مدد سان هن هڪ رسالو 'ايڪنامڪس' نالي بہ ترتيب ڏنو ۽ ان ۾ بہ هن وڏو ڪردار ادا ڪيو. بي بي سي لنڊن جي ٽيم ۾ رضا علي عابدي، بدر ابڙو، ڪليم لاشاري، اشتياق انصاري سان گڏجي سنڌو درياءُ جي شروعات ڪان ڊگهو دريا هي سفر طئي ڪري هڪ اهم ڪتاب "سنڌو جو سفر" جي نالي سان ترتيب ڏنو ۽ ذوالفقار علي ڀٽي تي انگريزي ۾ بہ ڪتاب ترتيب ڏنو.

انور پيرزادي جي گهڻ رخي شخصيت جو هڪ رخ هن جي شاعري بہ آهي. هو هڪ اهڙو حساس شاعر آهي جنهن جي درد ۾ سنڌ جي هر بي ڏوهي "ڪاري" ٿيندڙ عورت جو ڏک بہ شامل آهي تہ ميرن، پيرن، وڏيرن جي ظلم ۽ راتاهن

۾ تن ڪامريڊ

خلاف حق ۽ انصاف پسنديءَ جو نعرو بہ ملي ٿو. هو سنڌ جي خوشحالي، آسودگي ۽ امن جو وڏو حامي هو. انور جو شعري مجموعو، 'اي چنڊ پٿائي ڪي چئجانءِ!' سنڌي جديد شاعري ۾ وڏي رتبي جو حامل آهي. جنهن ۾ سموري قوم جا سماجي، سياسي مسئلا، ڌرتي جي آزادي جو خواب هن پٿائي آڏو پيش ڪيو آهي. هن جي شعري مجموعي ۾ اهڙا ڪيئي نظم شامل آهن جيڪي انهن حالتن جي نمائندگي ڪن ٿا، جيئن ' زندگي هڪ آپريشن ٿيئٽر'، 'حياتيءَ جو رومانس'، 'ڪارنهن جا چٽا'، ' آزاديءَ'، 'ڪڏهن ڪڏهن آءُ سوچيندو هان' ۽ 'ڪيئن لڪان؟' وغيره شامل آهن. ان ڏس ۾ هن جو نظم 'ڦٽڪو' پيش ڪجي ٿو،

**ڪچڙي گونچ ڪي**
**هنج ڪيڏائيندڙ ٽاري**
**پاڙ ڪان پٽجي پئي**
**فطرت، سونهن ۽ ڌرتي تي جڻ هلچل مچي وئي**
**۽ ٽڪنڪيءَ تي**
**اونڌي پڌل انسان**
**تي هڪڙي ڦٽڪي ڦهڪيو ڪيو**

انور پيرزادي جو خدمتون تمام وسيع آهن هو هڪ وسيع مشاهدي ۽ مطالعي وارو اديب هو جنهن جي مشاهدا تي اک معاشري جي هر هڪ مسئلي تي ڪتل رهي. هن پنهنجي فڪر ۽ ڏات سان احساسن ۽ امنگن جا نوان ڏيئا ٻاريا ۽ سنڌ جي پٽڪيل پليل نوجوانن ڪي درست راهہ ڏيکاري ، پاڻ بہ جاکوڙي زندگي گذاري ۽ ٻين ڪي بہ ان جو درس ڏنو ۽ اڃا وڏيڪ گهڻو ڪرڻ ٿي چاهيو پر زندگيءَ هن سان وفا نہ ڪئي بيماري جي چنبي ۾ ڦاسي، جيون جي جنگ هارائي هو 7 جنوري 2007ع جي منڊ ۾ اسان ڪي وڇوڙي جو درد ڏئي ازلي ننڊ جي ياکر ۾ ائين سمهي رهيو جيئن ڪو معصوم ابهم ٻار ماءُ جي ڇاتي سان چنبڙي مٺڙي ننڊ ۾ پئجي ويندو آهي. انور جو فڪر ۽ شعور سيني سنڌ واسين ۽ نئين نسل جي نوجوانن تائين پهچي سگهي جيئن انور پنهنجي ڏات جي سفر ۾ سنڌ سان عشق جو اظهار پٿائي سان هن طرح ڪيو آهي تہ

**اي چنڊ! پٿائي ڪي چئجان!**
**جنهن رات ۾ تو تي بيت چيا**
**سا رات اڃا بہ جاري آ**
**۽ سچ ڏنگايون ڪو نہ ڇڏيون**
**هي پنڌ پري جو واري آ**
**مان ڪنهن سان پنهنجا سور سليا**
**اي! پٿائي ڪي چئجان!**
**تو ڪي نہ چوان ٻيو ڪنهن ڪي چوان**
**اي چنڊ! پٿائي ڪي چئجان! ■**






## شيخ عبدالحليم جوش

خط ۾ خوشبو هئي ڪٿان آئي؟
ڪنهنجي زلفن ڪان ئي مٿان آئي!!
ٻاٽ اونڌهہ ۾ روشني وکري
مُرڪندي هوءَ جتان جتان آئي
عشق ۾ وقت جو تصور ناهہ
ڇا ٿيو ٿورو دير سان آئي
گُل ٽڙي پيا ۽ مکڙيون مُرڪيون
باغ ۾ هوءَ بهار جان آئي
هي بہ چئجي ڪشش محبت جي
سوچيم پئي تہ ڇا ڏسان آئي
هي نظر جو فريب آهي جوش
تون ٿو ڀانئين تہ ٻاهران آئي.

*

## قطعو

مال ميڙڻ جي هَوسَ ۾ يارو
تاجرن [ڏي مهانگائي] ڪئي
ٿول وانگر جا نظر پئي آئي
تنهن اُٽي منهنجي خريداري ڪئي.

***

## حسين جاگيراڻي

تنهنجي اميدوار جو ڇا ٿيو
هن وڏي گنهگار جو ڇا ٿيو
توڏني اهميت زماني کي
۽ دلِ داغدار جو ڇا ٿيو
عشقَ پن- چڻ مزاج جو مالڪ
حُسن تنهنجي بهار جو ڇا ٿيو
منڪراڻي سماج ۾ آخر
هن عبادت گذار جو ڇا ٿيو
تنهنجي پهرين اڏار آ معلوم
تنهنجي پوئين اڏار جو ڇا ٿيو
سارا پردا ئي چاڪ چاڪ ٿيا
هاءِ هن پردادار جو ڇا ٿيو
تون تہ وعدا خلاف نڪتين 'حسين'
هن جي قول ۽ قرار جو ڇا ٿيو.



## چندر ڪيسواڻي

شهر منهنجو، شهر وارا اجنبي
ساهہ جا سارا سهارا اجنبي
اوپري تشبيهہ ساري سونهن جي
سونهن جا سڀ استعارا اجنبي
تو پڇاڻان اوپري ٿي ڪائنات
چنڊ، سورج ۽ ستارا اجنبي
ڪالهہ موٽيس شهر ڪان واپس جڏهن
ڳوٺ منهنجي جا ئي چارا اجنبي
پيار جون ساريون پڪارون اوپريون
عاشقيءَ جا سڀ اشارا اجنبي
موملون سڀ اوچتو مٽجي ويون
ڪاڪ جا سارا ڪنارا اجنبي
سوز جو هر ساز پنهنجو ٿي لڳو
نينهن جا توڙي نغارا اجنبي
جڻ سياست اوپرائپ جو نگر
قول، تقريرون ۽ نعرا اجنبي
ناںءَ ڪيڏا پياس جا دنيا رکيا
تو نہ سمجهيا چوءِ اجارا اجنبي.

***



## رحمت سومرو

توکان جيڪو بہ پل جدا هوندس
تون ائين ڀائنجان فنا هوندس
ماٺ هوندس تہ منتشر هوندس
ڪجهہ بہ ڪچندس ذرا ذرا هوندس
هڪ دفعو ئي اکيون کڻي ڏسجان
رستي رستي ۾ التجا هوندس
منهنجي هر ڪا نگاهہ نم هوندي
پنهنجي هر ديد ۾ صدا هوندس
روز معصوم مرڪ ارپيندڙ
سوچجان توکان پوءِ ڇا هوندس
تنهنجو اوسيڙو پوءِ پي رهندو
مان مٽيءَ جي جڏهن ڪٿا هوندس.

**(رحمت کي سالگرهہ مبارڪ- ادارو)**



# قالوبلا



ڊاڪٽر رسول ميمڻ

هوءَ 'عرشنا' هئي. سندس نالو 'مهين' کان ست کوهه اولهه طرف 'ارجنا ڪوٽ' جي مک دروازي کان کٻي هٿ ڏي ويندڙ گهٽيءَ ۾ نهيل گهر جي ان ٻاويهن سالن جي ڇوڪريءَ سان ملندڙ هيو جنهن ٻانهن جا گجرا سنڌوءَ ۾ وهايا ته پاڻيءَ ۾ خوشبوءَ ڏهن هزار سالن تائين برقرار رهي.

هو 'وارث' هيو. جنهن جو نالو ان ديوتا جهڙو هيو جنهن جي هاٿي همالیا جيڏي ۽ مياڻ ۾ لڙڪندڙ تلوار تي وقت جي ڪٽيل لاش جورت لڳل هيو.

عرشنا ۽ وارث. هڪ محبوب هڪ عاشق. سندن پيار وٽيل رسي جيان هيو جنهن ۾ پٽڙ تي پيار جي بيڙي ٻڌل هئي. تيز وهڪرو جيڪو انهن اڳيان بي وس هيو. اهي وچڙيا ته پاڻ ڇڏائي نه سگهيا. جو جو پيار جي هر هٽ کي ڏهه آڱريون آهن.

ٻاويهن سالن جي عرشنا جيڪا مرمر مان تراشيل هئي، سندس وجود ۾ گلاب ائين سمايل هيا جو سج اڳيان هلندي هئي ته ڪرڻا وجود مان پار ٿي ڌرتيءَ تي گلابن جو پاڇو ناهيندا هيا. وارث هڪ تاريخدان جنهن جو وجود ڪتابن جي جيو گهرڻ جو نهيل هيو- سندس وجود لامحدود ڪتابن جو ڍير هيو. تاريخ جي اکرن مان تراشيل. اٽڪٽ ڏاڳي جيان جنهن جا ڇيڙا ماضي ۽ مستقبل جي اوندهه ۾ گم هيا ۽ ڏاڳي جو وچون حصو حال جيان جرڪي رهيو هو. ڏاڳو جنهن ۾ ڳالهائيندڙ لفظ لڙڪي رهيا هيا.

وارث هڪ تاريخدان هيو جيڪو حال جي وهڪري ۾ عرشنا سان وهندو پئي ويو. عرشنا سندس ٻانهن جي گهيري ۾ قابو هئي. ان جي ڇپن جو اسير هيو. مدهوش نيڻن جو قيدي، جن نيڻن ۾ ٻه ڪارا سج غروب ٿي رهيا هيا ته روشني طلوع ٿي رهي هئي. هن عرشنا کي چاهيو ۽ سندس هاڻي خواهش هئي ته هو چاهيندو رهي. زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين ان ۾ جيئرو رهي. سندس روح سان ملي ان جهڙو ٿي وڃي. عرشنا پيار جي ڏوهه ۾ سزا طور کيس قيد ڪري ۽ پنهنجي وجود مان ڪڏهن آزاد نه ڪري. هو عرشنا جي وجود جو قيدي بنجي زندگيءَ جا ڏينهن آسانيءَ سان بسر ڪري. اهڙي پڃري جو قيدي بنجي وڃي جنهن پڃري کي پنهنجو آسمان هجي.

پيار ڪو الهامي ڪتاب نه آهي جنهن جي صفحن تي ميلاپ ۽ وڇوڙي جا احڪام درج ٿيل هجن. پيار خالي ڪتاب آهي جنهن کي پاڻ لکيو وڃي ٿو. اتي آڱرين جا نشان آهن. نشانن ۾ سنهيون گهٽيون آهن. منجهائيندڙ رستا آهن. جيڪو رستن کان هٽيو سو بيوفا، جيڪو ڦاٿو باوفا. هو رهجي ويل آڱرين جي نشانن ۾ ڦاٿل وجود هيو. وڃائجي ويل رهگذر هيو جنهن کي منزل ڏسڻ جو شوق نه هيو.

عرشنا سان سندس پهرين ملاقات انهن ڏاڪڻين تي ٿي هئي جيڪي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي ادارن وچ ۾ هيون. انهن ڏاڪڻين هيٺان هڪ ڦوهارو هيو جنهن جي شفاف پاڻيءَ ۾ ڪميون ترنديون هيون. اداري جو پينٽر ڪمين تي رنگن سان منجهيل چٽر ناهيندو هيو. ڪميون ڪجهه ڏينهن اندر مري وينديون هيون. اڌ ڪلوميٽر پري ڪمين جو قبرستان هيو. مينهن جي موسم ۾ زهريلا وڇون انهن جي ڍانچن ۾ پناهه وٺندا هيا. پهرين ملاقات ۾ هو عرشنا جو اسير ٿي پيو. ويڪرين ڏاڪڻين تان جتي وينل شاگردن ڪري سوڙهه هوندي هئي، عرشنا هلندي تاريخ تي تنقيد ڪئي.

”مان نه ٿي سمجهان ته تاريخ ماضيءَ جي لاش مٿان ڳوڙهن ڳاڙهڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهه آهي. اسين

حادثن جا لاش کلھن تي کڻي نمائش لاءِ پيش ڪري رهيا آهيون. ڇا اهو ان لاءِ آهي ته ايندڙ وقت کي ڏيڄاري المين کان پري رهي سگهون؟“

هو لاجواب ٿيڻ بنا سوچن ۾ ٻڏي ويو.

”نه ائين نه آهي.“ هن چيو، ”تاريخ وهي ويل وقت ڪانسواءِ ڪجھ نه آهي. ان جا حادثا ۽ الميا حال تي اثر انداز نٿا ٿين. انسان دنيا ۾ اهو ڪجھ ڪرڻ لاءِ مجبور آهي جنهن ڪم لاءِ خلقيو ويو آهي. هو وڙهندو، ماريندو، روئندو کلندو ۽ هٿ ڇنڊيندو دنيا مان روانو ٿئي ٿو. انڪري ته اهو سڀ ڪرڻ تي مجبور آهي. ائين ڪرڻ لاءِ جواز پيدا ڪري پاڻ کي حق بجانب سمجهي ٿو.“

عرشنا سندس ڳالهين جي ڄار ۾ وچڙندي وئي. پوءِ اها ڪڏهن الڳ نه ٿي. هن عرشنا کي ائين حاصل ڪيو جيئن تاريخ تي تحقيق ڪري ڪجھ حاصل ڪيو هجي. اها تسلسل جي وڃايل ڪڙي هجي.

هڪ دفعي هن ڍنڍ ڪناري سرنھ جي وڻ هيٺان عرشنا جا گلابي چپ ڇهيا ته سينور پاڻيءَ جي لهرن تي لڏڻ لڳو. سندس وڪريل وارن کي ڳلن تان هٽايو ته سرنهن جا پيلا گل آسماني ٿي ويا.

”مان تاريخ جو پهريون ۽ تون آخري صفحو آهين.“ هن چيو، ”تنهنجي منهنجي وچ ۾ اهو ڪجھ آهي جيڪو ٿي چڪو. سڀ حادثا ۽ سانحا اسان ۾ سمائجي ويا آهن. دنيا گناهن کان پاڪ ٿي چڪي آهي. صاف ۽ شفاف ٿي رهڻ جي قابل بنجي چڪي آهي.“

عرشنا کو جواب نه ڏنو اها ويڪرين اکين سان ڏسندي رهي. سندس نيرين اکين ۾ روشن آسمان هيو، جنهن ۾ چنڊ چمڪي رهيو هيو. ان جي نرم ساهن ۾ چانڊوڪي وسامنجندڙ ٽانڊن جيان دکي رهي هئي.

”ڇا توکي خبر آهي؟“ عرشنا چيو، ”رابيل روئندا آهن ته خوشبوءِ کلندي آهي. تون منهنجين اکين ۾ سمايل رهندين. منهنجن ڳوڙهن مان تنهنجي خوشبوءِ ايندي.“

”ها، تو ۾ جيئرو رهندس.“ هن چيو، ”فنا کان لاتعلق تنهنجين اکين جي آب حيات ۾ ساھ کڻندو رهندس.“

اهي ٻئي ايڏا ويجهو ٿي ويا جو هڪ وجود ۾ تبديل ٿي ويا. سندن تعلق وڌيو ته هر شيءِ کان لاتعلق ٿي ويا.

چوماسي کان اڳ ٻئي سمنڊ ڪناري ان ٽڪريءَ تي ويٺل هيا جنهن سان سمنڊ جون ڇوليون ٽڪرائجي ڇٽڪن جيان ٿي وکريون. اتي ڪيس وارث تاريخ جو اهو قصو ٻڌايو جنهن ۾ اطابلس جا هٿ، نه ڪيل گناھ ڪري ڪٽيا ويا. ان کي شهر جي چوواٽي تي ويهاري اڏيءَ تي هٿ رکرائي ڪات جو ڌڪ هڻي الڳ ڪيا ويا. اطابلس اپاهج ٿي ويو ۽ سندس ڪٽيل هٿ ظالم کي ڳولهيندا رهيا. اهي هڪ ڏينهن ان تائين پهچي ظلم جو حساب وٺندا. اطالبس دنيا مان هليو ويو پر هن جا هٿ موجود آهن. جڏهن مقصد ۾ ڪامياب ٿيندا ته دنيا مان ظلم ختم ٿي ويندو.

”تون ۽ مان اطابلس جا هٿ آهيون.“ وارث چيو، ”جيڪي ڌرتيءَ تي آڱرين سان هلي تاريخ جي ڇڏيل قدمن جي نشانن تي ويرين جي ڳولها ۾ ڪائنات جي ٻئيءَ ڪنڊ تائين هليا ويندا. هڪ وجود جا ڪٽيل ٻه حصا آهيون. پنڌ ساڳيو آهي. مقصد ساڳيو آهي.“ عرشنا هن سان متفق نه هئي. ان چيو.

”مونکي لڳندو آهي اپاهج اطابلس جيئرو آهي. هو هر ان مظلوم جي ترجماني ڪري ٿو جنهن جا هٿ اڄ به ڪٽيل آهن. اطابلس جا هٿ ظالم کي ڳولهيندي ٿڪجي چڪا آهن. تاريخ نانگ جيان آهي. جنهن جي لنگهي وڃڻ کانپوءِ اسين ڇڏيل نشان کي ڌڪ هڻي رهيا آهيون.“

سمنڊ ڪناري جنهن پهاڙيءَ تي ويهندا هيا ان سان جڏهن سمنڊ جون لهرون ٽڪرائجي موٽنديون هيون ته واريءَ جي ناهموار سطح تي لفظ ٺهندا ۽ ڊهندا هيا. اهو منظر انهن لاءِ سحرانگيز هيو. هو خيالي لفظن جون مختلف معنائون ڪيندا هيا. اتي خدا، انسان، حيوان، شيطان، نفرت ۽ پيار جهڙا لفظ ٺهندا ۽ ڊهندا هيا.

”اڻ هوند ڪائنات جي ماءُ آهي، سندس لاتعداد ٽڻ پولارن ۾ لڙڪي رهيا آهن. اسين وات وجهي ٽڻن ۾ لڙڪيل آهيون. هر شيءِ اوندھ مان جنم ورتو آهي ڇو جو اوندھ چمڪي ٿي. اسين آهيون ڇو جو نه آهيون. جڏهن نه هونداسين يقين ڪر ضرور هونداسين.“ وارث چيو ۽ عرشنا جي هٿ کي چپن تي آندو. عرشنا مدهوش ٿي سمنڊ جي لهرن جيان سندس وجود سان ٽڪرائجي وئي. موٽي ته وارث جي ناهموار وجود تي ڪيترا سمجھ ۾ نه ايندڙ اکر اڀريا. هن عرشنا جي چپن کي چميو ته ٻاڦ ٿي. نيڻن ۾ ڏٺو ته جُهڙ ٿيو.

انهن جو پيار پهاڙيءَ تان ول جيان وڌي سامهون سمنڊ جي سطح تي ڦهلجي ويو.

”ڇا توکي تاريخ جو اهو واقعو ياد آهي.“ عرشنا پڇيو، ”جڏهن اوائلي انسان ارافيل کي هڪ اک هوندي هئي. ڪيس هڪ اک سان ڏسڻ تي اعتبار نه ايندو هيو. هوند ۽ اڻ هوند جي شڪ ۾ گذاريندو هيو. ان خدا کان ٻئي اک گهري جيئن ٻئي اک پهرينءَ جي شاهدي ڏئي. خدا دعا قبول ڪئي. ارافيل کي ٻئي اک ملي ته انڌو ٿي پيو. انڌو ٿيو ته هن اڳيان هرشيءِ واضح ٿي پئي.“

”ها عرشنا.“ وارث چيو، ”منهنجي هڪ اک تنهنجي ۽ تنهنجي هڪ اک منهنجي آهي. اسين هڪ ٻئي جا اڌ ڇهرا آهيون. منهن سان منهن ملاءِ ته مڪمل ٿي سگهون.“

”وارث.“ عرشنا چيو، ”اسين مڪمل آهيون. سج جيان چنڊ جيان. اسين ٻه الڳ سج نه آهيون. ٻه الڳ چنڊ نه آهيون. جڏهن دنيا تي ٻه سج اڀرندا ته چنڊ آپگهات ڪندو. رات وڌوا ٿيندي. اسين سرشتي جو حصو آهيون. تون ۽ مان اهڙو توازن آهيون جنهن جي چوڌاري پيار ڦري ٿو. فنا جي حد کان پري. لامڪان جي ويراني ۾ هوند جو فسلفو آهيون.“

انهن هڪ ڏينهن همبستري ڪئي. لذت جي لهرن ۾ لڙهندا ندي نالن مان ٿيندا وسيع سمنڊ ۾ ڪريا. ٻڏڻ لڳا. ترڻ لڳا. غوطا کائڻ لڳا. هڪ ٻئي کي پڪارڻ لڳا. انهن محسوس ڪيو اهي ٻج ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. هڪ ٻج جيڪو نانگ جيان تري رهيو آهي. هو اهڙي هنڌ پهتا جتان واپسيءَ جا در بند ٿي چڪا هيا. اهي ترندي پاڻيءَ ۾ تبديل ٿي ويا.

سڌو ٿيو ته ڪيس عرشنا جي ڇاتيءَ ۾ پنهنجو عڪس نظر آيو. عرشنا هن جي ٻانهن ۾ پاڻ ڳولهي رهي هئي. هو نه هيو عڪس هيو. عرشنا نه هئي هو هيو.

صبح جو پوڙهو پروفيسر مائيڪ جهلي ليڪچر حال ۾ ڳالهائي رهيو هيو، ”تاريخ پاڻيءَ جو وهڪرو آهي جيڪو مسلسل وهي رهيو آهي. تاريخ ماضي نه آهي، حال يا مستقبل نه آهي. تاريخ وقت نه آهي. ڇو جو وقت جو وجود نه آهي. تاريخ سيلاب آهي جنهن ۾ بادشاھ، وزير، امير غريب، آقا، غلام، ظالم مظلوم، فاتح مفتوح، ديوتا ڀڳوان، بهادر بزدل، عاشق محبوب، شاهوڪار سرمائيدار ۽ هاري مزدور. ٻڏندا ترندا. ٻانهون مٿي ڪري هٿن جي اشارن سان سمجھ ۾ نه ايندڙ صدائن سان لڙهندا پيا وڃن. اسين ڪنارن تي خاموش تماشائيءَ جيان بيٺل آهيون، ڪنهن کي بچائي نه ٿا سگهون. ڇيلھ پويان هٿ ٻڌي ڏسي رهيا آهيون. اسين ڪناري تي پاڻيءَ بنا لڙهي رهيا آهيون. پاڻيءَ ۾ لڙهندڙن کي ڪنارو ملي سگهي ٿو. خبر نه آهي پاڻيءَ بنا لڙهندڙن کي ڪهڙو ڪنارو ملي سگهندو؟“

عرشنا ۽ وارث ٻن ڪنارن تي بيٺل هيا، سندن پيار پُل جيان هيو ۽ ٻانهن جي پڪيڙ لامحدود هئي. جُهڙ انهن جي آڱرين سان پگهرجي ٿي پيو. وڄ چپن جو ڇهاءُ هئي.

اهي سرءُ جا ڏينهن هيا جڏهن عرشنا پيلي پن جيان وارث جي جهول ۾ ڪري پئي. هن ڏٺو عرشنا جون آڱريون بهار کان اڳ ڌرتيءَ ۾ لڳل گلابن جي ڪٽيل قلمن جهڙيون هيون. ان جي سڄي هٿ جي وچين آڱر ۾ پاتل منڊيءَ مان ڳوڙها ڳڙي پٽ تي ڪري رهيا هيا. هوءَ بيمار هئي. اوچتو بيماريءَ ڪيس بدحال ڪري ڇڏيو. هن کي شهر جي مشهور اسپتال آندو ويو. تشخيص کانپوءِ ڪيس ٻڌايو ويو ته، ”عرشنا ڪينسر ۾ مبتلا آهي.“

وارث محسوس ڪيو، دنيا ۾ ڳاڙها گلاب ناياب ٿي ويا هجن. (هلندڙ)

# اڪين ۾ ٻڏي ويل دريا . . .



پرويز

”پر ٻه تون چوين ڇا ٿو؟“ سوڍيءَ سنگهارَ جي اکين ۾ اکيون وجهي پڇيو.

”سوڍي، سوڍي آئون. آئون.“ سنگهارَ چوندي چوندي ماٺ ٿي ويو.

”ڏس، وري ٻه اِها آئون. آئون. توکي جيڪو ڪجهه چوڻو آهي، سو کُلي چئو نه. ائين مُنجهين ڇو پيو؟“ سوڍيءَ ورائي سنگهارَ کان پڇيو.

”سوڍي، سوڍي آئون هاڻ ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان.“ سنگهار ڏاڍي ڏکيائيءَ سان چيو.

”ٿڪجي پيو آهين؟“ سوڍيءَ حيرت مان ڏانهس نهاريو. هي تون ڇوين ڇا پيو؟“

”ها سوڍي، هاڻ آئون ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان.“ سنگهار ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو.

” آخر ڳالهه ڪهڙي آهي. ٻڌائين ڇو نٿو؟“ سوڍي فڪرمند ٿيندي پڇيو.

”اُن ڪري جو مون کي حال هڪيو پنهنجي شاديءَ جو ڪوبه آسرو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. ۽ هوڏانهن منهنجي گهر وارن جو مون تي زوربار الاهي وڌي ويو آهي.“ هُن جون نگاهون نيچي هيون.

”ڇا ٿا چون تنهنجا گهر وارا؟“ سوڍيءَ ڪي جهڙوڪر دل ۾ وَڍَ پئجي ويا ۽ هُن دلگير ٿيندي پڇيو.

”چون ٿا ته جي سوڍيءَ وارا هينئر جو هينئر شادي نٿا ڪري ڏين ته منهنجي پهرين مَگَ حاجوءَ وارا وري سَگَ ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويا آهن. اُن سان شادي ڪري وٺ.“ سنگهار بدستور ڪنڌ هيٺ ڪري وراڻيو.

”پوءِ منهنجو ڪڄاڙو ٿيندو؟“ سوڍيءَ جي سدا ملوڪ مُکَ تي آترَ ويلائيءَ جا آثار اڀري آيا. هڪڙي ناقابل برداشت اذيت جا احساس سندس چهري تي اڀرڻ لڳا. سندس اندر جي ڇنَ پَٽَ جي ايذاءَ جا اولڙا سندس مُنهن تي هنبوڇيوَن هڻڻ لڳا. هن انتهائي ڪربَ ۽ دردَ جي ڪري سُڪي ويل سندس چپ ڇوريا ۽ سنگهار ڏانهن نهاريو.

”پر ان ۾ ٿڪجڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ جيئن هيستائين مڙسي ڪري پنهنجن مائٽن کي مڃايو اٿئي، تيئن باقي ڪجهه وقت لاءِ ٻه ترسائين. ڏسين ته پيو ته اسين ڪهڙي قيامت ۾ ڦاٿل آهيون. هن حالت ۾، جڏهن اسان ڪي سِرَ سان لڳي پئي آهي. ٻنيون ٻارا ٻڏي ويا. اجها اُجڙي ويا. مال وجهو لڙهي ويو. هنڌ، ٽپڙ، ٿانوَ ٿپا ۽ سارو هَلَٽ رُلي ويو. اسين ٺلها سِرَ ڪٽي پڇي اچي هن پڪي رستي تي پهتا آهيون. جتي ٻه مهينا ٿيا آهن، پر ڪوبه واهرو ڪونه وريو آهي. اسين ڪکن ڌڪيا ماڻهو، پنهنجي شرم ۾ ٻڏيو پيا مرون. ڪڏهن ڪنهنجي اڳيان هٿ ڪونه ڏگهاريوسين، سي امداد لاءِ قطارن ۾ ڪيئن بيهي لٽيون جهليون. پنهنجا مٽا ڦاڙايون ۽ ذليل ۽ خوار ٿيون. تنهن کان ته مرڳو اُڃ بک تي پيا آهيون. اجا تائين گهرن ۾ چيلهه جيڏو پاڻي بيٺو آهي. هي سڀ ڳالهيون تنهنجي سامهون آهن. پوءِ ٻه تون پيو چوين ته مائٽ شاديءَ لاءِ تکڙ پيا ڪن ۽ تون ٿڪجي پيو آهين؟ هن اوکيءَ ويل ۾ آڏو اچڻ ۽ پرجهلو ٿي بيهڻ ته نهيو، پر مرڳو ڇڳندڙ ڦٽن تي لوڻ ۽ مرچ ٻرڪڻ آيو آهين!! اِن کي آئون پلا ڪڄاڙو سمجهان؟“ ۽ سوڍيءَ کان اوڇنگار نڪري ويئي. هن پوتيءَ جي پلاند سان پنهنجي اکين مان وهندڙ نيرَن جون لارون اگهيون ۽ سنگهارَ ڏانهن ڏسڻ لڳي. جيڪو اجا تائين ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺو هو.

”سا ڳالهه ته مون بابا سان ٻه ڪئي ۽ امان کي ٻه الاهي آزيون ۽ منٿون ڪيم ته هن ڏکيءَ مهل ۾ پاڻ کي هنن جي واهر ڪرڻ گهرجي ۽ هنن جو پرجهلو ٿيڻ کپي. پر ڪُٺڻ ڪم کي ڪٽيو بيٺا آهن، تن هٽي ملڪ جو نڪوتر ڪڍي ڇڏيو آهي. ڪٽٽيون رَنون اڇيو امان جا ڪن پرين، ”ائي امان، آئين عزت وارا ماڙهو. ست راڄيءَ ۾ آنجي هاڪ پئي ٻري. آنکي کي سَڱَ ڪٽا آهن ڇا، جو وجي مٿي اگهاڙن ماڙهن سان مِٽئي ڪئي اٿوَ؟ جن کي مٿو لڪائڻ لاءِ ڪا پيٽي ڪانهي. ٻڙن فقيرن وانگر لاڏاٽا ٿيو پڪي رستي جي پاسي کان رلي ٽنگيو ويٺا آهن. ۽ آئي وئي جي اڳيان هٿ ڏگهاريو پينڙياتن جيان پيا جهوليون جهلين. ائي امان، اهڙي نُنهن ڪيئن آنجي گهر ۾ سونهندي. جنهن کي سڄي جهان خيرات جي ٽِرڪن اڳيان جهولي جهليندي ڏٺو هجي. مُئو ڪُڏسَ، (وجي ڪڏ ۾ پوي) اهڙو ته سون جو ٽڪر ٻه ڪونهي جو آنکي ٻئي ڪنهن هنڌان نه ملي سگهي. ان کان ته پنهنجي حاجو هزار پرڪا پلوڙ زال آهي!!“

”هاڻ امان آهي، سا ڳالهه تي بيهي ئي ڪانه ٿي. چوي ٿي ته اها نُنهن هاٽي مون کي کپي ٻه ڪونه کپي. هاڻ آئون ڇا ڪريان؟ مون کي ته ڳالهه سمجهه ئي ڪانه ٿي اچي!!

”سوڍي، جا نُورَ پٽاري جو سونهن ته آئون توکان سواءِ مري پوندس. مون کي نڪا حاجو کپي ۽ نڪا ڪا ٻي کپي. بابا ٻه امان اڳيان بيوس ۽ لاچار آهي. هيءَ سڄو مهينو رَنن جو اهو رينگو سٽي سٽي منهنجا ڪن پڇي پيا آهن. جڏهن وڏيڪ سهي نه سگهس، تڏهن وٺي ڀڄو آهيان توڏانهن، هاڻ تون ئي ڪا صلاح ڏي ته آئون ڇا ڪريان؟ نه ته مرڳو... آئون پاڻ ئي پاڻ کي ماري ڇڏيندس.“

سنگهار وري ٻه سوڍيءَ سان نگاهون ملائڻ بدران ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي پنهنجي بيوسيءَ جي ماجرا بيان ڪئي.

سوڍي، جا هيترو وقت رڳو ڇتائي سنگهارَ جي مُنهن ۾ نهاري رهي هئي، جنهن جو ڪنڌ هيٺ هو، نگاهون نيچي هيون ۽ هُو پنهنجي مُرَمَ ۾ جلي پڇي، ڪامي ڪِجي، پڄري ۽ پرزا پرزا ٿي رهيو هو، سا پڻ سنگهار جي بي همتي ۽ بيوسيءَ تي وڄجي ڪُسجي تَرڳا ترڳا ٿي رهي هئي. سنگهار جيڪا صورتحال جنهن بيوسيءَ سان بيان ڪئي، تنهن سوڍيءَ کي پنهنجي نظرن ۾ پئي ڪيرائي وڌو. هن جي دل ڪُوهيءَ نارن وانگر ٿينديون ڪري رت جا ڳوڙها ڳاڙهڻ لڳي. هن پنهنجي اندر ۾ سِرن جو ڪُورو ڏُکندو محسوس ڪيو. هُن جي ڏکَن کان ڏُجهريل چهري تي ڪرب ۽ اذيتَ جون پيڙائون مڙي اچي گڏ ٿيون. هن کي ڏاڍو بانور هو ته سنگهار سندس پرجهلو ٿيندو ۽ مصيبت جي اوڙاهه مان ٻاهر ڪڍي ڪنهن ڪنڌيءَ پهچائندو. پر هُوءَ اڄ پهريون پيرو پنهنجي پسند تي ۽ پيار جي پيل پهرئين پيچ تي پشيمان ٿي رهي هئي. هن پنهنجو وجود فنا ٿيندي محسوس ڪيو. هوءَ لاڳيتو اکين مان گونگا ڳوڙها ڳاڙهي رهي هئي ۽ مسلسل سنگهار جي ڪانئرتا تي پڇتائي رهي هئي. هن لاڳيتو پئي سوچيو ته سنگهار کي ڪهڙي ورندي ڏي. هُو جو

سندس گهران نااميد ٿي مون ڏانهن پڳو آهي صلاح پڇڻ، تَنهن جو ڪهڙو بلو ڪجي؟

سوڍي، جيڪا لاڳيتين برساتن جي ٻوڏ جي ڪري ۽ سم نالن جي پلٽي پوڻ جي پاڻيءَ جي ٻوڏ جي ڪري، پُراڻ ڪان پرپرو هڪ پڪي پختي ڳوٺ جي ٻڏي وڃڻ ڪري ميلن جا ميل پاڻي جهاڳي اچي جهڏو - نئون ڪوٽ روڊ جي پاسي ڪان ديوين جون ڪاٺيون وڌي ٺاهيل جُهڳين ۾ رهيل هئي. هوءَ، جيڪا ڪکن ڍڪئي، ماني مڃي واري ۽ عزت پريئي گهرجي جائي هئي.

سوڍي، جنهن سندن مائٽن جي هڪڙي شاديءَ دوران ميرپورخاص ۾ سنگهار کي پهريون پيرو ڏٺو هو ۽ مٿس موهت ٿي پيئي هئي. هوءَ، جنهن سندس دل واري ساهيڙي سلميٰ سان صلاح ڪري، سنگهار جي پيڻ بانوءَ سان لاڳاپو جوڙيو ۽ پوءِ ان جي ئي مدد سان سنگهار سان وات واري ڪرڻ جو وجهه ورتو هو.

سوڍي، جنهن جڏهن سنگهار ڏانهن، پنهنجي اکين ۾ خمار جي مستي پري پرپور نيڻ نهار ڪئي ۽ پنهنجي دل جي دريءَ جون چارئي تاڪيون کولي ڇڏيون هيون، تڏهن سنگهار هڪ ئي نگاهه جي نشتر سان ڏڪيل تتر جيان ڦٽڪڻ ۽ ٻُل ڪائڻ لڳو هو. ۽ پوءِ سنگهار پنهنجي دل جو جهان ڦُرائي لُٽائي جڏهن هٿين خالي موٽي پنهنجي ماڳ سجاول پرسان ڳوٺ پهتو هو، تڏهن سندس ڪايا پلٽ ٿي چڪي هئي. ۽ هوءَ جيڪا پنهنجي مائٽن جي شاديءَ ۾ وڃڻ لاءِ گهران تہ سهي سنيري، ڏاڍا هار سينگار ڪري، ڏاڍن نازن نخرن سان ويئي هئي. پر جڏهن موٽي هئي، تڏهن هوءَ ڪنهن هارايل جوئاري وانگر پنهنجي سموري هَڙَ جُوئا ۾ هارائي، سڪٽن ٿن ڪپڙن ۾، جيئري لاش جيان گهلجي گهر پهتي هئي. تڏهن هوءَ، هوءَ ڪانہ رهي هئي. هُن جو سک ڦٽي پيو هو.

۽ هُو سنگهار، جيڪو گهر پهچي پنهنجا هوش حواس وڃائي ويٺو هو. هُن کي ڪنهن جو ڳالهائڻ سمجهه ۾ ئي ڪونہ پئي آيو. سندس ڪنن ۾ رڳو توتليون وڃي رهيون هيون. نہ ڪاڏي جو هوش نہ پيتي جي خواهش. نيٺ هن اعلان ڪيو، ”مون کي حاجو مور نہ کپي. جي پرڻبس تہ سوڍيءَ سان، نہ تہ منهنجي قبر کوٽڻ جو سعيو ڪريو. آئون پاڻيهي پاڻ کي ٿو ماريان. وڻ ۾ رسو ٻڌي ڦاهو ڪائي ٿو مران. پاڻ تي گاسليٽ هاري تيلي ٿو ڏيان. ٻنيءَ جي دوا پي ٿو مران.“ هڪڙيءَ تي هيءُ، تہ ٻيءَ تي سندس مائٽ. ماڻس چوي. ”مون کي پري جي ننهن کپي بہ ڪونہ کپي. مون تي منهنجي وَڏِڪ پيڻ حوريءَ وڙڪيو آهي. اڌ ڳالهائي سان پنهنجا آنڊا منهنجي حوالي ڪيا اٿس. بچي شل، حاجو کي ڇڏي، آئون ٿي ٻي ننهن ڪريان! شادي ٿيندي تہ حاجوءَ سان ئي ٿيندي. نہ تہ پلي واندو پيو هلي. چريا کي پنهنجي وس ڇڏبا آهن ڇا؟ حوري تہ ڪٽي منهنجي پيڻ آهي، پر سندس گهر واري کي ڪهڙو جواب ڏبو؟“

پٽس چوي، ”ابا سنگهار، ڪجهه ساڃاهه ڪر. ٿورو سمجهه کان ڪم وٺ. اسان ڇئن پائرن جي وچ ۾ ويهي زبان ڪئي آهي. مٺائي ورهائي پڌري ڪئي آهي. هاڻ جو تون ڪيتو ڪريو ويٺو آهين، تنهن کي ڪير پڇي؟ ابا، مڙسن جي زبان هڪڙي ٿيندي آهي. ماڻهوءَ جي قول تي ئي دنيا جو ڪاروهنوار هلي پيو. ايئن ڪو ٿيندو ڇا؟ تون ڏاهو ٿي. پلا حاجوءَ ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي؟ سدا ملوڪ تہ آهي! تنهنجي جيس آهي. وڏي ڳالهه تہ پنهنجي آهي. گهرجي ڳالهه آهي. ڪاري ڪٽي ڪايو پيئي هوندي. ڪو هُل، هاءِ ديشو ڪونہ ٿيندو. هينئر توکي اوچتو ئي اوچتو اچي سوڍيءَ جي عشق ڪنيو آهي. جي اهڙي ڳالهه هئي تہ پهرين ڳالهه ڪرين ها نہ؟“

هوڏانهن ماسينهيس حوري ۽ ماسڙ هاشم بہ اَرَ تَرَ ڏيئي ويهي رهيا. ۽ پوءِ نيٺ هڪڙي گُهمري تہ حاجو بہ ڪيس ڦري آئي. پر سيني کي ٺِپيو! سنگهار جي هڪڙي ئي ٻولي، ”مون کي کپي تہ سوڍي کپي، نہ تہ منهنجي قبر کٽو. آئون اجهو تو دوا پيان، تيلي ڏيان، يا ڦاهو کان.“

سيئي منجهي پيا تہ هاڻ ڇا ڪجي؟ ڇورو تہ مرڳو هٿن مان پيو وڃي. ڪنهن صلاح ڏني تہ، ”سنگهار پلي پيو پؤنڪي. اوهين رڳو بہ پائر سڏي، ملئون گهرائي حاجوءَ سان نڪاح وجهي ڪٽي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪريون. ڏنيون منيون ٿينديون آهن. چڪي ڏسندو تہ پاڻ ئي گس تي اچي ويندو.“

سنگهارَ کي جا سُڌس پيئي تہ سانجهيءَ ڌاري تنهنجو بِلو ٿا ڪن. زوريءَ ٿا حاجوءَ سان تنهنجو نڪاح وجهن. سونہ ٿئي ٻچڙو، ڊوڙي وڃي وٿاڻ مان ڍڳي جو رسو ڪنيائين ۽ سَٺَ ڏيئي گهران نڪتو. اهو تہ پلو ٿئي عمر فقير جو، جنهن بروقت سنگهار کي پريان بيٺل نم تي چڙهندي ڏسي ورتو. تنهن وٺي جو ’ورتو ورتو‘ ڪئي ۽ هڪلون ڪري همراهه گڏ ڪري وڌائين، جن ڊوڙي وڃي سنگهار کي بچائي ورتو. سنگهار جي اهڙي ڪوشش ڪيس حاجوءَ سان نڪاح وجهڻ کان تہ بچائي ورتو. پر ماڻس هَٺَ تان هيٺ لهي ئي نہ چوي تہ، ”سنگهار مري تہ پلي مري، منهنجو ٻيو پٽ بہ ويٺو آهي. ۽ ٻي ڳالهه تہ آئون اجا اهڙي پوڙهي ٺوٻ بہ ڪانہ ٿي آهيان. جي کپيو تہ ٻيو پٽ ڄڻي بہ وجهنديس. باقي سوڍي اهو ڏونئرو پڇي ڪائي تہ ڪو هوءَ منهنجي پٽ سان لانئون لهندي.“

سنگهار جي پيءَ ڳوٺ راڄ جا پائر گڏ ڪيا. سنگهار جا چاچا، ماما، سؤٺ ماسات اچي ڪٺا ٿيا. پر نہ سنگهار سوڍيءَ تان هٿ ڪڻي ۽ نہ ئي وري ماڻس سوڍيءَ کي قبولي. ايئن ڪندي ڪندي نيٺ پائر برادر بہ بيزار ٿي پڇي پرپرو ٿي ويهي رهيا. سنگهار جو پيءُ ٻنهي پاسي ٻيوس ۽ مجبور ٿيو پئي اول پتڻ ٿيو. باقي سنگهار ۽ سندس ماءُ جو گهر ۾ سنجهي صبح ڏانديئپو لڳو پيو هوندو هو. سنگهار چئي تہ آئون ٿو پاڻ کي ماريان ۽ ماڻس چوي تہ آئون ٿي وِهَ جو وٽو پيئان.

۽ پوءِ نيٺ سَنگهار جي سرسي ٿي ۽ ماڻس مات ڪائي مات ڪري ويهي رهي. پرپوءِ بہ هن پنهنجي دل مان بغض ڪونہ ڪڍيو. لوڪ لکا خاطر في الحال زهر جو ڍُڪ تہ پري ورتائين، پر دل سان سوڍيءَ کي قبول ڪونہ ڪيائين. پوءِ چار پائر گڏجي ويا سوڍيءَ جو سڱ گهرڻ. بہ ٽي پيرا اچڻ وڃڻ کان پوءِ هاڪار ٿي ۽ ڳالهه پڪي ڪري، مٺائي ورهائي، اهو فيصلو ڪيو ويو تہ هِن ڪُتيءَ (سال 2011ع) جا فصل ڪٽي شادي ڪنداسين.

پر ڪُتي اچا بہ اڍائي مهينا پري هئي. تيستائين برساتن اچي ٻَرَ پڇايا. ٿَرَ ٿاڌيليون ڪيون. سنگهارن جي سک جا سانپاها ڪيا. مارؤئڙا، سانگيئڙا ۽ جهانگيئڙا ۽ خوشيءَ وچان جهمريون پائڻ لڳا. ڊاٽياٽيون ۽ ٿاريليون پنهنجي پنهنجي چونئرن اڳيان ڏانديو ڪُڏڻ لڳيون. سندن ملوڪڙن مهاندن جون مُرڪون اجايلن جون اُجون اجهائڻ لڳيون. پنهنجي پرمِ سپ ڪو خوش. هر ڪو ٻانهن پيو لوڏي تہ هيلَ واهه جو وارو ملندو. مينهن جو پلا پيا وسن.

پر اِها خبر تہ ڪنهن کي ڪانہ هئي تہ هيلو ڪا مينهن، مينهن نہ پر آفتون آهن. سانوڻيءَ جا وسڪارا خوشحاليءَ بدران بدحاليءَ جي علامت بڻجي ويندا. هڪڙو مينهن وٺو، ٻيو منهن وٺو، ٽيون مينهن وٺو ۽ پوءِ لاڳيتو وسندو ئي رهيو. پهريائين هيٺانهون، ترايون ۽ ڍنڍون ڊورا پريا. پوءِ هيٺاهين ۽ مٿانهين جا پڪا پانچا گڏجي ويا. ٻنا ٻوڙ ٿي ويئي. گس ۽ پيچرا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا. سِمَ ناليون پرجي وهڻ لڳيون. سِمَ نالا پلٽڻ لڳا. هيٺانهين جا ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچڻ لڳا. مٿانهان پڪا ڳوٺ بہ پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويا. ننديا وڏا شهر بہ ٻڏڻ لڳا. ضلعن جي هيڊ ڪوارٽرن بدين، ميرپورخاص، ٽنڊو محمد خان، سانگهڙ، مٽياري، ٽنڊوالهيار ۽ ٺٽي جي ٻن تعلقن سان گڏ بينظير آباد ۾ بہ ٻيڙيون هلڻ لڳيون. .L.O.B.D ۽ R.O.B.D سِمَ نالن بي انداز پاڻي آڻي لاڙ ۾ گڏ ڪيو. هزارين وسنديون، بستيون، ڳوٺ، واهڻ ۽ شهر پاڻي هيٺ اچي ويا. سوين ڳوٺن جا نشان ئي مٽجي ويا. لکين پالتو جانور مري ويا. ڪروڙين انسان بي گهر. بيوس ۽ بي سهارا ٿي ويا. پر هيلوڪا مينهن لاڳيتا وسندا ئي رهيا. ٻنوري کان وٺي پڳڙا ميمڻ تائين،

بدين کان وٺي بي نظير آباد تائين، مٽياريءَ کان وٺي مٺيءَ تائين، جهول کان وٺي جهڏي تائين، ٽِڳو سر (سنگهاڙ) کان وٺي ٽڙخواهه (جاتي، ٽنڊو) تائين رڳو پاڻي ئي پاڻي، اچ ئي اچ! هر طرف کان، هر پاسي کان رڳو مال ڍورن جون رنڀون، ٻارڙن جون ٻاڪارون ۽ ڪيهون. عورتن جون دانهون ڪوڪون ۽ مردن ۽ پوڙهن بيمارن جون ڪنجهڪارون. . . هڪڙي قسم جو ڪهرام هو، ڪربلا هئي. يا قيامت؟ خبر ناهي ڪهڙو امتحان هو؟ ڪهڙي آزمائش هئي؟ ڪهڙو رهيل پلانڊ هو؟ ٻنيون ٻڏي ويون. فصلن مان ڪا به شيءِ ڪانه بچي. بازاريون پٽڀانگ ٿي ويون. اجها اجڙي ويا. مال ڍور لڙهي ويا. ماڻهو- ڪي پاڻيءَ ۾ ٻڏي مئا، ڪي پاڻي سُرڪ لاءِ تڙپي تڙپي مئا. ڪي بکن وگهي مئا. ڪي بيمارين جو بک ٿيا. ڪي قرجي لٽجي هٿين خالي ٿي ويا. ڪي ماني گراهه لاءِ آتا. امدادي سامان ورهائڻ وارن جي لنين ۽ گولين جو شڪار ٿيا. (سانگهڙ وارو واقعو، جنهن ۾ هڪ وڏيري جي گارڊن هڪ شخص کي گوليون هڻي ماري ڇڏيو هو.) ڪيئن پردي دار عورتن جو پردو، پردو نه رهيو. ڪيترن عزت دار ۽ خوددار خاندانن جي مڙسالن کي ٻچن جو بک کان بي حال ٿي دانهون ڪرڻ ٿي، پنهنجي عزت ۽ خودداريءَ کي پاسيرو ڪري پاروٽي ۽ ڊپ واري پيٽ گراهه خاطر ڪنڌ هيٺ ڪري هٿ ڊگهيرڻو پيو. پنهنجي پڪن گهرن جي ڪمرن ۾ بجليءَ جي پکن هيٺان آرامده بسترن تي سمهندڙ سنڌ جي سنگهارين کي، پڪن روڊن جي پاسن کان اڏيل جهڳين مٿان رليون ٽنگي، اگهاڙي آسمان هيٺ، ضروري حاجت لاءِ به ڪا پيٽي نه هئڻ ڪري پريشان، وسندڙ مينهن جي اوڙڪن، مڇرن جي ڪٽڪن ۽ ڪاٽڪو نگاهن جي نشترن جو مقابلو ڪرڻو پيو.

هيل سال جي برساتي ٻوڏ، سِم نالن تي قبضا ڪري پاڻيءَ جو گس بند ڪري، پاڻي اٿلڻ تي مجبور ڪري پيدا ڪيل ٻوڏ، حڪومتي جيالن ۽ غير حڪومتي پهچ وارن پنهنجون ملڪيتون ۽ ٻنيون بچائڻ خاطر هتراڏا ڪٽ ڏيئي پيدا ڪيل ٻوڏ ۽ سرنديءَ وارن پنهنجي ٻنين مان لنگهڻ جو گس نه ڏيئي پيدا ڪيل ٻوڏ جيڪي سنڌ جي ماڻهن سال هاڃا ڪيا، جيڪي ڪربلائون آنديون سي سڀ پنهنجي جاءِ تي هڪڙيون نه وسرندڙ سچيون ڪهاڻيون آهن. پر هيلوڪي برساتي ٻوڏ مختلف ماڻهن جي چهرن تان ماسڪ لاهي ڪين بي نقاب ڪري سندن اصلي چهرا به ظاهر ڪري ڇڏيا. انهن کي ڏسي ڪٿي ڪٿي ته فخر مان ڳاٽ اوچو ٿيو ٿي ويو. پر تمام گهٽين جاين تي ماڻهن جا مڪروهه، غليظ، غلاظت سان ٿڦيل ۽ ڪراهت آٽيندڙ چهرا ڏسي انسانيت شرم کان ڪنڌ جهڪائي رت جا ڳوڙها ڳاڙهڻ لڳي هئي.

اهڙيءَ صورتحال جو شڪار سوڍي ۽ سندس ڳوٺ وارا به ٿيا. سندن ڳوٺ جون سون اپائيندڙ ٻنيون ته ٻڏي ويون، پر سڄي ڳوٺ ۾ پنج فوٽ پاڻي بيهجي ويو هو. ڪيڏانهن به نيڪال جو ڪو ذريعو ڪونه هو. سندن هڪڙي مِٽئي ميرپورخاص ۾ هئي، جيڪي خود پاڻيءَ جي گهيري ۾ هئا. ٻي مِٽئي سجاول جي پرسان رهندڙ سنگهارَ وارن سان هئي. شروع ۾ انهن ڪوشش به ڪئي هئي ته سنگهار جن وٽ هلي پناهه وٺجي ۽ ڏکيو ٽائيم گذاري اچجي. پر جڏهن خبر لهڻ لاءِ اچڻ واري اچي سنگهار جي ماءُ جو اڍنگو رويو اکين سان ڏٺو، تنهن واپس وڃي همراهن کي چيو، ”پلي بک پرم جي، شال نه وڃي شان.“ جيئون توڙي مرون، پر اوڏانهن ڪونه هلنداسين. مهلون مڙسن تي اينديون آهن. هي ڏکيا ڏينهن به ماڪ جي ڦُڙنگر وانگر ويندا گذري. قدرت کي جيڪو ڪرڻو هو، سو ڪري وڃي دنگ ڪيائين. جيترا بچڙا ٿيٽا هئاسين، سي ته ٿي چڪاسين. باقي ماڻهن کي به جيڪو ڪجهه ڪرڻو هجي سو پلي زور لڳائي ڏسن. پر پاڻ هاڻ وڌيڪ اگهاڙا ڪونه ٿينداسين. سو به سنگهارَ وارن ماندان هٿ ڪڏهن به ڪونه ٽنگينداسين.“

اهڙي طرح ٻه مهينا گذري ويا. پر ڳوٺ مان پاڻي نڪري نه سگهيو. جڏهن وڃي سڄ جي تپش تي ڪجهي ڪپي سگهي! تيستائين ڪو گس پنڌ، ڪا پيٽي ۽ ڪو بلو ڪونه ٿي سُجهيو. هن صورتحال ۾، جڏهن ماڻهوءَ کي بچا وات ۾ هجن، پنيءَ ٽڪر تي ساهه جي تند ٽڳندي هجي، ماڻهو شرم ۾ ٻڏندو هجي، مرندو ۽ جيئندو هجي، تڏهن ڪيئن ٿي ڪري سگهجي شادي!؟

۽ اوڏي مهل سنگهار جي ماءُ کي پنهنجي ڳالهه مڃائڻ جو ٻُل ملي ويو. مهيني کن کان گهر ۾ اهوئي ذڪر شاديءَ جو. سنگهار ۽ پٽس جي ٻنهي ماني وهُ ڪري ڏنائين. اٿندي ويهندي طعنا، ميهڻا، ٽوڪون، ٺٺوليون ۽ الاجي ڇا جو ڇا!

”بس چئون ته هينئر جو هينئر شادي ڪري ڏين. سو به ڏيج پوٽ سان، سون ميڻ سان، سامان مڙي سان. نلهي گنديءَ ۾ ويڙهي ڏيڻ بدران پلي پُراڻ جي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏينس. پر اهي مئا بکيا پينگا، جيڪي پنيون پاروٺو پيٽ ڪايو نٽا ڍاپن، سي ڏيندا به ڪجاڙو. بي ڳالهه ته آئون ڇڄ وٺي وڃي پڪي رستي جي پير ۾ پونگين ۾ ٺورو ئي ڪو لاهيندس؟ وڏي شان مان وارا شاميانا اڏيندس. دهل شرنايون گهرائيندس. گاڏين جون قطارون پري ويندس. سو مون کي اهڙن مٿي اگهاڙن وٽ وڃي خوار ٿيڻو ڪونهي. اهو اسانجو شان ڪونهي. اي ٻڌين پيو ڳهوٽ جا پيءُ!؟ نلهي ٻانهن پئي لُڏني. مٿان ڪنهن پُل ۾ هجين. جيڪو چوان پيئي، تنهن مان هڪڙو اکر به پوئتي ڪانه هٽنديس. تڏهن ته چوان ٿي ته مون وري به پيٽم حوري ۽ سندس گهر واري کي راضي ڪيو آهي. ڇڏيو هُن رَن نياڳيءَ جي پچر. جڏهن پاڻ کي گهر جو گهر ۾ سدا ملوڪ ڪنوار سان گڏ ڪوڙ ساري ڌن دولت به ملي پيئي ته پوءِ هرو ڀرو چو اچي ڇتا ٿيا آهيو؟“

هڪڙي ڏينهن سنگهار سندس ماءُ جي ڳالهين مان ايترو ته بيزار ٿيو جو ماندان رڪيل ماني به ڪٽي پري اڇلايائين ۽ پنهنجي مُنهن وقلندي وڃي ڌوتل ڪپڙا ڪڍيائين. ڪپڙا بدلائي سٽ ڏيئي گهران نڪتو ۽ سجاول پهچي وڃي بدين واري بس ۾ چڙهيو.

شام جو سج لٿي کان ٿورو اڳ وڃي سوڍيءَ وارن وٽ سهڙيو. همراهن ساڻس هٿ پليڪار ڪئي ۽ خوش خير عافيت به پڇي. حال احوال پڇيائونس. پر سنگهار محسوس ڪيو ته همراهن جي ڳالهائڻ ۾ اڳوٽي گرم جوشي ۽ قرب ڪونه هو. هُن جي زبان ۾ ڪندا چُڀڻ لڳا. هُن جي نڙيءَ ۾ ڪانديرا موڙڻ لڳا. هُن جو آواز گُهٽجي رهيو هو. هُن رڳو 'هون، هان' پيئي ڪئي. پر دل جهلي، دل واري ڪنهن سان به سلي نه سگهيو. ائين منجهيل منجهيل پئي لڳو. خير، ٽڪر پاڻي به، جهڙو هو، گڏجي ڪاڌائون. ۽ جڏهن رات جي ڪاري ڪانوَ پنهنجا پک پکيڙڻ شروع ڪيا، تڏهن هُو به بين سان گڏ ڌهي پيو.

صبح جو جڏهن سڀ مڙسالا ڳپي جي ڳولا ۾ هٽ پير هٽڻ ڪاڻ مختلف ڏسائن ڏانهن روانا ٿيا، تڏهن سنگهار اچي سوڍيءَ جي پير ورتي. جهڳيءَ کان ٿورو پريرو هڪ ديويءَ جي اڏو گابرو چانولي ۾ ويهي ساڻس سور سلڻ لڳو. . . . ۽ پوءِ، ۽ پوءِ، ڳچ دير تائين سنگهار جي مُنهن ۾ نهارڻ بعد، سوڍيءَ ڳيت ڏيئي، وات ۾ گڏ ٿي ويل پڪَ ڳڙڪائي. ليڪن ائين پئي لڳو ته هُن رڳو ڦيڻ ڪانه ڳڙڪائي هئي پر جهڙو ڪر سوڍيءَ حاليه ٻه مهينا جنهن دوزخ ۾ گذاريا هئا، انهن جا سمورا عذاب، اذيتون، پو ڳنائون ۽ پيڙائون به هن ڳيت سان گڏ ڳڙڪائي ڇڏيون هيون. سوڍيءَ هلڪي ڪنگهار ڪري نڙي صاف ڪئي ۽ نڪ ۾ مڙي آيل سِنگهَه کي ڪڍي ڦٽو ڪيائين. پوتيءَ جي پلانڊ سان پنهنجا ڳوڙها اگهي، جُهڪ وجهي سنگهار جي اکين ۾ نهاريائين، جنهن پهريون پيرو ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏانهس نهاريو.

”پوءِ آخر تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي؟“

”مون کي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي سوڍي، مون کي رڳو ايتري خبر آهي ته آئون تو کان سواءِ جي ڪونه سگهندس ۽ بس.“

”پوءِ تنهنجي ماءُ پيءُ ۽ مائٽ؟“

”امان تو کي ڪڏهن به ڪانه قبوليندي.“

”تہ پوءِ تون سندس چيو مڃي حاجو سان شادي ڪري ڇڏ.“

”ايئن مون کان ڪونہ ٿيندو.“

”پوءِ ڇا ڪندين؟“

”آئون تنهنجي آسري تي، تنهنجي پروسي تي پنهنجو گهر ڇڏي آيو آهيان.“

”ڇا؟“

”آئون توسان گڏ رهڻ چاهيان ٿو.“

”ڇا؟“

”آئون توسان گڏ رهڻ چاهيان ٿو. ڀلي کهڙيون بہ حالتون هجن. ڀلي کهڙيون بہ قيامتون اسان تان گذرن. منهنجو توسان سر لڳي. آئون سيني کان اڳيان ٿي کمائيندس ۽ جيڪا رَبَ پاڻي کمائي آڻيندس، سيني کي پڇاڙيءَ ۾ بچيو تہ کائيندس. نہ، تہ بہ ٻڙڪ ٻاهر ڪونہ ڪيندس. اِهو منهنجو قول آهي توسان! تون رڳو پنهنجن مائٽن کي سمجهائي تہ هو امان جي رويي جي سزا مون کي نہ ڏين. آئون انهن کي ڇڏي آيو آهيان. آئون وري اوڏانهن ڪونہ ويندس. آئون وري اوڏانهن ڪونہ ويندس.“

”اي، ڇوين ڇا ٿو؟“

”ڪالهہ کان آئون ڏسان پيو تہ تنهنجا مائٽ مون کي گهٽو مُنهن ڪونہ پيا ڏين. جهڙوڪر اسان جي وچ ۾ اوپرائپ جو صحرا پکڙيو پيو آهي. تون پنهنجي مائٽن کي سمجهائي تہ هو مون کي پنهنجو ڪن. هاڻي اِهي ئي منهنجا مائٽ آهن سوڍي!“ ڪجهہ دير ساهيءَ کان پوءِ وري چيائين، ”جي تنهنجي مائٽن مون کي پنهنجو نہ ڪيو، تہ بہ، آئون وري واپس ڪونہ ويندس. هتي ئي، تنهنجي مانذان پاڻ ئي پاڻ کي ماري ڇڏيندس. اهو منهنجو وچن آهي توسان. اها منهنجي مڙساڻي زبان آهي توسان. ۽ مرد جي زبان هڪڙي هوندي آهي.“ ايئن چئي سنگهارَ نماڻان نيڻ ڪٽي سوڍيءَ ڏانهن نهاريو، جيڪا مسلسل ڪيس حيرت ۽ اچرج مان تَڪي رهي هئي.

۽ هوءَ سوڍي، جنهن پهرين سنگهارَ جي بيوسي ۽ ڪانئرتا تي پڇتاءُ جا ڳوڙها پئي ڳاڙيا. پنهنجي پسند جي بي همتيءَ تي هنجون پئي هاريون. ۽ پنهنجي پاڻ کي اڪيلائيءَ جي احساس جي آرامشين سان ڳترا ڳترا ٿيندو پئي محسوس ڪيو. تنهن سوڍيءَ جي ملوڪڙن چپڙن تي مُرڪن جون ديلون ٽلڻ لڳيون. هن جي اندر جي اڱر تي مور نچڻ لڳا. هن جي اکين جي ايوانن ۾ گلاب جا گل ٽِڙڻ لڳا ۽ هُن، سوڍيءَ، ويجهو ٿي سنگهار جو هٿ پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ سوگهو جهليو. ■

## حنيف عاطر کي واڌايون

مشهور شاعر ۽ سوجهرو ساٿي حنيف عاطر کي پوٽي ڄمڻ جون واڌايون.

-ادارو




### ڊاڪٽر رخسانہ پريت

دکي هر فرد سان رشتا
اسان جا درد سان رستا

وڇوڙي ڄڻ ڇڏيا جوڙي
ها موسم زرد سان رشتا

وري سڀ ياد پئجي ويا
سياري سرد سان، رشتا

سڄو ماحولِ ميرو پر
زمين جي گرد سان رشتا

پڇو هر ڪنهن پئي، کهڙا
انهيءَ 'همدرد' سان رشتا؟

نڀايا پريت ڪيئن آخر
پرينءَ بي درد سان رشتا.



ويساهہ گهاتي
سڄي حياتي
لڇيا اندر ۾
وڄهون جهاتي
ٻڪن ۾ ٿي ويو.
هو آپگهاتي
ها ساهہ سوڙها
ڇڳي ٿئي ڇاتي
ڪو مال ميڙي
نڄو ۽ ذاتي
ڦِٽي ڪيل ڪنهن
حيات پاتي.
جيئرن جي دنيا
لڳي مماتي
هي درد هاٺي
گهرن جو ڀاتي.

***

# اڪيلائي کان بچي ويل ماڻهو

## لياقت رضوي

اوڻونجاهه سالن جي عمرالدين جي، ايم آر ڊي ڊيءَ دوران گولي لڳڻ ڪري گوڏي وٺان، جيڪڏهن ڪاپي ٽنگ نہ ڪٽي وئي هجي ها تہ حڪومت پاران اعلانيل سستي اٽي جي ڏهہ ڪلو جو پيڪيٽ وٺڻ، هو پاڻ وڃي ها. مَڙهيءَ ماءُ کي موڪلڻ جو قطعي ڪونہ سوچي ها. موڪلڻ لاءِ تہ هو پنهنجي ستاويهن سالن جي جاڙن پٽن، قاسم ۽ عباس مان ڪنهن کي بہ موڪلي پئي سگهيو، پر اهي ٻيئي جمهوريت جي راڻيءَ جو استقبال ڪرڻ ڪراچيءَ ويا هئا ۽ ارڙهين آڪٽوبر جي سانجهيءَ ۾ سمائجي ويا هئا. يا وري موڪلڻ لاءِ، هو زال کي بہ موڪلي پئي سگهيو، پر ستاويهين ڊسمبر تي هڪ لعنتي گوليءَ هلڻ ڪري، هڪ ٻئي پويان ٻہ عورتون ڪريون هيون، هڪڙي ڪليل سن روف مان، بليٽ پروف گاڏيءَ ۾ ۽ ٻي عمرالدين جي ڪکائين گهر جي ڪچي پڌر تي.

ائين ٽيويهن سالن جي عمر ۾ ٽي.بيءَ وگهي فوت ٿي ويل پنهنجي ڌيءُ ساران، آري جي مشين ۾ پراسرار طرح ڪٽجي ويل سورهن سالن جي پٽ اصغر يا وري پنهنجي اٺن سالن جي پوٽي اڪبر ۽ ڇهن ۽ ڇئن سالن جي پوٽين کي موڪلڻ لاءِ، ظاهر آهي تہ عمرالدين سوچي بہ ڪونہ پئي سگهيو.

برابر جهڙي هن جي طبيعت هئي تہ ماءُ کي موڪليندي، ڪيس تڪليف پئي آئي پر غربت جهڙي بدقسمت مجبوريءَ تحت نيٺ هن خود کي ڪنهن طرح راضي ڪري ورتو. پوٽي اڪبر کي ٻن ٽن سڏن ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن ڪيس ڪنهن بہ جواب ڪونہ ڏنو تہ هو سمجهي ويو تہ ٽيئي ٻار، گهٽيءَ ۾ ڪيڏڻ ويا هوندا. ٽيئي ٻار اسڪول ڪونہ ويندا هئا. ٽنهي جون رانديون بہ اهڙيون هونديون هيون، جيڪي سڄو ڏينهن هلنديون هيون. اهي دراصل راندين ۾ رانديون هيون، جيڪي گهٽيءَ کان مين چوراهي تائين ۽ وري ڏکڻ ڏي چاچي عيدن جي هوٽل تائين ڪيڏيون وينديون هيون. انهن راندين ۾ پاڙي جا فقط اهڙا ٻار ئي شامل هوندا هئا، جيڪي اسڪول ڪڏهن بہ ڪونہ ويندا هئا. عمرالدين کي پلي ٻارن پڙهائڻ جو اونو ڪونہ هو پر جمهوريت جو ڪيس وڏو فڪر هو. ٽنگ جي قربانيءَ ڪانپوءِ الائي چو هن خود کي ان فڪر کان بہ آزاد ڪري ڇڏيو هو. غربت مان البت هو ڪڏهن بہ آجو ڪونہ ٿيو هو. پنهنجي بوسيده ڪوٺڙيءَ مان ٽڪ ٽڪ ڪندي ٻاهر نڪري جڏهن هو ماءُ جي هڪ اهڙي ئي بوسيده ٻي ڪوٺڙي ڏي وڃڻ لڳو تہ هن جي ساڄي هٿ ۾ سؤُ جو ميرو گهنجيل نوٽ بہ هئو.

ڪمزور ۽ ويران روشنيءَ سندس ماءُ جي ڪوٺڙيءَ کي بہ ساڳئي منحوس اونداهيءَ ۾ ڍڪي رکيو هو. انهن ڪوٺڙين ۾ الائي ڪيترن سالن کان، ڏينهن صحيح طرح داخل ئي ڪونہ ٿيو هو. ماءُ جي ڪوٺڙيءَ ۾ ماءُ کي نہ ڏسي، عادت موجب هن کي ڪاوڙ آئي ۽ عادت موجب هو ان کي پي ويو. هڪ ناگزير قانون تحت اٽپڙهيل عمر الدين کي خبر هئي تہ هن وقت ماڻس، جي پنهنجيءَ کٽ تي ڪانهي تہ معنيٰ 'چاچي عيدن' جي هوٽل تي چانهن پيئڻ وئي هوندي. عيدن، جيڪو ستهتر سالن جي سفوران کي 'امان سفوران' چوندو هو ۽ سندن پاڙي ۾ رهندو هو، سو عمرالدين جو هم عمر هو. ننڍپڻ ۾ تہ هو ڏاڍا گهاٽا دوست هئا، پر وڏا ٿي ڇڍا ٿي ويا هئا. عيدن امان سفوران سان سدائين ائين ئي پيش ايندو هو، جيئن ننڍي هوندي ايندو هو. عمر الدين جي گهر ۾ اهڙي ڪا بہ شيءِ ڪونہ هئي، جنهن جي چوريءَ ٿيڻ جو ڀؤُ هجي، تنهنڪري (شايد) عمر الدين گهر کليل ڇڏي، ٽڪ ٽڪ ڪندو گهٽيءَ ۾ ٻاهر آيو. سندس ڪاٺ جي گهوڙيءَ جي ان ٽڪ ٽڪ کي سڄو پاڙو عمرالدين طور سڃاڻيندو هو. ۽ عمرالدين پنهنجي گهوڙيءَ کي جمهوريت جوانعام ڪوٺيندو هو پر اها پراڻي ڳالهہ آهي. هاڻي عمرالدين کان بہ وسري وئي آهي. گهٽيءَ ۾ ويراني ۽ مايوسي، اتي موجود گندگيءَ جهڙيون حقيقتون هيون. ماڻهن جي اچڻ وڃڻ سان، تن تي ڪو فرق ڪونہ ٿي پيو. نہ ڪو وري ماڻهن لاءِ پئي پيو. کليل ناليءَ تي جيڪي ٻار هنگي رهيا هئا. انهن ۾ هن جا پوٽا، پوٽيون ڪونہ هئا (اڪثر هوندا آهن). ليڪن جيڪي هئا، تن هن کي بي حجاب رڙيون ڪري ٻڌايو تہ، 'ناني سفوران، ٽنهي ٻارن سميت، پاڙي جي ٻين ماين سان گڏ، سستو اٽو وٺڻ وئي آهي.' عمرالدين بنان پنهنجي بيوقوفيءَ تي غور ڪندي، ساڳئي طرح رڙيون ڪري ٻارن کان پڇيو تہ، امان پئسا ڪٿان آندا جو اٽو وٺڻ وئي. هان؟

ٻارن کي ڪهڙي خبر، هو چپ ٿي ويا. عمرالدين بغير ڪاوڙ جي ڪين بدشد ڳالهائيندو، ٽڪ ٽڪ ڪندو مين چوراهي ڏي وڃڻ لڳو. هن کي حيرت، ڪاوڙ ۽ ڏک هڪ جيتري نموني پڪوڙي ڇڏيو. هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ماڻس، بنان پئسن ۽ بنان ٻڌائڻ ڪئين ٿي وڃي سگهي ۽ اهو بہ ٻارڙن کي ساڻ ڪري! جيترو هن سوچيو پئي اوتري هن کي مونجهہ پئي محسوس ٿي. هو وهمي بہ ٿي چڪو هو، ڪمزور بہ هو، غريب بہ هو ۽ مايوس بہ هو. ان ڪري هن جا سمورا خيالات منفي هئا. پوءِ بہ هن، ماءُ ۽ ٻارن بابت انديشن ۽ وسوسن سان ڀريل خيالات کي ڪونہ پئي سوچڻ چاهيو، جيڪي هر ٽڪ تي هنجي دماغ ۾ ائين ٿي لهي ويا جيئن متر ڪي سان، ڪاٺ ۾ ڪوڪو لهي ويندو آهي.

عيدن جي هوٽل تائين هو ڪيئن پهتو، انجي ڪيس بہ خبر ڪونہ هئي. هوٽل جي ٻاهران، نالي مٿان ڏڪي ٿاهي ويٺل موچيءَ، جڏهن عيدن کان سؤُ روپيا وٺي، ٻارن سميت ماڻس جي اٽي وٺڻ لاءِ وڃڻ جو ٻڌائي جڻ تصديق ڪئي هئي، تڏهن هن پريشان ٿيڻ بجاءِ هوٽل تي رکيل ٽي وي ۾، سستي اٽي تي گڏ ٿيل رش جي براهِراست منظرن ۾ گم ٿيڻ کي ترجيح ڏني هئي.

پنهنجي پڳل ڪانيءَ واري پري جي نظر واري چشمي جي وساري اچڻ کي ياد ڪندي، پنهنجيون اکيون چنجهيون ڪندي، هو رنگين ٽي وي کي غور سان ڏسڻ لڳو، ان اميد سان تہ متان سندس ڪمزور نظر پنهنجي دردن ماريءَ ماءُ، تي پوي. جنهن ٽيهہ سال اڳ پنهنجي مڙس (هن پٽي جي ڦاسي واري ڏينهن احتجاجن پاڻکي زنده ساڙي ڇڏيو هو) پوءِ پٽن، ڌيئن، پوٽن، ڏوهٽن، پاڙي اوڙي ۾ الائي ڪيترن جا موت ڏٺا هئا. الائي ڪيتري غربت ڏٺي هئي. الائي ڪيتري بيوسي برداشت ڪئي. منڊڙي عمرالدين ماءُ کي ڏسڻ لاءِ اکين تي گهڻو زور ڏنو ۽ ڌنڌلي اسڪرين تي پري کان، سستي اٽي وٺڻ لاءِ آيلن تي امالڪ پوليس جڏهن لاٺي چارج شروع ڪئي تہ آيل انبوهہ، جنهن ۾ بہ گهڻائي عورتن جي هئي، وٺي ڀاڄ ڪاڏي، ٻار، جيڪي بہ جهجهي تعداد ۾ هئا، ڪي ڪريا، ڪي ڪرڻ کان بچايا ويا. پر عمرالدين ان منظر کي ڪونہ سمجهيو. نہ تہ هن کي پنهنجي جوانيءَ ۾ جمهوري جلسن تي ڪڙڪندڙ آرمي ۽ ايف سيءَ جا ظلم ياد اچن ها. هن جي پري جي نظر خراب هئي. ٽي وي کان ۽ رنگن کان سواءِ سوبہ ڌنڌلو، هن کي ٻيو ڪجهہ نظر ڪين ٿي آيو. انهيءَ ڪري براهہ راست ڏيکاريندڙ ڪئمرامئن جي مڙسي جي باوجود، هو ٻارن کي پيهہ ۾ ڪرندي ۽ ماءُ کي مٽي ۾ پوليس جو ڏنڊو لڳندي ڪونہ ڏسي سگهيو. پري هئڻ ڪري هن رپورٽر جي ابهري آواز کي بہ ڪونہ ٻڌو، جيڪو سفوران کي اجنبي عورت چوندي، ٻڌائي رهيو هو تہ گهٽي رت وهڻ ڪري، اها فوت ٿي چڪي آهي. پيچ پچان ۽ هُبڙ ڌُبڙ ۾ ڪريل ۽ زخمي ٿيل ستن ٻارڙن مان بہ ٽي فوت ٿي ويا هئا، جيڪي عمرالدين جا ئي پوٽو پوٽيون هيا. پر عمرالدين بيخبريءَ سان، ٽي وي ڏسي رهيو هو، جيڪا بہ ڪيس ڌنڌلي پئي نظر آئي. جڏهن تہ عيدن جيئن ئي اها وارتا ڏٺي، هڪدم، غم ۽ غصي جي اچانڪ اڀريل لهر ۾ ايندي ڏسي، عمرالدين کي پنهنجي گوڏ ٻڌل، ميري ۽ گهنجيل سؤ جي نوٽ جي يادگيري آئي. ان سان گڏ ئي ماءُ تي آيل ڪاوڙ بہ ياد آئي. هن فيصلو ڪري ورتو تہ عيدن کي سؤ روپيا منهن تي اڇلائي هٽندو، جيڪي هن، رحم ڪائي ماڻس کي ڏنا هوندا. عيدن، اکين ۾ ڳوڙها ڀري، ماءُ ۽ ٻارن جي مرڻ جو اطلاع ڏيڻ ليڪن عمرالدين تائين ڪونہ پهچندو. چوتہ ان وچ ۾ غير متوقع تيزيءَ سان، پريان موڙ وٽان هڪ اڇي رنگ جي ٽويوٽا ڪرولا، عمرالدين کي ڌوڙجي بادل ۾ ڇڏي گذري ويندي، انجي پويان، ساڳئي تيزي سان پوليس موبائيل بہ ظاهر ٿيندي، سائرن جي آواز ۽ فائرنگ جي نڪاوَن تي روڊ ويران ٿي ويندو، پر منڊڙو عمرالدين پناهہ جي لاءِ هوٽل ۾ اندر ڀڄي ڪونہ وڃي سگهندو، ڏڪيءَ تي ويٺل موچيءَ وانگر.

۽ عيدن، سفوران ۽ ٻارن جي موت تي دکيءَ دل سان، جڏهن ڪري پيل عمرالدين وٽ پهچندو تہ اڪيلائيءَ کان بچي ويل عمرالدين، پنهنجي پويان ڇڏي آيل کليل ککائين گهر ۾ ڪڏهن بہ واپس ڪونہ موٽندو. پر سندس ماءُ ۽ ٻارن جي لاشن وصول ڪرڻ لاءِ، سندس ڪاٺ جي پراڻي گهوڙي، رت ۾ ڳاڙهي، صحيح سلامت رهندي. ■

# شهمير خان

ڊسمبر جو مهينو هو. سردي اوج تي هئي. ٿاڻو درياءَ جي ساڄي بچاءَ بند جي پرسان شهر جي وچ ۾ هڪ پراڻي عمارت ۾ قائم هو. ايس ايڇ او جي وڏي بنگلي جي پرسان هڪ ننڍو باٿ روم ۽ ڪچن تي مشتمل هڪ ڪمري وارو منهنجو ڪوارٽر هو. رات جو نورل خان سان وسڪي پيئڻ ڪري ڏيئڻ جو يارهن تي ويا. بدن ۾ سُستي ۽ اکين ۾ خمار هاب، جاڳيل ته هيس پر ڪمبل مان نڪرڻ لاءِ دل ئي نه پئي چيو. ڪمري جي اندران بند ٿيل در تي هلڪي ٺڪ ٺڪ ٿي ته مان ڪمبل پري ڪري زور ڪندي اٿيس، هلڪي نشن واري ڪيفيت هئي. رات جو گهڻا سگريٽ پيئڻ ڪري وات ۾ ڪوڙاڻ محسوس ٿي رهي هئي. دروازو کوليم ته ڏٽي بخش جيڪو منهنجو بورچي هيو. در ٻاهريان پنهنجي گانگٽ جهڙين مُڇن سان بيٺو هيو. جنهن مون کي ٻڌايو ته ايس ايڇ او صاحب لاڪپ جي پرواري چبوتري ۾ ويٺو آهي ۽ مون کي گهرايو اٿس. مان تڙ تڪڙ ۾ هٿ منهن ڌوئي، ڦٽي ڏئي، راتوڪي پاتل ڪپڙن سان ٻاهر نڪري ويس. ٿاڻي جي پڌر تي رات دير سان ٿيل هلڪي برسات جا نشان هيا آسمان ڪڪرن سان ڀريل، وڌيڪ برسات پوڻ جون آگاهيون ڏئي رهيو هو. ٿاڻي جي لاڪپ پرسان پڪين سرن جي ٿُلن سان اندازن 20x20 فٽن جو هڪ شاندار هال نما چوڪندو چبوترو ٺهيل هيو جنهن جي ٿُلن کي اُڇو چونو ٿيل هيو جيڪو ڪافي ڦٽي ويل هو. ان جي اندر ايس ايڇ او صاحب ڪرسيءَ تي ويٺو هو. ان جي پيرن پرسان تغاريءَ ۾ ٽانڊن جي هلڪي باهه ٻري رهي هئي چبوتري ۾ ٻه ٽي ڪرسيون، موڙا ۽ ٻه کٽون پيل هيون. صاحب جي ساڄي پاسي واري کٽ تي اٽڪل ٽيهن سالن جي عُمر جو هڪ همراه ويٺل هيو، جنهن کي مٿي تي ننڍڙن ڪاون واري تيز ڳاڙهي رنگ جي سنڌي ٽوپي پاتل هئي، هلڪي چاپئين ڪاري ڏاڙهي، وڏيون مُڇون قد جو ڊگهو هڏ ڪاٺ جو مظبوط، ڪٽڪائو رنگ، هٿن ۽ پيرن کي سڌي ميندي لڳل هيس بدن تي تيز نيري رنگ جي ڪپڙن ۾ ڀهراڙيءَ واري علائقي مان آيل ڪنهن سکئي گهر جو ڀاتي لڳي رهيو هيو. ان کان اڳ مون ڪيس ڪڏهن به ڏٺو، مون صاحب کي سُلوٽ ڪيو. همراه کٽ تان لهي مون سان جهڪي مليو. صاحب جي اشاري تي مان سامهون رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهيس، همراه به پنهنجي ساڳي پوزيشن تي کٽ تي وڃي ويهي رهيو. صاحب ڪجهه لمحا گهري سوچ ۾ خاموشيءَ سان ٽانڊن کي تڪيندو رهيو. مان کٽ تي پلٿي هڻي ويٺل همراهه جي منهن ۾ پوليس واري آڪڙيل اکين سان ڏٺو، هڪ پل لاءِ همراهه منهنجي اکين سان اکيون ملائي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. ايس ايڇ او صاحب خاموشي کي ٽوڙيندي آهستگيءَ سان اُن همراهه جو مون سان تعارف ڪرائيندي چيو، "هي شهمير آهي. پنهنجي ٿاڻي جي حدَ ڳوٺ ڪانڊيري خان جو رهندڙ آهي، خون جو جوابدار آهي غيرت جو ڪم ڪيو اٿئين ان ڪري عزت ڏني اٿمانس." مان ايس ايڇ او صاحب جي ڳالهه ٻڌي وري شهمير جي منهن ۾ ڏٺو ته هن دفعي هُن ڪنڌ مٿي ڪري خاموشيءَ سان مونڌي مڙس ماڻهوءَ واري گنڀيرتا سا گهوريو. مون صاحب کان پڇيو، "سَر، لاش جو ڊسپوزل ٿي ويو آهي؟"

"ان لاءِ ته توکي گهرايو آهي." صاحب مونکي چيو، "ايف آءِ آر سرڪار پاران تون داخل ڪندين ان ۾ شهمير جو پاڻمرادو ٿاڻي تي اچي پيش پوڻ جون ذڪر ڪجانءِ، ايف آءِ آر ۾ اِهو لکجانءِ ته شهمير ڏوهه ۾ ڪم آندل هٿيار جي بغير پيش پيو آهي ۽ هُن ٻڌايو آهي ته گذريل رات اسر وَيل پنهنجي زال کي پستول جا فائر ڪري قتل ڪيو آهي، جنهن سان هن جي گذريل رات شادي ٿي هئي. ايف آءِ آر ۾ قتل جو ڪارڻ شهمير جي زباني اِهو لکجانءِ ته نڪاح کان پوءِ لائون لهي جڏهن هو ساهراڻي گهر جي ڪوٺيءَ ۾ زال سان مليو ته هن ڏٺو ته سندس زال ڪنواري نه هئي ۽ ها اِهو به لکجانءِ ته هن وٽ بغير لائيسنس وارو ٽي ٽي پسٽل هميشه هوندو آهي ۽ ان سان شهمير پنهنجي زال کي غيرت ۽ ڪاوڙ ۾ اچي فائر ڪري قتل ڪيو. ٿاڻي ڏانهن ايندي رستي ۾ پستول کي شاخ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيائين. ان سان شهمير تي D13 جو ڪيس به داخل نه ٿيندو. شاهدَ هي توکي پاڻ ٻڌائيندو جيڪي فائرن جي آواز تي ايندا ۽ بعد ۾ ڪورٽ مان ڦري ويندا، شهمير به پنهنجي پوليس کي ڏنل بيان تان ڦري ويندو ۽ اهڙي طرح ڪيس به خارج ٿي ويندو. شهمير جي قبوليت (Confession) ڪورٽ ۾ نه ڪرائجانءِ ۽ نه ئي شاهدن جي CRPC 164 رڪارڊ ڪرائجانءِ". صاحب مون کي هدايتون ڏنيون.

"سرائين نه ڪيون جو بجاءِ سرڪار جي شهمير جو ڪوئي عزيز فريادي بيهاريون ۽ اڳتي هلي ڪورٽ ۾ فريادي ڦري وڃي يا ڇوڪريءَ جا وارث راضي ٿي ويا ته قصاص و ديت آرڊيننس تحت ڪورٽ ۾ بيان ڏئي آرام سان شهمير کي آزاد ڪرائي ڇڏيندس.

"تنهنجي ڳالهه صحيح آهي پر ديگ جا ڪجر هر قوم ۾ آهن. هن وقت ڇوريءَ جي وارثن تي شهمير وارن کي ايڏو ڀروسو ڪونهي ۽ ٻيو ته هن



## انور شيخ

خون ۾ ڪجهه ٻيا به جوابدار آهن. هن طريقي سان اُهي به بچي ويندا. باقي جي ڇوري جي وارثن غيرت ڪئي ته ڪورٽ ۾ اهڙو بيان ڏئي شهمير کي جلدي آجو ڪرائي سگهن ٿا، خير اهي بعد جون ڳالهيون آهن!" صاحب مون کي سمجهائيندي چيو.

مون شهمير جي منهن ۾ نهاريو. شهمير مون کي هٿ ٻڌندي ايلازي انداز سان چيو، "سائين، توهان مالڪ آهيو الله توهان کي طاقت ڏني آهي پاڻ به راڄوٽا ماڻهو آهيو جنهن ۾ منهنجو ڀَلو سمجهو اهو ڪيو." شهمير اڃان ڳالهائڻ پئي چاهيو، پر صاحب ان جي ڳالهه کي اَڌ ۾ ڪٽيندي مون کي حڪم ڏنو، "مان جاءِ واردات تي وڃان ۽ لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائي اچي بعد ۾ ايف آءِ آر داخل ڪريان." صاحب مون کي اٿڻ وقت اهو به چيو، "وڏيري ڪانڊيري خان کان امانت به ڪنيون اچجانءِ." مان چبوتري مان ٻاهر نڪري سنتري کي سڏ ڪيو جيڪو ٿاڻي جي ٻاهرين وڏي در وٽ سگريٽ پي رهيو هيو. مان سنتريءَ کي حڪم ڏنو ته ڪجهه پوليس وارا ۽ پوليس موبائل تيار ڪرائي، وڏي منشي کي به گهرائي. مان ايتري ۾ ڪوارٽر تان وردي پائي ٿو اچان. ڪوارٽر تي اچي جلديءَ ۾ وهنجي ڪاري رنگ جي سلوار قميص واري وردي پائي تيار ٿيس ته ڏٽي بخش بورچي اچي چيو. "سائين ناشتو تيار آهي ٻه ٽي گرنهه کاڌيون وڃو".

"نه ڏٽي بخش ماني موٽي اچي کائيندس، رات دير سان ماني کائڻ ڪري بک ڪونهي" .مان بورچيءَ کي اِهو چئي ڪوارٽر کان ٻاهر نڪتس. موبائل ۾ پوليس وارا ۽ وڏو منشي ڪاغذن سميت تيار ويٺا هئا. اسان ڳوٺ ڪانڊيري طرف روانا ٿياسون. رستي ۾ منهنجي عجيب بيوسي واري ڪيفيت هئي نه چاهيندي به سسٽم ۾ جڪڙندو پئي ويس. بابا جا خيال اچڻ لڳا جيڪو مون کي چوندو

هيو، ”پوليس ظالمن جي ٻيڙو اٿئي. اِها نوڪري نہ ڪر.“ واقعي مان ظالمن جي ٻيڙي ۾ سوار ٿي چڪو هيس. مان جيڪو سگريٽ سان گڏ شراب بہ پيئندو هيس. جن وڏيرن کي سنڌ جي ترقيءَ ۾ آڏي جو دشمن سمجهي ڪاليج ۾ دوستن سان بحث دوران گٿو ڳالهائيندو هيس هاڻي اهي منهنجا يار آهن. مان ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس! سگريٽ دکائي هڪ ڊگهو ڪَشُ هڻي سوچڻ لڳس، ”جيڪڏهن مان ايس ايچ او کي انڪار ڪيان ها تہ ڇاٿي پئي ها هو ڪنهن ٻئي اي ايس آءِ کي اهو ڪرڻ لاءِ چوي ها ۽ مون کي ڏوهارين سان مليل هئڻ جو ڪوڙو الزام هڻي سسپينڊ ڪرائي ڇڏي ها جيڪو عمل مون سان اڳ ۾ باگڙجي ٿاڻي تي ٿي چڪو هو. جڏهن مون هٿيار پڪڙڻ جي مهم دوران ڪوڙي D13 جو ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪيو هيو تہ ڇهہ مهينا سسپينڊ ڪيو ويو هيس. ڪنهن بہ آفيسر منهنجي نہ ٻڌي هئي. وري شاٻس هئي منهنجي دوست وڏيري نورل خان کي جنهن پنهنجي هڪ منسٽر دوست کان فون ڪرائي مون کي بحال ڪرايو هو.

غريب گهر جو فرد هيس الائي ڪيترين مشڪلن کان پوءِ سماجي لحاظ کان چڱي نوڪري ملي هئي جنهن ۾ عزت بہ هئي ۽ اڳتي ترقي بہ هئي. ٻي طرف ڇا هيو؟ بک بيروزگاري ۽ اربيلي جهڙي زندگي جيڪو منهنجو پاڙيسري هيو شناختي ڪارڊ آفيس ۾ ڪلارڪ هوندي. سسٽم کان بغاوت ڪندي ڏارين جا شناختي ڪارڊ ٺاهڻ کان انڪار ڪيائين تہ نوڪريءَ مان ئي ڪڍي ڇڏيو هئائونس. پوءِ هن جو حشر ڪهڙو ٿيو؟ گهر وڪڻي ٺيڪيداري ڪيائين تہ سسٽم هن جي ابتن خيالن جي ڪري اُتي بہ جاءِ نہ ڏنس ۽ هاڻي پيو آهي ساهرن جي گهر، ٽڪن ۽ ٻُجن واري زندگي گهاري. نہ نہ مان ائين نہ ڪندس. اوچتو خيالن مان ڇرڪ ڀري ٻاهر نڪري آيس مون سوچيو، ”جيڪڏهن هن سماج ۾ سروائيو (Survive) ڪرڻو آهي تہ پوءِ سماج جي ڏاڍن سان انهن جي طئي ڪيل اصولن تحت هلڻو پوندو پنهنجي ضمير جي آواز کي دبائڻو پوندو. عجيب ڪشمڪش ۾ رهندو آيو آهيان. هن نوڪري ۾ نہ سسٽم کي ڇڏي سگهيو آهيان نہ ئي اندر جي آواز کي نہ ٻڌڻ لاءِ ڪَنن کي ٻُنجا ڏنا اٿم.

پوليس موبائل هلڪي رفتار سان ڪانديري خان جي ڳوٺ طرف ڪچي سڙڪ سان هلي رهي هئي. رات جو هلڪي برسات پوڻ ڪري زمين تي هلڪي آلاڻ هئي، ڪٿي ڪٿي پاڻيءَ جا ننڍڙا ڍُبا هيا. آسمان تي ڪارا بادل گهاٽا پئي ٿيندا ويا. اسان ڪانديري خان جي ڳوٺ پهچي سنڌس اوطاق تي اچي بيناسون، ڪانديرو خان اوطاق کان ٻاهر نڪري اچي منهنجو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ مونکي اوطاق جي اندر وٺي ويو. اوطاق ڪچن، پڪن سرن سان ٺهيل هئي جنهن ۾ ٽيئر گارڊر واري ڇت سان ورانڊي نما هڪ ڊگهو حال هيو جنهن ۾ ڪافي تعداد ۾ کٽون پيل هيون. حال جي پرسان هڪ ننڍڙو ڪمرو هيو جنهن جو دروازو حال مان هيو. اوطاق جي وڏي اڱڻ ۾ نِمن جا وَڻ گهاٽي ڇانوَ ڪيون بيٺا هيا. نمُ جي هڪ وڻ هيٺان ڳوٺ جا چار پنج ماڻهون مُوڙَنّ تي ويٺا هئا. جيڪي اسان پوليس کي ڏسي هٿ ٻڌي بيهي رهيا. حال ۾ هڪ ڪراڙو کٽ تي ڳچيءَ تائين سَوڙ پاتيون سمهيو پيو هيو ۽ سمهي ئي حُقو پي رهيو هيو، اسان کي بغير ڪوئي تاثر ڏيندي ڏسي رهيو هيو. وڏيرو ڪانديرو خان مون کي ڪمري ۾ وٺي ويو، ڪمري جي ڀتين تي سيمنٽ جي پليستر مٿان گهاٽي سائي رنگ جو ڪَلر ٿيل هيو. ڪمري ۾ بہ صوفا سيٽ ڳاڙهي رنگ جا پيل هيا ۽ سامهون واري ڀت سان هڪ ڊبل بيڊ رکيل هيو. جنهن تي پنڪ (Pink) رنگ جي بيڊ شيٽ وڇايل هئي، مان ۽ ڪانديرو خان هڪ ٻئي جي سامهون صوفن تي ويهي رهياسون. رسمي خوش خير عافيت کان پوءِ وڏيري مون کي چيو، ”وڏي صاحب جي ڪجهہ امانت مون وٽ آهي جيڪا توهان کي ڏيان ٿو بقايا سپاٽي صاحب کي ٿاڻي تي ملي ويندي.“ هن پاسي واري کيسي مان هزار روپئي وارا نوٽ ڪڍيا جن مان ويهہ هزار روپيہ مون کي وڏي صاحب جا ڇئي ڏنائين ۽ پنج هزار روپيہ مون کي منهنجي تيل پاڻيءَ لاءِ ڏنائين ايتري ۾ وڏيري مونکان منهنجي بيڪ گرائونڊ جي باري ۾ ڪجهہ سوال ڪيا. ڳالهين ڳالهين ۾ مون ڪائنس سياست جي باري پڇيو تہ وڏيري وڏو ٽهڪ ڏيندي چيو،

”صوبيدار صاحب، اسانجي سياست آهي ڪهڙي جاڏي وڏو خان اسان ان جي پويان.“

”چڱو ڀلا سائين هاڻي مان جاءِ واردات تي وڃڻ ٿو چاهيان“ مون وڏيري کي چيو، ”ها ڀلي لاش کي بہ ڳپل وقت ٿي چڪو آهي.“

وڏيري اهو چئي مون سا گڏ ٻاهر اوطاق جي اڱڻ ۾ آيو، موڙن تي ويٺل هڪ پڪي عمر جي همراهہ کي سڏي چيائين، ”خيرا، صاحب سان وَڃُ.“

خيرو مونکي پيادل جاءِ واردات طرف وٺي هليو مونسان گڏ ٿي سپاهي ۽ وڏو منشي بہ هلي رهيا هئا. ڳوٺ جي وڏي گهٽي مان گذري رهيا هئاسين، گهٽيءَ جي ٻنهي پاسي ڪچيون پڪيون جايون هيون، گهرن کي ڪچيون ڀتيون عالم پناهہ طور ڏنل هيون. ڪن گهرن کي عالم پناهہ طور وڏا ڊينگهرن جا لوڙها بہ ڏنل هئا. ڀتين ۽ لوڙهن جي پرسان هڪ ڪچي نالي گندي پاڻيءَ جي وهي رهي هئي جنهن جو ڪارو گندو پاڻي ڪٿان ڪٿان نالي‌ءَ مان گهٽيءَ ۾ بہ اچي رهيو هيو، سڄي گهٽي پلال جي ٽڪرن سان ڀريل هئي. جنهن تي مال جا ڇيٽا هنڌ هنڌ ڪريل هئا. خيري اسانکي هڪ وڏي ڪانيءَ جي دروازي وٽ بيهاريو، وڏي دروازي ۾ هڪ ننڍو اٽڪل ست فٽ ڊگهو ٽي فٽ ويڪرو در هيو جنهن کي خيري ڌِڪو ڏئي کوليو اسان سڀ اندر داخل ٿياسين. ٻن ادائي جريبن جي ايراضيءَ ۾ وڏو ويڙهو هيو. هڪ ٻئي کان ٿورڙو مفاصلي تي ڪچيون پڪيون پراڻيون اٽڪل اَٺ ڪن جايون هيون. هر گهر جي سامهون ۽ ڀر ۾ مَنهُون ٺهيل هيون. گهرن جي آڳَر تي مال جا کُونَر پيل هيا. مَنهُنَ ۾ ننڍڙا ڦَر ڪانيءَ جي ڪِلَن ۾ ٻَڌل هئا. آڳر ۾ ڪجهہ هنڌن تي هڏا ٽڙيل پکڙيل پيا هئا.. هنڌ هنڌ ڪالي ٺِڪرن جا ڀاڃوڙا بيترتيب پيا هيا، خالي ديڳن جي ڀَر ۾ ڇانورن جي ڪرڙ نندڙن ڍِڳَن جي شڪل ۾ پئي هئي. خيري هڪ گهر جي ڀَرسان گذرندي مون کي ٻڌايو تہ اهو شهمير جو گهر آهي، گهر ٽن ڪمرن تي مشتمل هيو جنهن جي اڳيان هڪ وڏو ورانڊو ڪچين پڪين سرن سان ٺهيل هيو. گهر جي پاسي ۾ مال جو مَنهُ هيو، گهر کي اندران ۽ ٻاهريان هَلڪي نيري رنگ جو ڪَلرَ ٿيل هيو. سڄي ورانڊي جي ٻاهريان ڇَت کان دَرَنَ جي سر درنَ تائين مختلف رنگن جي بلبڙين جون جهالرون لڙڪيل هيون. گهر جي ورانڊي اندر بہ عورتون رَئي جو پلاند اوڙهيون کٽ تي خاموش ويٺل هيون. ورانڊي جي ڪنڊ ۾ هڪ عورت ٻار کي رَئي جي پينگهي ۾ لوڏي رهي هئي. جيڪو کٽ جي ٻانهينءَ سان ٻڌَل هيو. اُتان گذري خيري اسان کي ڪجهہ پنڌ پري هڪ ٻن ڪُوٺين ۽ ان جي سامهون مَنهُ ٺهيل گهر جي اڳيان اچي بيهاريو ۽ مون کي ٻڌايائين تہ لاش هن ڪوٺيءَ ۾ پيل آهي. ڪوٺيءَ جو ڪانيءَ وارو دروازو ٻيڪڙيل هيو. دروازي کي ڪارو استعمال ٿيل موبل آئل جو مَڪُ ڏنل هو. دروازي جي مٿان ڳاڙهيون سايون ٽڪنديون ننڍڙيون ڪاغذ جون لغڙيون ڌاڳي سان لڙڪيل هيون. مان دروازي کي هَٿَ سان ڌِڪو ڏئي اندر داخل ٿيس ڪوٺيءَ ۾ 100 Voltage جو بلب ٻري رهيو هيو. ڪوٺيءَ ۾ سامهون هڪ وڏي ٽرينڪ رکيل هئي جنهن جي مٿان بہ ننڍيون نيون ٽين جون پيٽيون پيل هيون. پيٽيءَ جي اڳيان دروازي جي ساڄي پاسي هڪ کٽ تي لاش پيل هيو جنهن کي اجرڪ سان ڍڪيو ويو هيو. کٽ جي مٿي واري پاسي کان پائي تي مَٿُو رکيون هڪ ڪراڙي عورت آهستگيءَ سان سڏڪي رهي هئي وَڏي منشيءَ لاش مٿان اَجرڪ کي جڏهن پري ڪيو تہ ڪراڙي عورت زور زور سان دانهون ڪري روئڻ لڳي. لاش تقريبن 18/17 سالن جي نوجوان ڇوڪريءَ جو هيو. سانوري رنگ جي انتهائي خوبصورت نيڻ نقشن واري ڀريل منهن تي

تبت ڪريم جي هلڪي خشڪ اَچاڻ هيس. ڳچيءَ ۾ سونو نِنڍڙو هار، ڪَنن ۾ سونا والا، نڪ ۾ ڦلي، ٻانُهن ۾ سائي ڳاڙهي رنگ جون شيشي واريون چوڙيون پاتل هيس، هٿن پيرن تي ميندي لڳل هيس، تيز ڳاڙهي ڪنوار واري جوڙي ۾ ڇاتيءَ وٽان ٻن فائرن جا سوراخ ٿيل هيس ڪراڙي عورت مونکي روئيندي ٻڌايو، ”آءُ ان نياڳي ڇوڪريءَ جي ماءُ آهيان، رات لائون ڏئي گهوٽ ڪنوار کي ڪوٺيءَ ۾ اڪيلو ڇڏي، جڏهن سڀ وڃي سَوڙِن ۾ سُتا ته هوءَ قرآن ڪٽي جهولي ۾ جهلي مَنهَہَ ۾ ويهي رهي هئي. ڪجھ دير ڪانپوءِ شهمير دروازو کولي ٻاهر هليو ويو ۽ منهنجي ڌيءَ روئيندي ٻاهر اچي مون کي چنبڙي پئي. اچان منهنجي ڌيءَ مونکي ڪجھ ٻڌايو ئي ڪونہ هيو تہ شهمير جنهن کي هٿ ۾ پستل هيو ۽ ان جو ياءُ رجب ۽ چاچو ڪريم ڏنو جن کي هٿن ۾ بندوقون هيون. آيا ڪريم ڏني مون کي جهليو، رجب ۽ شهمير منهنجي ڌيءَ کي وارَن کان جهلي اندر وٺي ويا ۽ پوءِ ماري ڇڏيائونس.“ ڪراڙي وري زور سان روئڻ لڳي، ڪراڙي جي اهڙي دَردَ واري وارتا ٻڌائڻ تي ڪجھ گهڙين لاءِ منهنجو ضمير جاڳي پيو مون ڪيس چيو، ”تون مونسان ٿاڻي تي هَلي اهڙو بيان ڏيندينءَ؟ ۽ فريادي ٿيندينءَ؟“ ڪراڙي هڪدم روئڻ بند ڪري ڪِروڌَ واري ڪيفيت ۾ منهنجي منهن ۾ نهاريندي چيو، ”مان خود بہ فريادي ٿيندس شهموءَ کي ڦاهي ٽنگائيندس.“ مون ڪيس چيو، ”تون مون سان گڏ ٿاڻي تہ هَلُ.“ هُوءَ تيار ٿي وئي، خيرو جيڪو اسان سان گڏ ڪوٺيءَ ۾ بيٺو هيو، سو ٻاهر ڪسڪي ويو. مان لاش ٻاهر ڪيرائڻ لاءِ ٻن سپاهن کي چيو ۽ موبائل ٻاهر در وٽ گهرائڻ لاءِ هڪ سپاهي کي روانو ڪيو. لاش ڪٽائي موبائل ۾ رکرايو، ڪراڙيءَ کي گهرائڻ لاءِ وڏي منشيءَ کي اندر موڪليو ٿوري دير ۾ وڏيرو ڪانديرو خان ڪراڙيءَ جو مڙس ۽ سندس ٻہ پُٽَ ڪراڙيءَ سان گڏ آيا ڪراڙيءَ روئيندي فريادي ٿيڻ کان انڪار ڪيو ۽ مون کي مِنٿون ڪندي چيائين تہ مان وڏيڪ هُن جي ڌيءَ کي وَڏَ ڪُٽَ کان بچايان وڏيري ڪانديري خان هڪ ٻي ڪراڙي عورت ۽ خيري کي اسان سان گڏي ڏنو. جيڪي ٻئي پويان موبائل ۾ سپاهن سان گڏ ويهي رهيا. مان وڏيري کان موڪلائي لاش پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ شهر جي سرڪاري اسپتال آيس جتي لاش چڪاس فارم ۽ دانش نامي تي صحي ڪري ڊاڪٽر کي ڏنو ۽ پوءِ وڏي منشيءَ کي وڌيڪ ڪاروائي مڪمل ڪرڻ لاءِ اسپتال ۾ ويهاري ٿاڻي تي موٽي آيس. بعد ۾ (ايف. آءِ. آر) بہ داخل ٿي، رماند بہ ورتو ويو ۽ آخر ۾ ڪيس چالان بہ ٿي ويو. مان پنهنجي ٿاڻي جي ٻين ڪَمَن ڪارَن سان لڳي ويس اٽڪل مهينو مَسَ ٿيو هوندو تہ شام جو چبوتري ۾ ڪچهري ڪندي ايس ايچ او صاحب مون کي چيو، ”قاسم صاحب، شهمير آزاد ٿي ويو آهي پنهنجي اڄ رات دعوت ڪئي اٿائين سو تون ضرور هلجانءِ.“

”شهمير تمام جلدي نہ ڇُٽي آيو آهي سَرِ.“ مون صاحب کان پڇيو.

”جوابدار جيڪڏهن پُٽِ وارو آهي ۽ فوتي جا وارث نهيل اٿس تہ اهڙن ڪيسن ۾ ايترو ئي وقت لڳندو آهي. ”صاحب منهنجي منهن ڏي تڪيندي چيو.

رات جو ايس ايچ او صاحب سان گڏجي شهمير جي اوطاق تي وياسين، اوطاق شهمير جي ڳوٺ جي ٻاهريان سندس زمين جي پاسي ۾ هڪ ڪوٺيءَ ۽ وڏي لانڍِ تي مشتمل هئي. اوطاق کي چڳو خاصو آڳُرُ هيو. آڳُرُ جي چوڌاري مڙس جيڏي پِٽ ڏنل هئي، جنهن جي پاسن کان نازبو ۽ رابيل جي گُلِن جا ٻوٽا پوکيل هئا. لانڍِ ۾ ٻن ننڍين ٽيبلن جي چوڌاري ڪرسيون رکيل هيون، لانڍِ جي اندر ڪرسين کان ٿورو پَر پَرو وڏو مَچُ ٻَري رهيو هيو جنهن ڪري جنوريءَ جي سرد رات ۾ بہ لانڍِ اندر ڪافي وٽندڙ ماحول هيو. لانڍِ جي اندر ۽ ٻاهريان بَلب ٻري رهيا هئا. شهمير ۽ ان جو ڀاءُ رجب اسان سان ڀاڪر پائي مليا، اسان سَڀ ڪرسين تي ويهي رهياسون، ڊرائيور اوطاق جي ٻاهريان موبائل گاڏيءَ ۾ ئي ويٺو رهيو، ڇو جو ان کي وائرليس سيٽ جو خيال رکڻو هيو، تہ جيئن ڪا ڪنٽرول تان ڪال (Call) ٿئي تہ هو اسان کي ٻڌائي. بقايہ سپاهي اوطاق جي آڳُرَ ۾ دروازي واري پاسي کان ٿهيل ننڍڙي ڇَپَرَ هيٺان کٽن تي وڃي ويٺا انهيءَ ڇَپَرَ هيٺان بورچي پنهنجو ڪم ڪار ڪري رهيو هيو. مختصر خير وَ عافيت ۽ رسمي احوالن کان پوءِ رجب ۽ شهمير اُٿي ڪمري ۾ ويا ۽ اتان شيشي جا گلاس وسڪيءَ جون ٻہ بوتلون ۽ هڪ ڊونگي ۾ برف جا ننڍڙا ٽڪر کڻي آڻي ٽيبل تي رکيائون. شهمير اسان سان گڏ ويٺو ۽ رجب ٿورو پَرَ پرو ٿي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو تہ جيئن اسان جي خدمت ڪري سگهي. صاحب رجبَ کي چيو، ”ابا پوليس وارن جي ماني ٽِڪيءَ جو خاص خيال ڪجانءِ نہ تہ گِلا ٿيندئي باقي اسان جو خير آهي.“

”سائين توهان دلجاءِ ڪيو اسان سدائين آفيسرن ۽ اميرن جا هٿ ڏورايا آهن اسان کي سڀ خبر آهي شڪايت نہ ملندوَ.“

شهمير پيگ ٺاهيا چيز ڪرڻ کان پوءِ سُرڪي پريندي شهمير صاحب کي چيو، ”سائين توهان جا مون تي وڏا احسان آهن جو ٻئي صاحب مون غريب وَٽ آيا آهيو؟“

”اهڙي ڳالهہ ڪونهي شهمير اسان مڙس ماڻهوءَ جا يارَ آهيون پوءِ اِهو غريب هجي يا امير ان سان فرق نہ ٿو پوي صاحب وڏو ڍُڪُ ڀريندي چيس.

”توهان پاڻ بہ جوان آهيو سائين، آهيو تہ آفيسر اسان جا مالڪ پر مان جيترو توهان لاءِ ٻڌو آهي ۽ توهان کي ڏٺو آهي تہ توهان يارَن جا يار آهيو“ شهمير خالي ٿيل گلاس ٽيبل تي رکندي چيو.

”مان هر ڀرو ڪنهن جي دعوت تي ڪونہ ويندو آهيان تون غيرتي ماڻهو آهين ان ڪري مون کي وڻندو آهين تڏهن تو وَٽ آيو آهيان.“

صاحب پيگ کي ڳيت ڏيندي چيو تہ، رجب ڇپر مان وڃي پليٽن ۾ پڪل تڪا کڻي آيو، شهمير ٻيو پيگ ٺاهيو نشي دماغ تي اثر ڪرڻ شروع ڪيو هو، اسان پيئندا بہ رهياسين ۽ تڪن کي چٻاڙيندي ڪچهري بہ ڪندا رهياسين، مان جيڪو صاحب جي هوندي خاموش ڪردار جهڙو هيس. سو فقط هنن جي پاڻ ۾ گفتگو ٻڌي رهيو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن هان، هون يا ڪو هلڪو جواب ڏئي رهيو هوس شهمير جنهن تي هاڻي نشي اثر شروع ڪيو هو. تنهن صاحب کي هٿ ٻڌندي چيو، ”سائين، مان ڪو زميندار ڪونہ آهيان بہ ڀائر آهيون 25 جريب زمين آهي، باقي الله جونانءُ سنگت ساٿ جي مهرباني آهي. ڏوهاري ڪونہ آهيان زندگيءَ ۾ روڊ جو ڏوهہ نہ ڪيو اٿم. باقي ڏِڳي ڍور جي چوري ابن ڏاڏن کان وٺي مَرُڪُ رهيو آهي سو وڏن جي قبرن کي ڪونهي لڄايو.“

شهمير جي سچائيءَ تي صاحب وڏو ٺهڪ ڏنو گلاس مان سِڀ ڀري سگريٽ دکائي هڪ وڏو ڪش هٽندي صاحب ڪيس چيو، “ شهمير مان جتي بہ هوندو آهيان چوري چڪاريءَ تي هرو ڀرو ڪونہ ڏمر جان پر روڊ جو ڏوهہ پنهنجي بيعزتي سمجهندو آهيان ۽ آفيسر بہ ڪاوڙبا آهن. تنهنڪري تون بہ خيال ڪجانءِ ۽ سنگت ساٿ کي بہ جهلي ڇڏجانءِ. باقي چوري لاءِ چور ڄاڻي ياڳيو ڄاڻي اسان هڪ هڪ گهر جو تہ پهرو ڪونہ ڏينداسون.“

اهڙين ڪچهرين کان پوءِ پرباش تي ماني کائي شهمير کان موڪلائي ٿاڻي تي آياسون ڪجھ ڏينهن گذريا هوندا تہ خبر پئي. شهمير جو ڀاءُ رجب چوري ڪندي ياڳين هٿان ڪنهن ٻي ٿاڻي جي حد ۾ مارجي ويو آهي. S.H.O صاحب شهمير جي ڀاءُ جو عذر بہ ڪري آيو شام جو گشت دوران مون کي ٻڌايائين، ”قاسم صاحب، هاڻي ڏچو وڌندو. شهمير وارا ڪونہ مڙندا پلاند ضرور ڪندا ۽ راڄوٽا جهيڙا وڌندا. مون صاحب کي چيو، ”سر اها کهڙي ڳالهہ تي چوري ڪرڻ رجب وارا ويا ياڳين پنهنجو بچاءُ ڪندي جي چور ماريو تہ انهن وٽ ان جو جواز هيو. باقي شهمير وارا جي پلاند ڪندا تہ پوءِ اها تہ ناجائزي هوندي.“

”قاسم صاحب، اهو وقت ويو جڏهن چور مرندو هيو تہ ڇڻ ڪتو مري ويو پر هاڻي چورن جا بہ

فيصلا ٿين ٿا تہ ڪي وري پلاند بہ ڪن ٿا.“

صاحب مون ڏي نهاريندي چيو،” سر مون کي تہ اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ۽ سنڌي سوسائٽي جو هي روپ ڏسي سچ پچ تہ مونجهہ ٿيندي آهي.“ مون گاڏي هلائيندي صاحب کي چيو

”اڙي بابا تون کهڙي جهانَ ۾ ٿو رهين هاڻي تہ پوليس جي مقابلي ۾ مارجي ويل ڌاڙيلن جا بہ پلاند پيا ٿين. تون کهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين. نئون ماڻهو آهين خيال سان نوڪري ڪجانءِ. ڊپارٽمينٽ جو آسرو نہ رکجانءِ سڀ ڪجهہ پنهنجي سر تي ڪٽڻو پوندئي ڌاڙيلن جا مائٽ هڪ درخواست هاءِ ڪورٽ ۾ ڪندءِ تہ پنهنجي ئي ٿاڻي تي F.I.R ڪٽجي ويندي ڪوئي بہ نہ ڏيندئي ساٿ تنهنڪري جيترو پاڻ ۾ ٻل سمجهين اوترو وڪ ڪڍجانءِ. اسان پوڳيون ويٺا آهيون“

صاحب مون کي سمجهائيندي چيو. مان چپ ٿي ويس ڊش بورڊ تي رکيل پاڪيٽ مان سگريٽ دکائي هڪ وڏو ڪش هڻي خاموشيءَ سان گاڏي هلائيندو رهيس. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ شهمير پنهنجي ذات جي ماڻهن جي مدد سان اهي ٻئي ڳيرو نوجوان بسِ مان لاهي ماريا جن جو نہ جهيڙي سان واسطو هيو نہ ئي انهيءَ ڳوٺ جا هيا جتي شهمير جي ڀاءُ کي ماريو ويو هو. انهن جو قصور اهو هيو تہ اهي ان ذات وارا هيا جن شهمير جي ڀاءُ کي ماريو هو. پوءِ تہ جهيڙو علائقي ۾ باهہ جيان پکڙجي ويو هر ڳوٺ هٿياربند ٿي ويو. پوليس لاءِ علائقو نوگو ايريا ٿي ويو ٻئي ذاتيون هيون زور آور ۽ ٻنهي ذاتين جا سردار بہ هڪ ٻئي جا سياسي مخالف هئا تنهنڪري ٿاهہ جو ڳالهيون فقط سڪڻيون خبرون ئي رهيون. ڪڏهن ٻنين مان تہ ڪڏهن روڊن تان پوليس لاش ڍوئي دانش نامہ ٿاهي ايف. آءِ. آرون داخل ڪندي رهي. هلڪا سلڪا ڇاپا بہ هنيا ويا جيڪي فقط فليگ مارچ جهڙا ئي هئا. شهمير علائقي ۾ ناليوارو جوان ٻڌجي چڪو هيو. ڪافي سارا ماڻهون بيدرديءَ سان مارڻ ڪري هن جو نالو دهشت جي علامت طور استعمال ٿيڻ لڳو هو. تقريباً هڪ سال اها خوني راند علائقي ۾ رهي آخر سنڌ گورنمينٽ ميڊيا ۾ زور شُور سان خبرون اچڻ ڪري نوٽيس ورتو. چڱن مڙسن، سردارن کي راضي ڪري سرڪٽ هائوس ۾ جرڳو ڪيو ويو. خون خونن ۾ پاڙيا ويا. ٿاڻن تي داخل ڪيس خارج ڪيا ويا خوني ماڻهو هاڻي آزاد مڙس ماڻهوءَ جا لقب ماڻي ڀهراڙين توڙي شهرن ۾ شهپرن کي وٽي گهمڻ لڳا. منهنجي ٿاڻي کان روٽين مطابق بدلي ٿي وئي سال ٻن اندر منهنجو پروموشن ٿي ويو. تہ وري مون کي بطور S.H.O ساڳئي ٿاڻي تي مقرر ڪيو ويو. مقرري جي ٻئي ڏينهن تي صبح جو مان ٿاڻي جي بنگلي ۾ موجود هيس تہ سنتري مون کي ٻڌايو، ”شهمير توهان سان ملڻ آيو آهي ”مون ڪيس اندر موڪلڻ لاءِ چيو. شهمير آيو تہ جهٽ پل لاءِ مان ڪيس سڃاڻي ئي ڪونہ سگهيس بوسڪيءَ جا ڪپڙا، ڳچيءَ ۾ سونو لاڪيٽ، آڱرن ۾ سونيون منڊيون، هلڪيون مڇون، ڏاڙهي ڪوڙيل صفا ڪاليج جي ڪنهن سياسي جماعت جو جوڌو پئي لڳو. مان آڌر ڀاءُ لاءِ اٿيو ماڻس تہ مون کي ڀاڪر پائي ڳٽي تي چمي ڏنائين، تمام گهڻو خوش لڳي رهيو هو، بيڊ جي پرسان رکيل صوفي تي ويهڻ لاءِ چيو ماڻس ويهندي خوشيءَ مان چيائين،” صاحب مولا توکي وڌائي S.H.O ڪيو آهي جڏهن تنهنجي هتي اچڻ جي خبر ٻڌم تہ صبر نہ آيو اصل ڀڄندو اچي پهتو آهيان.“

خوشيءَ واري موٽ ڏيندي چيومانس،” شهمير سال ٻن ۾ ڪافي بدلجي ويو آهين؟“

”ها صاحب جهيڙن ۾ اصل تباهہ ٿي ويو هيس 25 جريب لانچرن، ڪليشنن ۽ گولين ۾ پورا ٿي ويا، پوءِ بہ توهان جهڙن مهربان آفيسرن جي مهربانين سان ٿي وري هاڻي سکيو گرنهہ ڪانوان ٿو.“

مون بورچيءَ کي چانهہ ٺاهڻ لاءِ چيو ۽ شهمير سان گذريل وقت جا احوال اورڻ لڳس.

”ڀلا ڏي خبر شادي ٻادي ڪئي اٿئي يا پوئين تجربي جي ڪري توبهہ تائب ٿي ويو آهين؟“

وڏو ٽهڪ ڏنائين،” تون آفيسر بہ آهين تہ پراڻو يار بہ. صاحب توسان ڪهڙيون ڪوڙيون، عشق ڪيو آهي شادي بہ هاڻي جلدي ڪندس.

”اڙي يار ڪهڙي چڪر ۾ ڦاٿو آهين؟“ مون کلندي ڪيس چيو.

”ها صاحب، ڦاٿو اهڙو آهيان جو جان ڇڏائي نہ ٿو سگهان ڳوٺ ڇڏي آيو آهيان شهر ۾ ئي ٻاهرين پاسي کان اجهو اڏيو اٿم، بس اٿي شهر ۾ ئي دل اڙجي وئي. ڀڙيون تہ وقت گذارو هئي پر هاڻي ساهہ سهارو ٿي وئي آهي.“

ٿڌو ساهہ ڀريندي شهمير دل جي ڳالهہ ڪئي بورچي چانهہ ڪٽي ٽيبل تي رکي، شهمير بورچي کي چيو،” ڏنو، خدو دوڪاندار کي چئي آيو آهيان بنگلي جو سمورو سودو ڪٽي اچجانءِ.“

مون شهمير کي منع ڪئي تہ وچ ۾ ڏني بورچي مونکي هٿ ٻڌندي چيو، ”صاحب پنهنجو ٿا ڪائو اهڙي ڳالهہ ڪونهي شهمير توهان جهڙن آفيسرن جي ڇانوَ ۾ گنج پيو ڪمائي اها تہ ڪسيس ڳالهہ آهي.“

مون شهمير ڏي تڪيندي حيرانيءَ مان ڪانس پڇيو،” خير تہ آهي ڪهڙاڪم پيو ڪرين؟“

شهمير ٿورو گهبرائيندي هٿ ٻڌندي چيو،

”صاحب توهان جي ڇانوَ ۾ مڙئي پيٽ گذارو ڪندو آهيان ٿورو گهڻو وزم پاڻي چوڪرا هلائيندا آهن رات جو اوطاق تي سينيتون اچي تاس جا بہ ٽي هٽ هٽندا آهن بي ڪا اهڙي وڏي ڳالهہ ڪونهي.“

بورچي ٻاهر ويو تہ شهمير ڪيسي مان ڏهہ هزار ڪڍي ٽيبل تي رکندي چيو، ”صاحب، ياري دوستي پنهنجي جاءِ تي ڪاروبار پنهنجي جاءِ تي 15 ڏينهن جي منٿلي ڏهہ هزار هر آفيسر کي ڏيندو آهيان ۽ بنگلي جو خرچ شراب ٿائين منهنجو هوندو آهي. ٻي بہ ڪوٽي واڌي ۾ هلڪي سلڪي بيگر بہ ڀريندو آهيان. توتي ڪو ٿورو ڪونهي.“

مان خاموش ٿي ويس چانهہ پي شهمير موڪلائي ويو تہ بورچي منهنجي ڪمري ۾ آيو خالي ڪوپ ٽيبل تان کڻندي چيائين،” سائين، شهمير شهر ۾ هيروئن، چرس ۽ جوا جو وڏي پيماني تي ڌنڌو ڪندو اٿو. وڏو ٿو مال ميڙي توهان رکت نہ ڪجوس.“

بورچي اها انفارميشن ڏئي هليو ويو تہ. مان جيڪو هاڻي پڪو روايتي صوبيدار بڻجي چڪو هوس، ٽيبل تي پيل پئسا ڪٽي بريف ڪيس ۾ رکندي ڪو عار محسوس نہ ڪيو هونءَ بہ پهرين تاريخ تي صاحب کي 50 هزار منٿلي بہ تہ ڏيڻي هئي.

شهمير سان هاڻي هڪ ٻن ڏينهن جي وقفي سان مڙئي شراب جو محفلون ٿيڻ لڳيون هيون ڪڏهن بنگلي جي اندر تہ ڪڏهن پڙوپلو ڏنل بنگلي جي ڪوٺي تي شهمير سان سدائين هڪ 20-22 سالن جو چوڪرو گڏ هوندو هو جنهن جو نالو رابيل هو جنهن لاءِ مون کي ڪن ۾ ٻڌايو هئاين تہ هي منهنجي يار جو ڀاءُ آهي شهمير جنهن حسينا جي محبت ۾ ڦاٿل هو ان جي گهر ۽ منهنجي بنگلي ۾ صرف هڪ گهٽي هئي جيڪا شهر جي اندر ويندي هئي. هڪ ڏينهن مان، شهمير ۽ رابيل شام جي پهر ڇت تي شراب پي رهيا هئاسون. ڇت کي هلڪي پڙدي ڏنل هئي. ڇت تي جيڪڏهن ڪو ويهي تہ ٻاهر هيٺ نظر ڪونہ ايندو هو پر جيڪڏهن ڪو ٻي ڇت تان ڏسي تہ صاف نظر ايندو هيو. اسان ٽئي ڇت تي عابده پروين جو گانو، ”دانہ بہ دانہ.“ ٻڌي رهيا هئاسون. شهمير گاني جي ڌن تي مست ٿي ڪرسيءَ تي ويٺي نچي بہ رهيو هو ۽ ڳتا ڳٽ پيگ بہ چڙهائي رهيو هو. مونکي رات جو 11 بجہ D.S.P صاحب وٽ ميٽنگ لاءِ وڃڻو هيو تنهنڪري پيئڻ ۾ احتياط ڪري رهيو هوس رابيل جيڪو شهمير جيترو ئي پي رهيو هو تنهن کي شهمير پنج هزار ڏنا ۽ ڪن ۾ ڪيس ڪجهہ چيو. رابيل اهو چئي اٿي ويو تہ مان ٿوري دير ۾ اچان ٿو سج اڃان پورو نہ لٿو هيو گهاٽي ڇانوَ وارو سمو هو ڊيڪ تي عابده پروين جو گانو هلي رهيو هو، شهمير مست ٿي چڪو هو تہ اوچتو شهمير جي محبوبہ پنهنجي گهرواري ڇت تي ظهور پذير ٿي انهيءَ ڇت کي بہ 4 فوٽ ڪن پڙدي ڏنل هئي. شايد هوءَ ڇت تي ڪٽ مٿان ويٺي هئي. تقريباً اڌ جيتري ظاهر ٿي رهي هئي بدن ۾

پريل تقريباً 30-32 سالن جي هئي. ڊگها وار، رنگ جي انتهائي پوري، خوبصورت اکين ڏندن سان کلندي اسان ڏي تڪي رهي هئي شهمير کي ڏسندي ئي الائي ڇا ٿي ويو جو ڪرسيءَ تان اٿي نچڻ لڳو هن جي محبوبا مسڪرائي به رهي هئي ته هٿن جي اشارن سان گهورَ به گهوري رهي هئي. شهمير نشي واري حالت ۾ هٿن مان نڪتو پئي ويو مون چوڪريءَ کي اشارو ڪيو ته هلي وڃي ۽ شهمير کي زور سان هيٺ لاهي بنگلي جي اند رڪمري ۾ وٺي آيس. ڪجهه دير کان پوءِ جڏهن ڪجهه سامت ۾ آيو ته مون کي ٿتل لفظن ۾ چوڻ لڳو "منهنجي جاني کي ڏِئي صاحب."

کلندي چيو مانس، "تنهنجو جاني سنو آهي."

"سنو نه ويري ويري سنو آهي."

ايتري ۾ رابيل به اچي ويو. اسان وري ڪمري ۾ گلاسن جي محفل مچائي. شهمير مون ڏي ٿورو مشڪندي نهاريندي چيو،" هن بنگلي ۾ به منهنجو جاني ايندو اٿئي صاحب، جڏهن شاهه صاحب S.H.O هيو ته منهنجو جاني هتي ايندو هيو بنگلو منهنجي حوالي هوندو هو صاحب. اهو چئي شهمير منهنجي پيرن ۾ ويهي روئڻ لڳو منهنجو ڀاءُ آهين. منهنجو يار آهين ته اڄ مون کي منهنجو جاني گهرائي ڏي. شهمير مون کي منٿون ڪرڻ لڳو. مون ڪيس سمجهائيندي چيو، "شهمير هي ٿاڻو آهي منهنجي به ڪا عزت آهي. پوليس وارا ايندي ڏسندا ته ڇا چوندا. ايتري ۾ ڏنو بورچي جيڪو ڪجهه گرم ڪباب پليٽ ۾ کڻي آيو هيو تنهن چيو بنگلي جي اندر پوئين پاسي کان ننڍو در آهي جيڪو گهٽي مان کلندو آهي اتان مڙئي آفيسر ماڻهو آڻائيندا آهن."

شهمير جي منٿن تي مان نه چاهيندي به ان جي اجازت ڏني شهمير رابيل کي چيو،" وڃ رابيل، حُسن کي وٺي آءُ."

رابيل چيس،" سوير آهي بابا پٽر ۾ وينو آهي."

شهمير هزار هزار جا پنج پيا نوٽ رابيل کي ڏيندي چيو،" هي بابا کي ڏجانءِ."

رابيل نوٽ وٺي هليو ويو. ڪلاڪ ڏيڍ شهمير جو بي چيني وارو وقت گذريو هوندو ته اها ساڳي عورت ڪمري ۾ اندر هلي آئي. قد جي ڊگهي هئي کليل وار تازو وهنجڻ ڪري اڃا آلا هئس. ڳچيءَ ۾ سونو لاڪيٽ، آڱرين ۾ منديون، ڊگهي هيل سان سينڊل جديد فيشن ايبل فينسي ميرون ڪلر جا ڪپڙا پاتل هئس، وڏيون اکيون چالاڪ نهار، محسور ڪندڙ جوبن، مرد کي مڪمل اسير ڪري ڇڏڻ وارو تجربو رکندڙ عورت هئي. مون جڏهن ان عورت جو پوليس واري اک سان اندازو هنيو ته مان ان وقت ئي سمجهي ويس ته شهمير جو انجام سنو ڪونه ٿيندو، پر شهمير هاڻي سمجهڻ سمجهائڻ واريون حدون ڪراس ڪري چڪو هو. ڪو به حيلو وسيلو هاڻي بي سود هيو. شهمير ساڻس مستيون ڪرڻ لڳو ۽ هوءَ به هن جي نشي واري حالت پر ڪيندي ڪيس ڀرپور کجائي رهي هئي، مان ڪجهه دير ويهي ميٽنگ لاءِ تيار ٿي هليو ويس.

شهمير سان محفلون ٿينديون رهنديون هيون هڪ ٻه دفعا پوءِ به حُسن شهمير سان ملڻ منهنجي بنگلي تي آئي هئي ڪجهه وقت کان پوءِ شهمير جي حسن سان شادي ٿي وئي بعد ۾ منهنجي به بدلي ٿي وئي. پوليس وڏيري ۽ ڏوهاريءَ جو واسطو مفادن جو هوندو آهي، جيڪو ڇلهه تي سو دل تي وئي پڇاڻان. ڪو ڪنهن جي سار اڪثر ڪونه لهي منهنجي پوسٽنگ مختلف ضلعن ۾ ٿيندي رهي، شهمير کان وڇڙي مون کي تقريباً 11 سال ٿي چڪا هئا. مان جڏهن D.S.P ستي مقرر ٿيس ته هڪ ڏينهن منهنجو هڪ دوست ڪمال خان جيڪو ڪنڊڪوٽ ۾ پوسٽنگ دوران واقف ٿيو هيو سو مون وٽ آيو شام جو پهر هيو مان هيڊ ڪوارٽر ۾ پنهنجي بنگلي تي هيس ڪمال خان تڪڙ ۾ هيو. پر مون کي D.P.O سان ڪنهن ضروري ڪم لاءِ ملڻو هيو آپريٽر کي نوٽ ڪرايل هو. انتظار هيو ته ڪهڙي مهل ٿو صاحب گهرائي. ڪمال خان جو زور هيو ته مون سان گڏ سکر هل يا مون کي به پوليس وارا گڏي ڏي ۽ پنهنجي گاڏي به ڏي مون ڪيس چيو، "اهڙو ڪهڙو ڪم آهي؟" ڪمال خان چيو، "چوريون کڻڻيون آهن. سکر مان اڳ ۾ لکي پوليس به پڪڙيو هيو رستي مان 2 لک روپيه ڀري جان ڇڏائي هيم رسڪ نه ٿو کڻي سگهان."

"اڙي يار ڪهڙو ڪم کڻي آيو آهين مان اهو نه ٿو ڪري سگهان ۽ پوليس وارا توبهه توبهه ملڪ ۾ پڙهو ڏئي ڇڏن... سوال ئي پيدا نه ٿو ٿي." مون ڪيس جواب ڏنو.

ڪمال خان مون کي منٿون ڪرڻ لڳو. آخر مجبور ٿي مون ڪيس چيو، "D.P.O صاحب سان ملي پوءِ مان پنهنجي پرائيويٽ ڪار ۾ توسان هلندس." ڪافي انتظار کان پوءِ D.P.O صاحب مون کي گهرايو اتان فارغ ٿيس ته ڪافي دير ٿي وئي. پر ڪمال خان جيڪو اڳ ۾ پوليس جو ڏنگيل هيو پوءِ به انتظار ۾ وينو رهيو. مون کي ڏسي ساهه پئجي ويس. ايلاز ڪرڻ لڳو، "جلدي هلو منهنجو ٽائيم ڏنل هيو ڪافي دير ٿي وئي آهي." ڪمال خان منهنجي ڪار ۾ وينو ۽ ڪمال خان جي ڪار سندس ڊرائيور ڪاهيون پئي هليو. سکر ۾ ٺڪريءَ جي پاسي چڙهي وياسين اتي هڪ ننڍي بنگلي نما گهر جي گري ڪلر واري وڏي لوهي گيٽ تي ڪمال خان گاڏي روڪڻ لاءِ چيو مون گاڏي روڪي ته ڪمال خان موبائل فون تي ڪنهن سان ڳالهايو، گاڏيءَ جون هيڊ لائيٽس بند هيون مان ڊرائيونگ سيٽ تي وينو هيس ٿوري دير ۾ مين گيٽ جي ننڍي دري کلي هڪ همراهه ٻاهر نڪتو جهڪي روشنيءَ ۾ مان سندس چهرو چڱيءَ طرح نه ڏسي سگهيس. همراهه کي گاڏيءَ طرف ايندو ڏسي ڪمال خان گاڏيءَ مان ٻاهر نڪتو. مان سيٽ تي ئي وينو رهيس. همراهه انتهائي نِوڙتائي سان ڪمال خان کي ايلازي انداز ۾ چئي رهيو هيو، "سائين، توهان جو ڪافي انتظار ڪيو. توهان ستين بجي جو چيو هو هينئر 11 ٿي رهيا آهن مان مجبور هيس."

"پر مان توکي موبائل فون تي بار بار چئي رهيو هوس ته مان اچان پيو."

ڪمال خان ڪاوڙ ۾ ڪيس ڏاڍيان چئي رهيو هو.

"ها سائين، توهان برابر چئو پيا پر هتي به سکر جي C.I.A جو انچارج اچي ويهي رهيو هو چئي رهيو هو صاحب جا مهمان پيا اچن ماڻهون ضرور کپن هوڏانهن توهان جو صرف ڳالهيون هيون توهان وڏا ماڻهو موڊ ڦري وڃي ته مان ڇا ڪندس توهان کي سائين، C.I.A وارا ڪي نه ڏيان ته ان جو ناراضپو ڏار ڪٽان ۽ توهان نه اچو ته چئني چورين جي نائيٽ جو خرچ الٽو مان ڀريان پوءِ به مان 10 بجه تائين C.I.A وارن کي ٽرڪائيندو رهيس. پر توهان دير ڪئي سائين قصور منهنجو ڪونهي."

همراهه نماڻائي سان ڪيس جوازَ ٻڌائيندو رهيو ڪمال خان سمجهي ويو ته هاڻي ڪم ڪونه ٿيندو مال نڪري چڪو هو تنهنڪري ٿورو جهڪو ٿيندي چيائينس، "يار، بنگلي تي چيني انجنيئر آيل هئا سپاٽي چون چان پون چان ڪري اهڙيون گاريون ڏيندا جو نه سمجهي سگهندس نه جواب ڏئي سگهندس چلو خير آ، ڏوڙ وجهين منهن ۾ پر يار منهنجو ڪو ڀلو ڪر مان ڪنڊڪوٽ مان به گوريون کائي نڪتو آهيان."

همراهه جي هلڪي ٽهڪ جو آواز آيو، "سائين ايڏي تڪڙ جو ڪيَو."

"بس يار گورين جي به خبر ڪونه ٿي پوي رات جو کاءَ ته اثر صبح جو ٿيون ڪن. پوءِ سڄي رات چڙو مائن کي سڪٽيون گاريون ڏئي گذارو ٿو ڪرڻو پوي."

همراهه وري کلڻ لڳو ۽ مان به گاڏيءَ ۾ ويٺي ڪمال خان جي ڪيفيت تي لطف اندوز ٿي رهيو هوس. همراهه ڪجهه گهڙيون خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ ڪمال خان کي چوڻ لڳو، "سائين توهان اسان جا پراڻا واقفڪار ۽ مهربان آهيو. توهان اسان جي عزت ڪندا آهيو توهان ترسو مان ٿوري دير ۾ اچان ٿو."

همراهه گهر اندر هليو ويو ڪمال خان سگريٽ دکائي ٻاهر بيهي سوٽا هڻڻ لڳو، ٿوري دير ۾ همراهه ٻاهر نڪري آيو ۽ ڪمال خان کي چيائين،" سائين

هاڻي ايترو ڪري سگهان ٿو تہ توهان هتي ملي وٺو باقي ساڻ ڪونہ هلندي ۽ ماڻهو بہ هڪ سان ملندي.“

”نو پرابلم مون سان گڏ جيڪو دوست آهي سو ويجيٽيرين آهي گوشت جي ويجهو نہ ويندو آهي بس هڪ اڌ پيگ پي هليو ويندو. باقي مال تہ چڱو آهي نہ؟“ ڪمال خان خوش ٿيندي ڪانس پڇيو.

”پاڻ ئي هلي ڏسو سائين پوءِ بہ مالڪ آهيو.“ همراهہ ڪيس ڪلندي چيو ڪمال خان مونکي سڏ ڪيو مان گاڏيءَ مان ٻاهر نڪري آيس همراهہ اڳ ۾ هيو ان جي ڪڍ ڪمال خان ۽ ٻنهي جي پويان مان دروازو ٽپي اندر داخل ٿياسين ننڍڙي اڱڻ ۾ سيمينٽ جو فرش لڳل هيو. جتي چار ڪٺون پيل هيون، اڱڻ ۾ ئي دروازي جي پٽ سان هڪ واش بيسن لڳل هيو، اڱڻ ختم ٿيندي ئي هلڪن رنگين پلرَن سان ورانڊو هيو جنهن ۾ ڪجهہ ڪرسيون رَکيل هيون ورانڊي جي ڪنڊ ۾ فل سائيز جي سلور ڪلر واري فرج رکيل هئي، ورانڊي اندر ڇئن پنجن فٽن جو ڪاريڊور هو، جنهن جي هڪ سائيڊ ڪان بہ ڪمرا ۽ ٻي ڪان هڪ وڏو ڊرائينگ روم هيو، همراهہ ڊرائينگ روم جو دروازو ڪوليو ۽ اسان کي اندر وڃڻ جو اشارو ڪيائين، همراهہ جو اڌ مٿو گنجو ٿيل هو، هلڪيون مڇون ڏاڙهي ڪوڙيل، پڪي عمر جو لڳي رهيو هو. مون تي ڪابہ توجہ ڪونہ ڏنائين پر مون کي شڪ پيو تہ هي منهنجو ڪٿي ڏٺل هيو پوليس جي نوڪريءَ ۾ هزارين ماڻهو مختلف هنڌن تي ملندا رهندا آهن تنهنڪري هڪ ئي نظر ۾ سڃاڻڻ هن ٽينشن واري نوڪريءَ ۾ ڏاڍو مشڪل ٿيندو آهي. ڊرائينگ روم ۾ ڪمال خان ۽ مان داخل ٿياسين. فرش تي ڳاڙهي رنگ جو ڪارپيٽ وڇايل هيو. دريون ۽ دروازا هلڪي نيري ڪلر جي پردن سان سجايل هئا، ڇت ڪي اڇي رنگ جي فالسيلنگ ٿيل هئي، جنهن جي وچ تي گولڊ ڪلر جو گلوب لڙڪي رهيو هو. گلوب جي ٻنهي پاسن ڪان وائيٽ ڪلر جا سيلنگ فين هلي رهيا هئا. ڊرائينگ روم ۾ ميرون ڪلر جا بہ عدد ڪاٺي جا پالش ٿيل ٻانهن سان صوفا رکيل هئا، جن جي اڳيان شيشي جون ٽيبلون رکيل هيون، روم ۾ ڏيڍ ٽن جي اسپلٽ لڳل هئي، ڪمرو ٿڌو هيو، اسان ٻئي صوفن تي هڪ ٻئي جي سامهون ويهي رهياسين، ٿوري دير ۾ همراهہ تقريباً چاليهن-ٻائيتاليهن سالن ڪن جي عمر واري عورت سان ڪمري ۾ داخل ٿيو. عورت جي بدن تي وائيٽ بلو ڪاٽن جا لائنن وارا ڪپڙا پاتل هئا سونهري وارن ۾ ڪيچر لڳل وڏن نهَنِ تي وائيٽ ڪلر جي چمڪدار نيل پالش ٿيل هيس. عورت ماڊرن ۽ ڪمرشل انداز سان سلام ڪيو. همراهہ روشنيءَ ۾ آيو. منهنجي ذهن مان ٺڪاءُ نڪري ويو.

”اڙي، شهمير خان؟“ ■

# ڏار ۾ لهي ويندڙ ماڻهو



يونس همدم

زمين ڦاٽي ۽ آئون زمين جي ان ڏار مان ٻاهر نڪتس. ٻاهر هلڪي هلڪي مينهن جي ڪڻ ڪڻ هئي. آئون پنهنجي ديس جي ڌرتي تي پير رکي خوش ٿيم. آسمان تي ڪنوڻ ۽ گوڙن جا ٺڪاءَ هئا. اوچتو هوا جو ٿڌو جهوٽو منهنجي احساسن سان ٽڪرايو. نڪ تي هٿ رکي غور ڪيم تہ ڇا جي خوشبو آهي. ڪافي دير سوچيندو رهيس. پوءِ ذهن ۾ خيال آيو تہ اها بارود ۽ رت جي مليل خوشبو آهي منهنجا وڌندڙ قدم اتي ئي بيهي رهيا ۽ اڪيون پوري سوچ ۾ پئجي ويس. سڪندرِاعظم جو زمانو ياد آيو- پوءِ لڳاتار حملي آورن جا خيال ايندا ويا. رت جو نديون وهنديون رهيون. ماڻهو پڇندي ڏٺم. روڊن رستن تي لاشن جا انبار. هوڙا ڙي گهوڙا جون داٿون. سرسبز علائقا ويران ٿي ويا. مڪلي جو قبرستان پرجي ويو. ڪجهہ زنده حملي آور واپس ويا. ڪجهہ هتي دفن ٿي ويا. ان ڪان پوءِ سمان سومرا ڪلهوڙا آيا. ڏاڍو خوبصورت دور هلڻ لڳو. ماڻهن ۾ خوشيون راڳ رنگ، عشق ۽ سونهن جو دور. پٽائي جو وايون هيون. ڏوٽيئڙا ڏاڍا خوش هئا پوءِ ميرن جو دور بہ خوبصورت دور هو . هر پاسي آزادي هئي. ميرن جي دور ۾ انگريز واپار ڪرڻ آيا. واپار ڪندي ڪندي هتي جي غدارن سان ملي برصغير تي قبضو ڪري ورتائون. وري رت وهيو. وري لاش ڪريا جوڏا مارجي ويا. سورما ڪسجي ويا. مغل سلطنت جو خاتمو ٿيو. انگريزن سو سالن تائين حڪومت ڪئي. ماڻهن ۾ شعور جاڳيو. پڙهيا لکيا. تحريڪون هليون. آخر انگريزن گوڏا ڪوڙيا. سڄي هندستان کي ٽوڙي ٻن حصن ۾ ورهايو هڪڙو ٿيو هندستان ۽ ٻيو ٿيو پاڪستان. ڪشمير جو معاملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنائون. منصفاڻي ورڇ ڪونہ ٿي. پاڪستان کي صوبا مليا پنج ۽ هندستان کي مليا ٻاونجاهہ. ورڇ دوران ڀاڄ ٿي. هندو هوڏانهن ويا مسلمان هيڏانهن اچڻ شروع ٿيا مسلمانن جو وري قتلِ عام ٿيو. ٽرينون لاشن سان پرجي آيون. هتان ويندڙ هندو صحيح سلامت هُتي پهتا. باردر ٿي ويا. هر ڪو ماڻهو مطمئن ٿيو. انگريز هدنستان ڇڏڻ لاءِ تيار ٿيا. هتان وڃڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا. سامان هتان ڪان انگريزن سڀ موڪلي ڇڏيو. پاڻ اجان اِتي ئي هئا انهن کي 1946ع ۽ 1947ع تي پاڪستان خالي ڪرڻو هو. پوءِ جي انگريز هليا ويا تہ هي بارود جي خوشبو ۽ رت جي خوشبو ڪٿان آئي؟ لڳي ٿو تہ انگريز هندستان تہ خالي ڪري ويا. پر پاڪستان انهن ڪونہ ڇڏيو. اهو سوچي منهنجا لڱ ڪانڊارجي ويا.

سوچيم تہ انهن وعدي مطابق پاڪستان مان وڃڻو هو پر هو اڄ بہ هتي قابض آهن. اها سراسر غداري آهي. دوکو آهي جو هو اڃا هتي موجود آهن. نہ نہ انهن کي وڃڻ گهرجي. هي ديس آزاد ڪرڻ گهرجي ۽ هي رت جي راند بند ڪرڻ گهرجي. اهو سوچي اکيون ڪوليم. اکين ۾ لڙڪ تري ٻاهر نڪتا. سوچيم هتي جي ماڻهن سان اِها سراسر ناانصافي آهي. اهو سوچي قدم پٺتي ورايم ۽ آهستي آهستي هلڻ لڳم. ان ڏارَ جي ويجهو پهچي ان ڏارَ ۾ لهي ويس. ۽ اهو ڏارَ آهستي آهستي بند ٿي ويو هميشہ لاءِ.





شاڪر گائنچو

هڪ وار ڪيان، سؤ وار ڪيان
مان توسان سدائين پيار ڪيان
توکي پنهنجي ڀَر ۾ ويهاري
تنهنجي دم دم پيو ديدار ڪيان
اڄ تنهنجي اچڻ جي پڪ اَٿم
اڄ ڇو نہ مان سؤ سينگار ڪيان
تنهنجي سَر جي خاطر اي ساجن
جڳ ساري سان تڪرار ڪيان
توسان گڏجي عمر گذارڻ جو
اڄ شاڪر تو اقرار ڪيان.
■

# انت بحر دي خبر نہ ڪائي...

ناصر بلوچ/ننگر چنا

نَڙاڪِ سان اَسُرَجو سپنو ٽٽي پوي ٿو. هو ٽڪڙو ٽڪڙو هڪڙي ڊِگهي، اَڏَ اونداهين گهٽيءَ مان وڃي رهيو آهي. دَرَنِ ۾ بيٺل عورتون هُنَ جو رستو وٺي بيهي رهن ٿيونَ. هو اک ڪٽي جيڏانهن بہ ڏسي ٿو، عورتن جا ستر انهن جي پيرن ۾ ڍيري ٿيندي نظر اچنس ٿا. هو هڪڙي کي چُمي ٿو، ٻيءَ کي ڇهندي پائي ٿو، ٽينءَ کي سيني تي مٿو رکي ٿو ۽ چوٿينءَ جي پيرن ۾ هُڦجي ڪري ٿو.

هوءَ پوريون تيرنهن راتيون جاڳي، ان نياڳي جون واٽون نهاري ٿي.

هو چوڏهينءَ جي رات هُن جي چانئٺ تي پيرَ ڏري ٿو. هُن کي ڏسندي ئي هوءَ پوري جلال سان اُٿي ٿي.

”اَچي ويو آن، ماءُ جا يارَ، پيٽن کي پڃارائي.“ ۽ انسان گڏ ئي سِرَ جيڏو ايش ٽري ڪٽي هُن جي مٿي تي وهائي ٿي ڪڍي. رَتُ هن جي مَٿي مان سير ڪري ڪاڏيءَ تائين لهي اچي ٿو.

”فرسٽ ايڊ؟“

”الماريءَ ۾سامهون بَڪسو پيو اَٿئي.“

پوءِ هوءَ هارُ سينگارُ ڪرڻ ويهي ٿي رهي ۽ هو اسٽولَ تي ويهي مٿي تي پَٽي ٻڌي رهيو آهي.

”مان سَدا جي لاءِ هڪ زنانيءَ سان گڏ رهي نہ ٿوسگهان.“

”مان ڄاڻان ٿي.“

”پوءِ بہ اندر ۾ ايترو زهر؟“

”مونکي وهندڙ رَتُ چڱو لڳندو آهي. جيڪو مرد گذريل رات مون وَٽ هيو، مون ان سان بہ اهو سُلوڪ ڪيو.“

”ڇا؟“

”هُو اندر گهڙيو تہ مون هُن جي هَٿَ ۾ کُليل چاقو ڏيئي، مُنيو ڇڪيو رتو.“

”مونکي خبر آهي.“

”توکي؟“

”هائو.“

”ڪيئن؟“

”رات جنهن عورت سان هئم، تنهنجي ڇاتيءَ تي ريزر سان جهير ڏنم.“

”اهو ٻُڌائي تون مونکان بدلو وٺي رهيو آهين؟“

”بدلو ڇاجو؟ مان تہ بس ائين ئي توکي ٻڌايان ٿو.“

”اسان ٻَئي هڪ ٻئي کي ملڻ ڪانسواءِ ڦٿيو وجهون؟“

”هائو، مان ڄائيس تہ ماءُ جي ٻچيداني زخمي ڪَيم.“

”مونکي خبر آهي.“

”ڪيئن؟“

”مون پاڻ توکي جنميو آهي.“

”اسان هڪٻئي کي زخمي ڪرڻ بنا رهي نہ ٿا سگهون.“

”هائو، ٻئي کي زخمي نہ ٿا ڪريون تہ پنهنجو پاڻ کي زخمي ڪرڻو ٿو پوي.“

”اسان جڏهن پهريون پيرو مليا هُئاسون، توکي ياد آهي نہ، تو مونکي ڇا چيو هو؟“

”ياد اٿم، پرتوبہ تہ ڪونہ گهٽايو هو.“

”ياد آهي مونکي، تو بَهارَ ۽ اِندلٺ جي سَتن رنگن جا قَسمَ ڏنا هئا۽ مون آسمانن جي سمورن تازن جوسُنهُن ڏنو هو تہ اسان ٻئي بس هڪ ٻئي جا رهنداسين. پر توکي بہ سُڌَ هُئي ۽ مون بہ ڄاتو هو تہ اسان ٻئي ٺلهي بڪواس ڪري رهيا آهيون.“

”اهو سڀ ڪجهہ تہ ڪرڻو ٿو پوي.“

”ڇا جي لاءِ؟“

”انهيءَ ڪري جو انهيءَ پَلَ ۾ اسان کي هڪٻئي جو چقمق هڪٻئي ڏانهن ڇڪي رهيو هوندو آهي، پر ٻئي پَلاسان مَنجي ٻيا ٿي ڇڪا هوندا آهيون. ۽ اسان جي اندر منجهان ڪنهن ٻئي جي خواهش جو ٻُوٽو ڦُٽي رهيو هوندو آهي.“

”هائو. انهيءَ گهڙيءَ اهو سچ هوندو آهي. انڪانپوءِ جا سُنَهن تہ مڙيو ئي گذارو هوندا آهن، بلڪل ائين، جيئن اسان بيڪريءَ تان ڊبل روٽي ۽ مکڻ وٺڻ مهل ڏاڍا مخلص هوندا آهيون، پر نيرن کانپوءِ اسان کي ڇا ياد رهندو آهي ۽ اسان وري منجهند جي مينيُو جي بابت سوچي رهيا هوندا آهيون.“

”مون 365 ڏينهن ئي نئين مڙد سان پيار ڪيو آهي، پر پوءِ بہ انهيءَ هڪ مرد جي کوجنا پوري نہ ٿي ٿئي، جنهن کي مان ڳولي رهي آهيان. جڏهن تہ مان هڪ وقت تي هڪ مرد سان پيار ڪري سگهان ٿي ۽ هڪ وقت تي هڪ ٻار کي جنم بہ ڏئي سگهان ٿي.“

”اهو ڪوڙ آهي ۽ اسان ڪيترائي ڀيرا اِهو ڪوڙُ پير ڪوڙي هٽندا آهيون.“

”هڪڙو پردو ڪڏهن بہ نہ ٿو لهي.“

”ڪهڙو؟“

”تنهن جي خبر تہ ڇڱيءَ پر مونکي بہ ناهي، پر اُهو آهي ضرور.“

”مٿي ۾ سُورُ تہ نہ اٿئي نہ؟ مان تنهنجي لاءِ وِسڪيءَ جو پيگ ٺي ٺاهيان.“

”پلي ٺاهہ.“

”تو پردي جي ڳالهہ ٿي ڪئي. اُنَ جو ڪو ڪُرُ پيرُ، اُنَ پردي جو ڪو مفهومُ!؟“

”اسان اُنَ کي محسوس ڪري سگهون ٿا، پر ڪڏهن سمجهي نہ ٿا سگهون. پر جي اُهو پردو بہ نہ رهي تہ باقي ڇا وڃي رهندو؟“

”پوءِ بہ خبر تہ پوي؟“

”تون هڪ مرد جي پيار جي ڳالهہ ڪري رهي هُئينءَ.“

”ڪڏهن ڪڏهن مون کي لڳندو آهي تہ اُهو سچي جو سچو مون وٽ آهي، پَر پوءِ بہ ڪانہ ڪا ڪوٺ رهجي ويندي آهي، ٻئي ڏينهن صبح جو وري مان اُنَ کي ڳولي رهي هوندي آهيان.“

”تو ڳالهين ئي ڳالهين ۾ وري پنهنجي هڪ ڪوڙ تي پڙدو وجهي ڇڏيو آهي.“

”ڪهڙو ڪوڙُ؟“

”تون هاڻي چئي رهي هُئينءَ تہ هڪڙي وقت تي هڪ ٻارُ ڄَڻي سگهين ٿي.“

”ڇامطلب؟“

”توکي پڪ آهي تہ اُهو مرد اُهوئي هوندو آهي، جيڪو توسان گڏ هوندو آهي.“

”لڳندو تہ ڪجهہ ائين آهي.“

”اهو ممڪن ناهي، جي اهو ممڪن آهي تہ پوءِ توکي ٻئي مرد جي ۽ مونکي ٻيءَ عورت جي سَڌَ ڇو؟“

”ڪڏهن ڪڏهن تہ اهو هوندو آهي يا مون کي ائين لڳي رهيو هوندو آهي تہ جيڪو مرد مون سان گڏ آهي، مان اُنَ جي ياڪر مان ڪڏهن ٻاهر ناهيان اچڻي، پَرَ جڏهن اهو موڪلائي رهيو هوندو آهي تہ ممڪن آهي تہ مونکي هُنَ جي پڇڻ تي ياد اچي وڃي هي تہ ڪو ٻيو آهي.“

”مون کي ياد آيو، مان هڪ عورت سان ٽي مهينا رهيس. هُنَ منهنجي وجود کي پنهنجي انگن ۾ اڙائي سوگهو ڪري ڇڏيو. پوءِ هڪ ڏينهن اوچتو مون کيس ڏندڻ ڏيندي ڏٺو، هُنَ جون مهارون ڏسي مونکي ڪِرڀَ اچڻ لڳي. مون پنهنجو پاڻ تي لعنت وڌي تہ هِنَ عورت سان مون ٽي مهينا ڪيئن گذاريا آهن؟ پوءِ کيس ٻڌائڻ بنان ڇڏي هليو آيس.“

”ائين ٿيندو آهي. توهان ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جي ٽِلڻ تي مَري پوندا آهيو، پَرَ ٿي سگهي ٿو تہ اُهو پنهنجا بوٽ لاهي ۽ توهان کي هُنَ جي جورابن مان مُئل ڪوئي جي ڌپ اچڻ لڳي. اسان کي هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ کپي.“

”جي اسان سمجهي ونون تہ اسان اهي سڀ ڳالهيون جنسي نفسيات کي ڄاڻڻ لاءِ ڪيون آهن تہ ڪيئن لڳندو؟“

”ڪو هرجُ تہ ڪونهي.“

هُوءَ اُٿي ٽي ۽ وسڪيءَ جا ٻہ ڊبل پيگ ناهي ٽي. هُو ٻئي ننڍڙا ڍُڪ ڀريندا دريءَ پرسان وڃي ويهن ٿا. ٻيٽن جهڙي رات، سپنن جهڙي هوا، ڳهاٽن وڻن پويان چنڊ نڪري رهيو آهي. هنن جي اندر منجهان سڪاٽي ٻيڙيءَ جي ڦڙڪي جهڙو آواز اچڻ لڳي ٿو. هُوءَ هُن جي ڪلهي تي ڪنڌ لاڙي چوي ٿي.

”تون پهريون مرد آهين، جنهن سان مان ههڙي رات ۾ ملي آهيان.“

”مان تارن جو سُنهُن تو کٿان تہ اسين ٻئي هڪ ٻئي جي لاءِ ٺهيا آهيون.“

”تون ڪيڏو نہ نئون آهين، تو کان وڌيڪ قدرت کان ٻيو ڪجھ گهُري بہ ڇا ٿو سگهجي.“

”مون تو لاءِ جنت ڇڏي.“

”مون تو لاءِ زمين.“

”منهنجو مُنڍ تون آهين تہ انت بہ تون آهين.“

هُو ٻئي ڳالهيون ڪندي ڪندي هڪٻئي جي ٻاڪرن ۾ ويڙهبا ٿا وڃن.

”هِن جُسي جي سڳنڌ لاءِ مان هزار ڀيرا قتل ٿي سگهان ٿو.“

”مونکي پڪ ٿيڻ لڳي آهي تہ جنهن مَردَ جي خواهش منهنجي مَنَ ۾ صدين کان پئي پلي آهي، اهو تون آهين.“

هاٿي اُهي ناهن. هنن ٻنهين جا جُسا ڳالهيون ڪري رهيا آهن. ڳالهيون ڪندي ڪندي رات لنگهي ٿي وڃين. سويرو هن جي اک کُلي ٿي، هُو اُٿي باٿ روم وڃي ٿو. تيار ٿي هُنَ کي اٿاري ٿو. هُنَ جي اک کلي ٿي، ”چاهي؟“

”آئون هلان ٿو.“

”ڇو؟“

”هميشہ هڪ عورت سان رهي، مان جيئرو نہ ٿو رهي سگهان.“

”مون سان گڏ بہ نہ؟“

”نہ. مان وڃان ٿو. ۽ اهو بُڌي ڇڏ تہ پنهنجي جُسي لاءِ ڪو چڱو پرفيوم ڪم آڻيندي ڪر. تنهنجي بدن مان ڏاڍي ڌپ ٿي اچي.“

هُوءَ ڪاوڙ ۾ ٻُرڪندي، اُٿي گلدان ڪڻي هن کي لونڊڙي ۾ ٺڪاءُ ڪرائي ٿي.

”بلڊي باسٽرڊ. گيٽ لاسٽ.“

هُو ٻاهر نڪري ٿو ۽ هوءَ وهاڻي ۾ مُنهن هٽي روئڻ لڳي ٿي. پوءِ هن کي ياد اچي ٿو تہ اهو ٻاهر وڃڻ وارو تہ ڪو ٻيو هو، آهو نہ هو، جنهن سان هن رات گذاري آهي.

هُن کي وري خيال اچي ٿو تہ اها جيڪا روئڻ واري آهي سا اها گذريل رات واري عورت ناهي.■

# غزل



امين پتو

تي خفا هو اُٿي رهيو آهي
دل جو مندر پُري رهيو آهي
دير کان انتظار تُس ڪنهن جو
مينهن ۾ ڪو پُسي رهيو آهي
شخص مليو مسافري ۾ جو
ياد ٻڏجي دُکي رهيو آهي
آئون پنهنجي ڪٿا ٻڌايان پيو
ڳالھ ٻئي جي ٻُڌي رهيو آهي
پنڌ پنهنجو اجان نہ ڪٽڻو آ
ها مگر هو دُکي رهيو آهي
ڪير مون کي سڏي پيو در تان
ڪير منهنجو پُڇي رهيو آهي
هو ڪڏهن پي نہ آ مليو هن سان
جنهن جي آڏو جُهڪي رهيو آهي

***

ڪجھ پل ڳهاري موتي ويندس
چنڊ نهاري موتي ويندس
هو حيدرآباد هلي ويندي
۽ مان ناري موتي ويندس
تنهنجون يادون دل جنگل ۾
چاري چاري موتي ويندس
اينديون ڪوڙ عبادت لئہ مان
ڏيئڙا ٻاري موتي ويندس
تنهنجون سارون ساڻ ڪٽي سڀ
پاڻ وساري موتي ويندس
تنهنجي وارن ۾ مان الجهي
آڏي ڏاري موتي ويندس
ڪيسين تائين ايندو رهندس
نيٺ پڪاري موتي ويندس
تنهنجي نيٽن جي دريا ۾
پاڻ اڪاري موتي ويندس
ڪونہ سڄاٽپ رهندي باقي
رات گذاري موتي ويندس.

***

عمر گهاري شهر مان وريو هيو
اوپرو هر ڳوٺ جو رستو هيو
رات جو پويون پهر ۽ خامشي
گهر اڱيان بيٺو اچي رڪشو هيو
روح تائين تي ويو جلتل هيس
سانوٽي وانگر مٿان برسيو هيو
وڻ وڏا گهاٽا فصل ۽ ڍنڍ هڪ
يار جي هي پار جو نقشو هيو

***




## هڪ سهارو هيو...

ان گهٽي ۾ وڃايو تڏو آ پيو
جنهن گهٽي ۾ اجان اڇٽي بارات هئي
ماءُ روئي ڪيا حال هيٺا هئا
پيڻ ماتم ڪري ڳيچ ڳاتا پئي
هڪ سهارو هيو سو بہ ڪسجي ويو
بي سبب ماريو ويو هٽي گوليون
ڪير آٿت ڏئي ماءُ ۽ ڀيڻ کي
ماءُ جا خواب ٽيٽا هيا سايا
ڀيڻ جي هن کي ڪرٽي اجان شادي هئي
بي رحم گوليں روشنين جي شهر ۾
گهر اجاڙي ڇڏيو گهر اجاڙي ڇڏيو

***

## ڇڏيو تو ڇا ڇرو ٻوڙي

اڙي او لاڙ جي ليلىٰ
نرالي پنهنجي نيٽن ۾
ڇڏيو تو ڇاڇرو ٻوڙي
ڪيو تو ڪاسبو قيدي
ننگر جي نينهن ۾ اڇلي
جواني جاڙ جهڙي کي
پلا تو کي مليو پي ڇا؟
۽ مرڪي مام ۾ مومل
وئين ويڙهي هوائن کي
پنيان ۽ پيار جا پاڇا
ڏين ٿا ڏس پيا تنهنجو
مگر تنهنجو پتو ڪونهي
الائي ڪٿ وسين ٿي پئي
۽ اڪثر ياد تنهنجي ٿي
وڃهي پئي وڍ وڇوڙي جا
ڪٽي آهين ڪٽي آهين
اڙي اولاڙجي جا ليلىٰ
پنهون تو کي پڪاري پيو
۽ تنها عمر گهاري پيو

***

Cell: 0300-3447891

# عارفاڻو سنگيت

ماحول جهڙوڪ هلڪو، نرم ۽ گهٽ داٻ يا اُبس وارو ٿي ويو آهي. اهو ماحول جي صفائي يعني يانگ ۽ ين جو موزون توازن آهي.

ان پيالي ۾ پاڻيءَ جا مختلف مقدار وجهي، اُنکي جل ترنگ جيان هٿوڙيءَ سان وڄائي پنهنجي ڪمري جي ماحول يا پنهنجي ذات جو موزون سُر معلوم ڪري سگهجي ٿو. ان ڪانسواءِ مختلف سُرن سان پنهنجا چڪر يا لطائف به جاڳائي سگهجن ٿا.

جيئن ڪنهن تلاءَ ۾ ننڍا وڏا مختلف دائرا پاڻ ۾ گڏيل سڏيل ۽ وچڙيل هوندا آهن، تيئن رنگ، انگ ۽ سُر سُترين به پاڻ ۾ لاڳاپيل آهن.

رنگ: ڳاڙهو- نارنگي- هيڊو- فيروزي- نيرو - واڱڻائي.

انگ: 1 (4)، 2 (7)، 3- (5)، 6-7-8.

سُر: سا-ري-گا- (ما)- پا-ڌا-ني.

غور ڪجي ته ساڳئو رنگ 5 عدد ۽ (ما) جو سُر ان ستن واري منشوري انڊلٽ (39) (spectrum) جي وچ ۾ آهن، جن ۾ ٻنهي پاسن جو امتزاج آهي. 5 عدد جو پنهنجو اسرار آهي.

(نرماد) 5 = (پهريون ٻڪي عدد) 2 + (پهريون اڪي عدد 3

(شڪل 5) نرماد = ين + يانگ

(عطارد) ☿ = (مريخ) ♂ + (زهره)

Hermes + Aphrodite = Heronaphrodite.

5 عدد ۽ عطارد (☿) کدڙا يا مخنث نه پر نرماد يا ٻه- جنسيا (bisexual) آهن، يانگ ين، سُرتال جو توازن آهن. سري (Occult) ميدان ۾ 5 عدد يا پنج- ڪُنڊي تاري جي وڏي اهميت آهي.



*شڪل 16: پنجڪُنڊو تارو (Pentagram)- شڪل 8 جي يانگ- ين دائري جو ٻيو روپ.*

(ما) جو سُر، مِنو، مڌم (وچولو)، نرمل ۽ ڪومل آهي. انجو سُهڻو سُريلو سُر يا توازن (equipoise)، نه رڳو سنڌ جي مِٽي پر سنڌي ماڻهوءَ جي مزاج، انجي موسيقي ۽ ٻوليءَ جي ميناج ۾ به موجود آهي.

اهو سندن وادي سُر (key-note) آهي.

هن وقت پوري دنيا جي ٻولين جي پيٽ ۾ سنڌي ٻولي شاعريءَ لاءِ موزون ترين ٻولي آهي، ان ڪانپوءِ هندي آهي. سنڌيءَ ۾ اهي اکر به آهن جيڪي سنسڪرت ۾ به نه هئا:

ٻ-ڄ-ڏ-ڳ.

آوازن (اکرن) جي معاملي ۾ سنڌيءَ کي سنسڪرت کان به وڌ نفيس چئي سگهجي ٿو.

انجا ٻ-ڀ-ٿ-ٽ-ٺ-ڄ-ڃ-ڏ-ڊ-ڦ-ڪ-ڳ-ڱ-گھ -ڻ اکر سنڌي جي مَڌمتا ۽ نِرملتا جي شاهدي ڏين ٿا.

ان ڪانسواءِ شڪارپوري لهجي ۾ لهڪي يا لرزي واري (ڙ) آهي جنهن کي 'گمڪ' (trill) چوندا آهن، جيڪا پڪيءَ جي لات لنوڻ مثل آهي.

مثال طور: ٽي، چنڊ

ٽي = ٽرري، چنڊ = چنڊرر

اهو آواز، ٻٽو اکر يا تشديد (ّ) نه لهڪو (Vibration) آهي. پر انکي سنڌي اسڪرپٽ ۾ ڪيئن لکجي يا ان لاءِ ڪو نئون اکر گهڙجي؟

ر = رر يا ررر

ٽي = ٽرري

چنڊ = چنڊرر

سنسڪرت ۾ (رر) ۽ (لر)، ٻئي آواز عِلتي اکرن طور موجود آهن.

شاعري اکرن بدران آوازن (سُرن) ۽ لفظن (خاص ڪري قوڙات لفظن) بدران معنائن ۾ ڪجي. هي اکر يا آواز ن- مِٽون- م- مِٺوم-ڻ-ل-رر. شاعريءَ يا شعر ۾ غنائيت ۽ موسيقيت وڌائن ٿا.

شاه لطيف عظيم شاعر ۽ فنڪار ڇو هو؟ هنجي شاعريءَ ۾ ماترائن، تجنيس حرفي، سنڌي غنائي آوازن، سُرن جي سونهن سبب موسيقيت هئي، سنڌ جي سُونڌي سُونڌي مٽيءَ جي سُڳنڌ هئي. سندس شاعري انگن (عُروضي ارڪان) ۽ رنگن (مضوريءَ جا رنگ) بدران ماترائن ۽ سُرن ۾ آهي.

تورو هن شعر جي موسيقيت ڏسو:



## ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي

**اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪيا بُرجن سين،**
**ساز سارنگيون سُرندا، وڄائي بُرچنگ،**
**صُراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڌام ٿي.**
*- سارنگ: 2*

وري ڏسو ته لفظن سان 'ننڍ مُورتائي' ڪيئن (miniature painting) چٽيل آهي:

**مُند ٿي مندل منديا، ڪي اوهيڙن اوڪ**
**چاچر ٿي چنن ۾، مينهيون چَرَن موڪ**
**سُرهيون ٽيون سنگهاريون، پويو پائن طوق**
**ميها، ڇيڙ، ڦُنگيون، جِت ٽين سيئي ٽوڪ**
**لاهئين مٿان لوڪ، ڏولائيءَ جا ڏينهڙا.**
*- سارنگ: 3*

انهن بيتن ۾ شاه لطيف ڏاڍي فنڪاريءَ سان سنڌي ٻوليءَ جي مخصوص مزاج ۽ آوازن کي ايڪسپلائٽ ڪيو آهي سنڌي شاعرن کي به پنهنجي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ان خوبيءَ، آوازن ۽ سُرن مان فائدو وٺڻ کپي.

پڻائي گهوٽ جي شخصيت پنهنجي نرملتا ۽ نفاست، جمال ۽ لطافت سبب سندس شاعريءَ کان به وڌ عظي هئي. هو واقعي هڪ ڪامل انسان هو. ڪيس ٻڌايو ته گهڻو ٿي ويو آهي، پر اڃا تائين سمجهيو يا سمجهايو نه ويو آهي. ماڻهن جو ڌيان سندس شاعريءَ ۽ موسيقيءَ ڏانهن آهي. شخصيت ڏانهن ناهي، حالانڪ سون جهڙي شخصيت ئي عظيم فن جو مظاهرو ڪري سگهي ٿي. هُو سچو صوفي هو. هيل تائين صوفيت ۽ ڀڳتي ڪيترا نه عظيم شاعر پيدا ڪيا آهن. هر قوم ۽ ملڪ پنهنجي صوفي شاعر کي عظيم شخص طور پيش ڪري ٿو.

سُڌير ڪاڪڙ، پنهنجي ڪتاب Shamans, Mystics and Doctors ۾ لکي ٿو، "انساني چاڻ جون 4 سنوتون آهن:

عارف (صوفي) جي روحانيت
فنڪار (شاعر) جو تخيّل
سائنسدان (فلسفيءَ) جو عقل (استدلال)
ڪامن سينس واري فراست.

سا ري گا ما پا ڌا ني

○ ○ ○ ○ ○ ○ ○

*شڪل 17: ست ٽُنگ، ست سُر.*

بانسريءَ جا 7 سوراخ: 7 سُر، 7 رنگ، 7 انگ، 7 لوڪ (عالم)، 7 گُڻ، 7 اسم، 7 الاهي ڏاهيون (بني)، 7 گَرهَہ (آسمان)، 7 چڪَر (ڪنول)، 7 لطائف، 7 هارموني غدود، 7 تنتي مُچا، بدني قوتون، 7 ذڪر آهن.

سُرَ (آواز) رنگن (Light)، انگن (Maths)، اڪرن جو بُڻ بڻياد ۽ سونهن آهن. ڏسو شڪل 18.

هونئن تہ اڪي عدد 9 آهن پر گرهن جي ورچ ڪندي، ڪين 7 گرهن ۾ ڪائونٽ ڪيرو (40) هن ريت ورهايو آهي:

9 8 6 5 3 (7-2)(4-1)
مريخ زُحل زُهره عطارد مُشتري چنڊ سِج

انهن پراڻن ستن گرهن ڪانپوءِ ٽي نوان گرهہ- يورنيس، نيپچون ۽ پلوٽو دريافت ٿيا. يورنيس ڪي 4، نيپچون ڪي 7 ۽ پلوٽو ڪي ٻُڙي (0) جا عدد ڏنا ويا نہ تہ انڪان اڳ 4 جو انگ سج ۽ 7 عدد چنڊ سان جوڙيوال ڪيا ويندا هئا. انهن ستن گرهن ڪي 7 آسمان يا جهان بہ چوندا هئا.



شڪل 17: سپتڪ (Octave) ۾ سُرن جا لاڳاپا - Ashiq

حق تعاليٰ جون 7 اوائلي صفتون آهن، جنڪي 7 ذاتي گُڻ يا بين تمام صفتن جون مائرون (اُمتهات صفات) چئجي ٿو. اهي پنهنجن اسمن سميت ترتيب وار هن ريت آهن. حيات (اسم حي)، علم (عليم)، قدرت (قدير)، ارادو (مُريد) سمع (سميع)، بصر (بصير) ۽ ڪلام (مُتڪلم).

شڪل 8 ۾، لطائف سان نبين جو لاڳاپو نقشبنده مجدّديہ موجب آهي، پر علار الدولہ سمنانيءَ مطابق لطائف ۾ نبين جي ورچ هن ريت آهي:

اِخفيٰ: حضرت محمدؐ (معراج، قاب قوسين، وحدت.)
خفي: حضرت عيسيٰؑ (روح الله، بصر، ديدار)
سِرّ: حضرت دائودؑ (سمع، لحن، صوت سرمدي)
روح: حضرت موسيٰؑ (ڪلام، روح رهاڻ)
قلب: حضرت ابراهيمؑ (روح+ نفس، ناطق)
نفس: حضرت نوحؑ (امّاره نفس، ايٿر، آڪاس)
قالب: حضرت آدمؑ (خاڪي جسم، ڪارب، 4 عنصر). (41)

بدني قوتون بہ 7 آهن.
چُوهہ، جذب، قوت جاذبہ، Attraction, Absorption
خورش، تڳاءُ، قوت تغذيہ، Sustenance, Nutrition
هاضمو، قوت هاضمہ، Digestion
روڪ، جهل، قوت ماسڪہ، Retention
ڪرفتي، نيڪال، قوت خارجيہ، Repulsion, excretion
اوسر، قوت ناميہ، Growth
روپ، تشڪيل، Formation

7 ذڪر: 'لاالٰہ الاالله' (لساني ذڪر يا ڪڙڪو)، 'الله' (جَلي ذڪر)، 'هُو' (قلبي ذڪر)، 'حق' (روحي ذڪر)، حيّ (سرّي ذڪر)، 'قيوم' (خفي ذڪر)، قهار (لا، فنا).

صوفيت ۾ بانسري نہ رڳو ڪامل انسان پر قلم جي علامت بہ آهي جيڪو لوح محفوظ تي نور جي رنگن ۽ آوازن جي سُرن سان نقش نگار (patterns)، لاڙا (trends)، امڪان (possibilities) ۽ ممڪنات (probabilities) لکي ٿو، جيڪا انسان جي قضا ۽ تقدير آهي.

**تانُ نہ آهي تندُ جو، رون رون ڪري راز**
**هٿنڊڙ سندا هٿڙا، سيڪو چئي ساز**
**سَٽَ ڏيئي شهباز ٿئي تہ ٿوڪ پر ائين.**
*- سورٺ: 4*

***

## حاشيا ۽ حوالا:

(1) صوفي عنايت خان، Music، شيخ محمد اشرف، لاهور، ٻيو ڇاپو، 1980، ص31.
(2) صوفي عنايت خان، ساڳيو. ۽ شيخ عزيز، سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ (سُرن جي لحاظ کان)
(3) 12 ڪومل ۽ تيور سُرن جي مخصوص ترتيب مان ٺهيل راڳن ۽ راڳڻين جي ستاءَ ڪي ٺاٽ (Musical Scale) چئبو آهي. اسانجي موسيقيءَ ۾ ڪُل 10 ٺاٽ آهن. ڪلياڻ، بلاول، ڪماچ، ماروا، پوربي، پيبروي، اساوري، توڙي ۽ ڪافي ۽ ڀيروو.
(4) البدوي، 'چيني استخارو' مسودو (سنڌي ۽ اردو). 'يي جنگ' چيني مفڪر ڪنفوشيس جي 6 ڪلاسڪن مان هڪ آهي. انڪي چين، تائيوان، ڪوريا، هونگ ڪونگ، ويتنام، ڪمبوڊيا، جاپان، ٿائي لينڊ ۾ مقدس ڪتاب ليکيو وڃي ٿو. هن ڪتاب ۾ پوين ٽن هزار سالن جي چيني عارفن جي ڏاهپ ڏنل آهي. هنڪي استخاري طور بہ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ بين استخارن جي ڀيٽ ۾ بهترين، درست ۽ مطمئن ڪندڙ استخارو آهي.
چين جي قديم شهنشاهہ فوشي هيدي دريا مان هڪ قُمي نڪرندي ڏٺي، جنهن جي ڪُپي تي عجيب نقش هئا. فوشي آسمان ڏانهن ڏٺو تہ ڪيس تارن جي ميڙن ۾ ساڳيا نقش نظر آيا، هن ڌرتيءَ تي چوڏس چوڌار ڏٺو، اُتي بہ هرشيءِ ۾ اهڙيون شڪليون نظر آيون. وڌي سوچ ويچار ڪانپوءِ فوشي اٺ ٽِي- ليڪيون بنيادي شڪليون ترتيب ڏنيون. اُپ، ڍنڍ، آڳ، تاج، هوا، پاڻي، جبل ۽ ڌرتي.
(5) سيد محمد ذوقي، 'سِرّ دلبران'، محفل ذوقيہ، ڪراچي، 1418 هہ، ڇاپو پنجون، ص285، 378، تڪوين جي تفصيل شيخ اڪبر ابن عربي ۽ امام غزالي جي آهي، اسان انڪي جديد انداز ۾ پيش ڪيو آهي.
(6) لالہ بختيار، (Sufi)، ٿيمز ۽ هُڊسن، لنڊن، 1979، ص16.
(7) مهاراج ساون سنگهہ، Philosophy of Masters جلد پهريون، راڌا سوامي ست سنگ بياس، انڊيا، 1996، ص170.
(8) البدوي، 'فُصوص الحِڪَم' (مسودو) سنڌي ترجمو، تحقيق ۽ تشريح، فص اسماعيل، 28 ارباب ۽ 28 مربوب. محمد ذوقي، 'سُرّ دلبران' ص 65-358.
(9) البدوي، 'فصوص الحِڪَم' فص ابراهيم.
(10) البدوي، 'طواسين'، سنڌي ترجمو، تحقيق ۽ تشريح، شاهہ ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد، 2009، ص44، 182.
(11) البدوي، 'فصوص الحڪم'، فص محمدؐ
(12) الفرڊ ڊگلس، The Oracle of Change، پينگوئن، انگلنڊ، 1971. يورپي دنيا ٻئي حساب جو سارو. ڪريڊٽ لائبنز ڪي ڏنو آهي. ويچارو شائو يُونگ.
(13) دا ليُو، I Ching Numero رُٽلج ايند ڪيگن پال، لنڊ، 1979، شائو يونگ جي پنهنجي ڪتاب جو نالو Plum Blossom Numerology آهي. هُو پنهنجي علم الاعداد جي جاڻ ۽ حساب مان سوالن جا اهڙا اهڙا جواب ڏيندو هو. جو ماڻهو دنگ ٿي ويندا هئا.
(14) جسماني دل ڪي 'مضغۂ صنوبري' (نباتي شڪل، cone-shape) يعني گوشت جي ٻُوٽي چوندا آهن. صوفياٿو سُجاڳ (جاري ٿيل قلب) يعني 'مُنيب قلب'، نفس ۽ روح جو سهڻو سنجوڳ آهي:
لوّامہ نفس ▽ + مثالي روح △ = مُنيب قلب
لوّامہ: ملامت ڪندڙ، ننديندڙ، 'چڳائي جو ☆ فرشتو، Accusing Self
مُنيب قلب: انابت يا توبهن ڪندڙ، penitent
لاشعور (سُتريل) Subconscious
قلب جاري ٿيڻ جو مطلب گوشت واري دل جو وڌيل ڌڙڪو ۽ ڏڏڪا (Palpitation, tachycar dia) ناهي،

بلڪ اهو تطيف قلب يا لطيفہ انسانيت (vortex of energy) جو سُجاڳي، انجو رڳجڻ (اڪين پوٽڻ سان انجو رنگ نظر اچڻ) آهي. قلب جاري ٿيڻ سان انسان اندر لُڪيءَ غدود (Thymus gland) جي رس جاري ٿئي ٿي، پريم رس پيدا ٿئي ٿي، انهن جو آواز ٻُڌڻ ۾ اچي ٿو. سچ پچو تہ قلب عقل ۽ الهام، شعور ۽ لاشعور جو سُريلو ميلاپ آهي، جنهن جو نتيجو جام جم يعني اهو آئينو (TV screen) آهي، جنهن ۾ سمورن جهانن جا نظارا پسي سگهجن ٿا.

(15) هتي 'انا' جو مطلب انساني تتُ (human essence) آهي جيڪا الاهي انا (Divine Essence) جو پڙاڏو آهي. عقلي انا، خودي يا آپو (Ego)، عقل جي بدترين خامي بانورائي (pride, hubris) آهي، جنهن کي سنسڪرت ۾ اهنڪار چوندا آهن، جنهن جو لفظي مطلب ٿئي 'آئون آئون آهيان' (I AM I) . عقل جي بهترين خوبي چڱائي مدائي، غلط ۽ صحيح جي وچ ۾ تمعيز يا امتياز (discrimination) چئبي، جنهن کان صوفي سهڻو سجايو ڪم وٺندا آهن.

(16) 'انساني روح جي حقيقت' جي عنوان سان اسان ڪراچي ٿيو سوفيڪل سوسائٽي جي پليٽ فارم تان، آواري هوٽل ۾ ڏيڍ ڪلاڪ جو ليڪچر ڏنو هو، جنهن کي هندن، عيسائين، پارسين، مسلمانن، عالمن، سائنسدانن ۽ دانشورن ڏاڍو ساراهيو هيو. هاڻ اسان روح تي مڪمل ڪتاب لکي رهيا آهيون، جنهن ۾ هر زاوئي سان روح بابت ڄاڻ ڏني ويندي.

(17) مثالي سير يا خُلع بدن (OOBE) جي سلسلي ۾ ٻہ نالا نهايت مشهور آهن، جن پنهنجن آزمودن جا ڪتاب لکيا آهن. سِلوان ملڊون، The Projection of Asdral Body ۽ رابرٽ مُنرو Journeys Out of the Body.

(18) ياداشت (حافظو، يادگيري، Memory) جا ٽي مرحلا آهن، ڌيان (attention)، هنڊائڻ (relention) ۽ ٻيهر يادگيرو (recall). جڏهن روح جو پڪيئڙو پلاسٽر آف پئرس جي ڪوٽ ۾ جڪڙجي ٿو تہ ڪانئس پنهنجي ڄاڻ، ملير جو مُلڪ، ماروئڙا سانگيئڙا، پوين جهانن جا سير، هتي اچڻ جو مقصد وسري وڃي ٿو جو 'ماڙهو' اندر روح سُتل آهي. ڪُل يادگيري (Total Recall) جو مطلب ياد جو پوئتي سفر (regression) آهي.

(19) سچا سِري عامل ۽ صوفي ڪامل چون ٿا، علم انسان اندر لڪل ۽ سُتل آهي، انکي ٻاهرين علم (معلومات information) پرائڻ بدران پنهنجي اندر جو علم جاڳائڻ کپي. ائين سِکُ جيئن تون پنهنجي اندر ڪا پُليل شيءِ ٻيهر ياد ڪري رهيو هجين. اهائي سچي تعليم، سکيا يا عين اليقين آهي.

(20) اهو اسانجو مطالعو، مشاهدا ۽ ذاتي آزمودا آهن، انڪانسواءِ طبي ڄاڻ بہ آهي. اسانجو هڪ پيارو ست سنگي دوست هو، جيڪو پنهنجي حيواني نفس واري زال جي دهشت پسندي ڪارڻ رڳو مراقبو ڪندو هو. آخر ۾ هنجا 'ٻُڪي جا غدود' فيل ٿي ويا ۽ ويچارو جوانيءَ ۾ گذاري ويو.

(21) الاهي اسم جنهن شيءِ جو رب (جمع ارباب) هوندو آهي اُن شي کي مربوب (جمع مربوبات) چوندا آهن. ابن عبي 28 ارباب ۽ 28 مربوبات جو نقشو ڏنو آهي، جنهن ۾ مُنڍ کان وٺي آخر يعني هن دنيا تائين 28، قمري منزلن، 28 لکيل اکرن سميت ڪل ڪائنات جا 28 درجا يا سنوتون شامل آهن. لالہ بختيار، sufi، محمد ذوقي، سرّ دلبران، ص385، ارباب ۽ مربوب بالڪل هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آهن، 28 ارباب (الاهي اسم)، بديع، باعث، باطن، آخر، ظاهر، حڪيم محيط، شڪور، غني، مقتدر، ربّ، عليم، قاهر، نور، مصوّر، محصي، مبين، قابض، حيّ، محي، مميت، عزيز، رزاق، مذل، قوي، لطيف، جامع ۽ رفيع الدّرجات. 28 مربوبات (ڪائناتي اسم)، عقل ڪل، نفس ڪل، طبيعت ڪل هئا، شڪل ڪل، جسم ڪل، عرش، ڪرسي، فلڪ اطلبس، ملڪ، منازل، فلڪ زحل، فلڪ مشتري، فلڪ مريخ، فلڪ شمس، فلڪ زهره، فلڪ عطارد، فلڪ قمر، اٿيرگولو، باد گولو، آب گولو، ڌرتي گولو، معدنيات، نباتات، حيوانات، ملائڪ، جن، انسان جامع رتبو.

(22) ڊاڪٽر پير محمد حسن، خزينتہ معارف، ناشران قرآن لميٽيڊ، لاهور 372. مراڪشي عظيم صوفي عبدالعزيز دباغ جي چوڻ موجب 'قرآن ڪريم ۾ ڏنل حروف مقطّعات (وڍي ڌار ڪيل اکر) جيڪي سورتن جي مُنڍ ۾ ڏنل آهن سي عربي نہ پر سُرياني ٻوليءَ جا آهن ۽ لوح محفوظ ۾ بہ ائين لکيل ڄاڻايل آهن. انهن ڪٽيل اکرن جي معنائن، رمزن ۽ رازن جي ڄاڻ رڳو نبين ۽ اوليائن (4 اوتاد) کي آهي. اهي مختلف سورتن جي ٿِيم آهن، جنهن جو مفصل بيان باقي سورت ۾ هوندو آهي.' "هي هڪ ڪشفي علم آهي، جنهن جو نالو علم الحروف معجمہ آهي، جيڪو لوح محفوظ جي ڪشف، ڏسڻ پڙهڻ سان ڄاڻجي ٿو اوليائن کي سندن روحاني وت آهر انجي ڄاڻ ٿئي ٿي. غوث ۽ سندس 7 قطبن کي انجي پوري ڄاڻ هوندي آهي." اسانجي خيال ۾ اهي مخفف ناهن بلڪ سرياني آوازي اکرن موجب ڪوڊ (code) آهن. (ط) اکر جي هڪ معنيٰ نانگ بہ آهي. اسان سوچيو تہ قرآن ۾ نانگ جو ڪهڙو ڪم پر جڏهن اسان طٰهٰ ۽ طٰس واريون سورتون پڙهي ڏٺيون تہ انهن ۾ مصري جادوگرن جي نانگن ۽ حضرت موسيٰؑ جي لٺ واري ازدهيٰ جو واقعو ڏنل هو.

(23) گل حسن قلندر قادري، تعليم غوثيہ، نفيس اڪيڊمي، ڪراچي ڇاپو ٻيو، 1976. ص6-453.

(24) البدوي، فُصوص الحِڪَم، فص ادريس، اسان 1975ع ۾ جو قاهره ۾، اهرام ڏٺا هئا، وڏي هرم (great Pyramid) ۽ ابوالهول (Sphinx) هيٺ مندر اندر بہ ويا هئاسين. اسانکي انجي ظاهري ۽ باطني معنائن جي پوري ڄاڻ آهي، جنهن تي هڪ ٿُلهو ٿنڀرو ڪتاب لکي سگهجي ٿو. اسانجي خيال ۾ وڏو هرم نُوحاڻي ٻوڏ کان اڳ حضرت ادريسؑ (استاد) جو جوڙيل آهي، جنهن کي هرمس الهرامسہ (Hermes Trismegistus) يعني ٽيڻو عظيم آهي. مصر ۾ سندن نالو امحوتپ آهي. ابن عربي جي ڄاڻ موجب جڏهن سِج 'سُرندي' نکٽ (شلياق، Lyra) ۾ هو تڏهن ان هرم جي تعمير ٿي هئي، جڏهن ڌرو يا قطب تاري (Polaris) جي جاءِ تي واقع تارو (Vega) قطب تارو هو. اهو 11000-12000 ق.م جو وقت آهي. وري هاڻ 11500 سالن کانپوءِ 'الواقع' قطب تارو (Pole-Star) بڻبو.

(25) سيد قاسم محمود، آدم و آدمي، شاهڪار بڪ فائونڊشين، لاهور، 2007. اهو هڪ زبردست تحقيقي ڪتاب آهي. ابن عربي بہ فصوص جي فص آدم ۾ ساڳي ڳالهہ ڪري ٿو.

(26) زيب بن شمعون حلبي، The Way of Kabala ، رائڊر، لنڊن- زيب جي يهودين جو مذهبي پادري. 'ربي' آهي پر پوءِ بہ قبالہ جو عارف ٿو لڳي. قبالہ ۾ هرشيءِ 'ڄاڻ جي وڻ' جي ڊانچي تي فِٽ ڪبي آهي، جنهن ۾ 10 دائرا (عالم يا لوڪ) ۽ 22 واٽون آهن. هيل تائين رڳا چار ماڻهو ان دائري 'ڪيتر' (Kether) تائين پُڳا آهن، جن مان ٻہ مري ويا، هڪ چريو ٿي ويو، رڳو ربي عقيبہ جيئرو بچيو. هاڻي تہ قبالہ ۾ ڪوڙا عارف ۽ عامل رهيا آهن. پر تالمود جيان قبالہ ۾ بہ ڄاڻ ۽ ڏاهپ جو وڏو ذخيرو آهي.

(27) تعليم غوثيہ، ص 457

(28) سيد عبدالڪريم جلي، انسان ڪامل، مترجم فصل ميران، ص 77، 270- سرّ دلبران ص268، 282، 311، 371.

(29) انسان ڪامل، ص20-218.

(30) خزينتہ معارف، ص9-188. رڳو سرياني هنجي اکرن جون معنائون ورتل آهن.

(31) ابجد (الفبيت alphabet) ڪنهن بہ ٻوليءَ جي اکرن جي ترتيب ٿئي ٿي. ابجد قمري (يِن چانڊوڻي lunar) عربي جي اُم الاباجد يا 'نوحاڻي اَبجد' آهي جو ان مان ٻيون ابجدون ڦُٽي نڪرنديون آهن. ڪُل 30 ابجدون، 28 ڄاتل ۽ اڻڄاتل آهن. شمسي ابجد (يانگ، سبحوڻي، solar) بہ ٿئي ٿي، جنهن جي هيءَ ترتيب آهي.

ا-ب-ت-ث-ج-ح-خ-د-ذ-ر-ز-س-ش-ص-ض-ط -ظ-ع-غ-ف-ق-ڪ-ل-م-ن-و-هہ-ي.

عددن جي قيمت قمري ابجد کان مقرر ڪئي وڃي ٿي،

اِحاد: ا- ب- ج- د- هہ- و- ز -ح -ط.
(اِڪائيون): 1-2-3-4-5-6-7-8-9
عشرات): ي-ڪ-ل-م-ن-س-ع-ف-ص.
(ڏها): 10-20-30-40-50-60-70-80-90
مات: ق-ر-ش-ت-ث-خ-ذ-ض-ظ
(سيڪڙا): 100-200-300-400-500-600-700-800-900.
اُلوف: غ.
(هزارَ): 1000

عربي ۾ 28 اکر آهن، پر حقيقت ۾ 30 ليکجن ٿا، جن مان ٻہ ڳجها اکر علم جفر (gemetria) ۽ علم الاعداد (Numerology) وارا لِڪائيندا آهن. اهي (ء) حمزو ۽ (لا) ٻڙي (nil) آهن.

خزينتہ معارف ص186، فن تجويد (قرائت) موجب (ء) حمزو اڌ الف آهي. الف جا 6 درجا آهن، جنکي حضور صلعم 6 درجن ۾ ڊگهو ڪيو آهي.

هڪ الف: و ٻہ الف: وو
ٽي الف: ووو چار الف: وووو
پنج الف: ووووو ڇهہ الف: وووووو

(32) خزينتہ معارف، ص62-357.

(33) يهودين ۾ بہ عارف ڪامل علم الحروف ڄاڻندا هئا. يهودي 22 اکرن کي عددن طور بہ استعمال ڪندا هئا پر 22 هڪ اوکو عدد آهي، جو انکي ٻين ننڍن عددن سان ونڊ ڪرڻ محال آهي. 28 کي 7 سان سولي ريت ونڊ ڪجي ٿو، پر جي 22 کي 7 سان ونڊ ڪبو تہ جواب پاءِ يعني $22 = \Pi$ آهي، جيڪو دائري جي گهيري ۽ قطر جي وچ ۾ تناسب آهي،

$$\Pi = 22/7 = 3.14159$$

پر عربيءَ ۾ 28 عدد موزون آهن— 28 اکر، 28 قمري منزلون (نڇتر)، 28 الاهي اسم، 28 ڪائناتي اسم وغيره.

(34) صوفي عنايت خان، Music ص2.

(35) ساڳيو، ص54.

(36) نارائڻ شيام پنهنجي نظم ۾ ’ٽڻ ٽڻ‘ استعمال ڪيو آهي. اها گهنڊڻين جو آواز هئي، هي ’چٽڪ چٽڪ‘ آواز آهي. هن ۾ اسان يانگ ۽ ين، بيو 5 جي عدد جي حساب سان نشان ڏنا آهن.

(37) فنگ شُوي، هوا ۽ پاڻيءَ جي توازن جي مناسبت سان ڪمري، گهر، آفيس، دُڪان، گوٺ وغيره جي ماحولي سرتار درست ڪرڻ لاءِ استعمال ڪجي ٿو. پُراڻن چينائين پنهنجي ساري مُلڪ چين جي فنگ شُوي درست ڪري ڇڏي هئي. اهو چيني اُتم پت ڪان به وڏو ڪارنامو چئبو.

عربي (يوناني عنصر (elements) 5 آهن- باهه، هوا، پاڻي ۽ مٽي. هندي تتو به 5 آهن- اگني، وايو، جل ۽ پرٿوي. چينين جا به 5 عنصر آهن- ڌاتو، ڪاٺ، پاڻي، مٽي ۽ اَگ.

(38) اسان لِليان تُوجي ڪِٽ (قيمت 30 ڊالر) خريد ڪئي جنهن ۾ صندل جي سُوچڪي، ڪنمنڊُو جي جڙي بوٽين جون اگربتين ۽ ڪاٺ جي هٿوڙيءَ سميت ڌاتوئين پيالي ۽ فنگ شُوئي تي ڪتابڙي هئي. لِليان تو ان چيني علم جي ماهر آهي، سندس ڪيئي ڪتاب آهن ۽ انجو ادارو ملائيشيا ۾ آهي.

(39) اندلٽ يعني اندرلٽ، راجا اندر (بجليءَ جو ديوتا) جي لٺ- ٻيا نالا، ڌنڪ، رُستمي ڪماڻ، قوس قُزح، اندر جار به وڄ جو جار (Internet, nexus) آهي.

(40) ڪيرو (ڪائونٽ لوئي هيمن)، 1936-1866ع هڪ جڳ مشهور سرّي عالم هو، سندس علم الاعداد يا انگ جاڻ تي به وڏي مهارت هئي. انگريزي الفابيٽ ۾ عددي مُلهه ڏيڻ لاءِ A کي هڪ عدد ڏئي Z تائين چيهه ڪندا آهن، پر ڪيرو جا عددي مُلهه مختلف آهن. عربي ابجد ايقغ ۾ (1-9) تائين عدد هوندا آهن، پر ڪيرو جي عددي ابجد ۾ (1-8) تائين عدد ٿين ٿا. ڪراچي جي مرهيات سرّي علمن جي ڄاڻو، ڪاش البرني ان ڳالهه تي عجب ڏيکاريو آهي ته ڪيرو نائون عدد ڇونه ڏيکاريو آهي. اسان ٻڌايون ٿا ته ائين ڇو ٿيو آهي.

**ابجد ايقغ**

1 = ا - ي - ق - غ.
2 = ب - ڪ - ر.
3 = ج - ل - ش.
4 = د - م - ت.
5 = ھ - ن - ث.
6 = و - س - خ.
7 = ز - ع - ذ.
8 = ح - ف - ض.
9 = ط - ص - ظ.

ڪيرو پنهنجي عددي ابجد ڪائونٽ ڪاگِليو سترو ( 1795– 1743) وٽان ڪنئي آهي، جيڪو پاڻ ڳجهن علمن جو ڄاڻو هو.

| 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا = A, | ب = B, | س = C, | د = D, | ھ = E, | و = U, | ع = O, | ف = F |
| ي = I, | ڪ = K, | ج = G, | م = M, | ھ = H, | و = V, | ز = Z, | ف = P |
| ق = Q, | ر = R, | ل = L, | ت = T, | ن = N, | و = W, | | |
| ي = J, | | س-ش = S | | خ = X, | | | |
| ي = Y, | | | | | | | |

اصل ۾ اها عربي الفابيٽ مطابق جوڙي وئي آهي:
ايقغ-بڪر-جلش-دمت-هنث-وسخ-زعذ-حفض.
هاڻي 9 عدد وارا اکر طصظ ڪٿان اچن، انڪري نائون عدد ناهي. بهرحال علم الاعداد ۾ عربي ابجد ئي درست آهي.
(41) لال بختيار، ص97.

■

# شيام ڪمار جون ٽيهون ڪهاڻيون

## شيام ڪمار

### سهائتا

شاعر ڪائنات جي جنازي سان اسين سڀ قبرستان ڏانهن وڃي رهيا هئاسون.
اچانڪ لچو لباڙي سرگوشي جي انداز ۾ چيو، ”شاعر ڪائنات، ڪيڏو نه بدقسمت انسان هو. سموري ڄمار ويساڪين جي سهائتا سان جيئرو رهيو.“
”اهو وري ڪيئن؟“
”جڏهن جواڻ هو ته شراب، ۽ شباب جي سهائتا ورتائين، ۽ پيرسني ۾ مذهب، مراقبي جي.“

### پونڪڻ جي برخلاف چڪ پائڻ

ايسٽرونائٽ جوڙي زمين سان هميشه لاءِ ناتو ٽوڙي ’خلا‘ ۾ اُسهڻ لاءِ راڪيٽ ڏانهن قدم وڌايو.
صحافين ڪائنن اوچتو ڌرتي سان ناتو ٽوڙڻ جو سبب دريافت ڪيو. زمين جي وڌندڙ ’پونڪ‘ کان خلا جو ’جميل چُڪُ‘ بهتر محسوس ٿئي ٿو.‘

### پيس ميڪر (pacemaker)

ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي هڪ نيڪ، انسان دوست، ۽ بي انتها محبت ڪندڙ، مهان سنت نما صورت ۽ سيرت سان هر ڏس ۾ پنهنجي شخصيت جو ڏاڪو ڄمائي چڪو هو.
پر، گذريل ڪجهه ورهين کان سندس سانتيڪي سڀاءَ ۽ طبيعت ۾ پستي جا نمايان آثار پسجندا محسوس ڪيا ويا هئا. هينئر هن جي ذات اندر نيڪي، انسان دوستي پاڇي جيان بي ڪئتي ۽ عارضي پاسي رهي هئي. ۽ محبت اندر به ساڳي رواني ۽ خلوص، وارِيءَ جي گهر جيان ’مايا‘ جو ڪرشمو لڳي رهيو هو.

### سمئي پراڻو پاپي

جنهن تيز رفتار سان ’ڪل يگ‘ موجودات اندر سمائجي رهيو آهي، ساڳئي اُبتي وهندڙ شان سان لوڪن جو عادتون، سڀاءَ ۽ ڪيفيتون به ’ارتقائي درجا‘ طئِ ڪندا پسجندا ڏيکارجن ٿا.
ڌرمي يا مذهبي اُتسو يا تقريب ۾ صاف ڏسبو آهي ته شر ڏالو يا پيروڪار مقرر وقت کان گهٽو اڳ پهچي ويندا آهن پر، گرو يا مرشد ’مقرر‘ سمئي ۽ ’انت‘ ٿيندڙ وقت جي وچ واري ’سنهي ليڪ‘ مهل پهچندا. ۽ براجمان ٿيندي نظر ايندا آهن.
اهڙيءَ ريت سياسي، ۽ سماجي رهنما پڻ جمع ٿيل ماڻهن جي انبوهه جي ڊگهي سمئي کان پوءِ ايندي پسبا آهن.

### خدائي نظرون

لوڌي گارڊن جي هڪ خوشنما ڪنڊ ۾ نوجوان حسينا ڪي پاڪر ۾ پيڪوڙيندي ڇُمي ورتي.
”ڪهڙي عجيب حرڪت پيو ڪرين، سڀني ڏسندڙن جون نظرون اسان مٿان ڪٽل آهن؟“ حسينا پاڻ کي نوجوان جي پاڪر مان جدا ڪندي احتجاجي لهجي ۾ چيو.
”اهي سڀئي ماڻهو اسان کي ڪين ڏسي سگهندا.“
”ڇو؟“
”هنن اهڙو عمل، ڊگهي عرصي کان، بيشمار ڀيرا ڏٺو آهي، هينئر ڪوشش جي باوجود ’اهو‘ سندن نظرن ۾ سمائجي ڪين سگهندو. انڪري گهبرائڻ يا شرمائڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي.“
”پر، ظاهري طور سندن نظرن جو رخ اسان ڏانهن آهي؟“
”تون غلط سمجهين ٿي. دراصل هو ’هن ڪنڊ‘ کان مٿيرو خلا طرف تڪي رهيا آهن، ڇو جو سندن ڏسڻ لاءِ هتي ڪجهه به ڪين رهيو آهي.“

### وحدت الوجود

”پاڻو امير الدين، هينئر تو ڪي ڪيئن ٻڌايان. شرم ٿو اچيم، ۽ ڪجهه ڪجهه گناهه جو احساس به ٿئيم پيو، پر، ’اصلي گناهه‘ بلڪل ڪونه. صرف تصور ٿائين پهچ رڪندڙ گناهه.“
ٻاهرين اونده کان جيون ۾ موجود اونده وڌيڪ ’گهور‘ هوندي آهي. جڏهن اونده ’گهور‘ هجي ته من جو ’سوجهرو‘ ايڏو ئي ’شديد‘ ٻڄيو وڃي ٿو. الائجي ڇو؟ ۽ ان ’سوجهري‘ ۾ هزارن ميلن جو مفاصلو اُڪري، بلڪ سرحدي قانونن جي به پڇڪڙي ڪري، عمر ’پريتما‘ ٻنان روڪ ۽ رنڊڪ جي ان اندر هليو ايندي آهي. ڪيس ڪنهن لوڪ لڄ جي پرواهه ڪونه هوندي آهي. ’مان‘ ۽ ’هن‘ جو فرق بلڪل مٽجي ويندو آهي. ۽ اهڙي سمئي ۾ ’وحدة الوجود‘ تي منهنجو وشواس وڌندو رهندو آهي.“

### ٻُوٽ، ڪير؟

تعليم کاتي جي آفيس ۾ ڄڻ زلزلو برپا ٿي ويو. گهنجن واري چهري سان هڪ ڪمزور، بيمار پيرسن عورت کي ڏسي سموري اسٽاف هيڏانهن هوڏانهن پڇڻ شروع ڪري ڏنو. ۽ بلند آواز ۾ رڙيون ڪري چوندا رهيا، ’پوتني اچي وئي، پوتني اچي وئي.‘
ڪوجنا بعد سُڌ پئي ته اسٽاف وارن ’گومتي ديوي‘ کي پنهنجي آفيس رڪارڊ اندر ’مئل‘ ڄاڻائي سندس فائل بند ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ته هوءَ ’زنده‘ هئي ۽ بيماري ڪارڻ ڏهن مهينن کان پوءِ پنهنجي پينشن وٺڻ لاءِ آفيس ۾ آئي هئي. ■

# پاتم جهاتي جهان ۾...

[باب ٻيو: شيخ حفيظ، مرغوب، پوهو، رشيد، تنوير، سليم ڪوجو، اياز- ۽ شڪارپور]



شيام ڪمار

هن جي پيٽ ۾ حفيظ جي زندگي جا واقعات (جن جوڪجهه ورنن اڳ ۾ ڪري آيو آهيان) ۽ موت معمو ديومالائي پُراسراريت ۾ ائين ويڙهيل هو جيئن ’ليجنڊزي‘ سورمن جو هوندو آهي- ڏکيو ٻالڪپڻ، سماجي ٻنڌڻن خلاف بغاوت جو ڇوليون هڻندڙ عنصر، عجيب ۽ ڏورانهين جاين ڏانهن سير ۽ نوڪريون، شادي يا محبت جي ميدانن ۾ ڏکيون وٿيون ۽ ناڪاميون- انسان مٿان نازل ٿيندڙ قهري قوتن جهڙوڪ سياسي، فوجي، نوڪرشاهي جي خلاف مسلسل قلمي جدوجهد، دوستن جون ’نامهربان‘ مهربانيون ۽ آخر ۾ هڪ وسريل واهڻ ۾، پراسرار طور، هميشه لاءِ لاڏاڻو.

هيءَ پنهنجي روائتي گهراڻي- پيءُ ماءُ- جو ڪريل ٻار قطعي ڪونه هو- البت سندن ڪرت ڪي ڪڏهن پنهنجو ڪين ڪيائين. منهنجي خيال ۾ موجوده عيارانا ۽ مڪاري جي تهه ۾ ويڙهيل تهذيب جي اوڇڻ کي ليڙون ليڙون ڪري ’صحت مند پراڇنيتا‘ جو قائل هو. پر، مجبوريءَ ڪيس ان سان جڪڙي رکيو. حفيظ دنيا جي انهن انيڪ وچولي درجي کي بالغ ٻارن مان هو جن هن دنيا جي ساحل کي پنهنجو بسيرو بڻائي ’غير مهذبي‘ ۾ پوشيده ان مهذب انسان کي پنهنجي مخصوص واس ذريعي نڪ بند رکڻ تي مجبور ڪيو. هيءُ اهو ’ٻار‘ هو جنهن مهذب ’مذهب‘ بجاءِ قديم پيگن (paganism) طور طريقن ۽ وقت جي ڳُوري تهن هيٺ دٻيل عقيدن کي ترجيح ڏني. جن مٿان رياڪاري جو ڪو ته چڙهيل ڪونه ڏيکاربو آهي.

حفيظ جڏهن گوتم ٻڌ جيان گهر تياڳي نڪتو هوندو ته پيءُ کي ضرور هيئن لکيو هوندائين. ”توهان کي ياد رکڻ جڳائي ته مان هڪ خانه بدوش آهيان، ۽ پنهنجي انتم گهڙي تائين ائين رهندس.“ هن جي زندگي جو بنيادي رخ اهڙي بالغ ٻار جيان هو جنهن جي ڪلهن تي رابنسن ڪروسو جيان سندس سمورو لڏو رهي ٿو. ان مسلسل سفر ۾ ’جنس، مايا‘ بابت سندس سمورا خيال ڪک پن ٿيو وڃن! دراصل هو، باطني طور، جهان گرد اديبن جي ان ڏگهي قطار سان واڳيل هو جنهن ۾ وٽمئن، رامبو، هارٽ ڪين، مجاز، وائلڊ، آندري زيد اچيو وڃن ٿا. حفيظ پنهنجي اتمتا ڪليل رستن تي خانه بدوشي ڪندي حاصل ڪئي ۽ ڪيس ان ڏس ۾ انهن سيني اُتساهيو هوندو.

سکر پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ به، هاڻي به مڪمل فرق ۽ ضد جي ڌرتي رهيو آهي. اڳي شين ۽ ماڻهن اندر هڪ قسم جي خوبي ۽ خاصيت گڏجي ۽ رلي ملي هُٽَ هُٽَ ۾ ڏيئي ملنديون هيون ۽ انهن جو تت هاڪاري هوندو هو، ۽ هينئر به ساڳي ريت قائم آ پر، حاصل مطلب ناڪاري نڪري ٿو. هينئر نئين سکر ۾ ترتيب سان نهيل گهرن جا آگر، ۽ اوچايون پراڻي سکر جي تعمير تي ائين چانئجي ويا آهن جيئن ڪوتانا شاهه ملڪ تي قبضو ڪري ان جو ’رس‘ چوسي وٺندو آهي. هينئر جهوپڙ پٽيون ورلي نظر اينديون بلڪ ’سڄو شهر‘ جديد جهوپڙپٽي جو ’تجريدي‘ نمونو پاسجي ٿو. سکر جي دل گهنٽا گهر، ليوڪس پارڪ، ۽ پنج گلو (موجوده لب مهراڻ)، لائڊ بيراج وغيره سان اهو بدنما، ’جهوپڙ پٽو‘ ائين اچي ٽڪرايو آهي جيئن هيروشما، ناگاساڪي تي ايٽم بم اچي ٽڪرايو هو. دل کان سواءِ جسم مڙهه پاسي ٿو. اونهاري ۾ پاڻي مٿان ترندي ڏکڻ کان ايندڙ هلڪيون ٿڌڙيون هڳاءُ سان پُر هوائون هميشه لاءِ رُسي ويون آهن. سکر جو ’ڏانچو‘ حقارت جي چادر ۾ اوڍيل پاسي ٿو. سنڌ جي گهٽو ڪري سيني شهرن جي ڪلهن تي پنهنجي چمڪندڙ ۽ معطر ماضي جي ارٿي ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهجي ٿي. پر، سکر انهن سيني کان گهٽو سَنو آهي. مون کي ته جيئرن کان مئل وڌيڪ زنده لڳن ٿا.

راءِ بهادر ڪندنداس ڪيسواڻي، ديوان هولارام ڪيسواڻي، ڊاڪٽر هيرانند ڪيسواڻي، موهني ڪيسواڻي، ڀڳوان داس ڪيسواڻي، پير حسام الدين راشدي، ممتاز حسين پٽي، ديس سيوڪ بيگراج، جي بي منگهارام (ٻالچند، خانچند، منگهارام) ديوان سنت رام، ديوان صاحب سنگهه، ديوان اسير سنگهه، ديوان گورڌن داس، ديوان ساڌورام، ديوان چوئٿرام، آغا نظام الدين پٺاڻ، آغلو- هر ماڻهو جو ڪاڄ صحت جي اصولن تحت لذيذ، اشتها ۾ تيزي آڻيندڙ ۽ قابل رشڪ تندرستي بڻائيندڙ هو. ’جذبات‘ جو سمنڊ جسم ۽ ذهن جي سطح هيٺان هر وقت مهراڻ جيئن ڇلڪندو رهندو هو. ’مذهب‘ ۽ ’مزو‘ هڪٻئي جا ساٿاري ڏيکاربا ها. سکر ’زولا‘ (E.Zola) جي بي چُسي حقيقت پسندي کان ڏور، ۽ ’گهڙي پلڪ‘ جي سدا سهاڳڻي روماني حقيقت پسندي جو امر شاهڪار هيو. زردشتي اصول واري مڪمل پاپ ۽ پڃ جي دنيا کان گهٽو پري، وسهڻ ۾ نه ايندڙ سور ڳپوري جي حدن کي ڇهندو پاسندو هو.

هوڻ ۽ به جديد تحقيق موجب ٻالڪپڻ جي نظارن ۾ اسان جون يادون، جستجو، ڳولها اسان جي ذهن اندر وڄايل سور ڳپوري جيان محفوظ آهن جنهن کي اسين هميشه ساڀيان ۾ پسڻ جا جتن ڪندا رهندا آهيون. اسان کي پنهنجون جڙون ئي نواڻ ۽ شناخت جو احساس بخشينديون آهن. ۽ اهي اسان جي ’مٽي‘ ۾ ڪتل آهن جيڪا اسان جي ڏيان جو اصلي ۽ اڻ مٽ مرڪز آهي. فرانسيسي اديب ’پرائوسٽ‘ (proust) جي اليئرس شهر ۾ ’جارڊن ڊوپري- ڪٽلان‘ جي ڳلين، رستن تي ويڳاڻن جيئان پنهنجي ’جڙن‘ جي مسلسل ڳولها ان سوچ جو جرڪندڙ مثال ليکيو وڃي ٿو. ساڳي طرح پراڻي جُڳ جو وحشي انسان به پنهنجي ٻالڪپڻ جي ’ياد ۽ ماحول‘ کي باطن جي اونهاين ۾ اوستائين سانديندون رهي ٿو. جيستائين ڪيس زبردستي ان کان جدا نه ڪيو وڃي. مان پانيان ٿو ته اسان جي نين شين، جائيداد، ۽ فن جي نادر قيمتي شاهڪارن جي حوصلي لاءِ لاڳيتي ڪوشش ۽ جتن جنهن کي، رسمي طور، ’ترقي جي ڏنڊڪتا‘ چئي سگهجي ٿو، سان اسان کان ’ڪسيل ياد‘ يا ’جڙن واري ڀهڳڻي مٽي‘ کان زبردستي جدائي جو معاوضو تصور ڪري سگهجي ٿي. ان جڙتو عمل ۽ صورت حال ۾ وڪوڙجي اسان فطرت، ڌرتي کان مڪمل ڪٽجي ’جڙتو‘ ۽ ’بي حس‘ جيون جو انگ بڻجيو وڃون ٿا. اهو اڄوڪي انسان جو وڏو دک ۽ الميو آهي. اسان جي ’نواڻ‘ ۽ نجات مهاتما ٻڌ جي فڪر، يا ڪنهن ٻئي مذهبي آدرش مان حاصل ڪونه ٿي سگهندي. اها صرف ’اوائلي جڙن‘ مان اُيري سگهي ٿي.

هن وقت سکر زوال پذير، گم ٿيل ياد، ۽ مڙهه جيان پياسي ٿو. جڏهن گذريل موهيندڙ يادون منهنجي روح ۾ ديرو ڄمائي جاڳائيندو يون تڏهن سکر وڃڻ جو اُدم ڪندس.

هن وقت ائين ٿو لڳي ڄڻ شهر جي ماحول مان 'روح' لٽجي ويو آهي، ۽ ذهن کي ڪنهن ابدي بيوسي ۽ بي ڪسي جي ڄار ۾ الجهائي ڇڏيو اٿس. ان مان آزادي حاصل ڪرڻ جي ڪا ڪوشش، ڪو جتن حقيقت ۾ بدلجندو نظر نٿو اچي. هر ڪنيل قدم بي مقصد، بي اُدم ڏيکارجي ٿو.

سچ ته اهو آهي جو 'آدرشي جيون' روزاني ڪرت ۾ جنبيل رهڻ ۾ پوشيده آهي. ان جيون ۾ واري سان ڪجهه آرام جون گهڙيون گذاري انهن جو آنند وٺي، سکر جي ٽنيي آسمان هيٺان پنهنجي اڳوڻي حيرت انگيز، منفرد فهم فراست کي ٻيهر ڳولهڻ ۾ جيڪو مزو ملندو سو ٻئي ڪنهن حاصلات مان ڪين ملي سگهندو. ڇا ائين ٿي سگهي ٿو؟

اڄوڪي سکر کي اها پورڻتا حاصل ڪونهي جيڪا ورهاڱي کان اڳ حاصل هئس. اڄ جو سکر هڪ اڌورو شهر بڻجي ويو آهي، جيئن طوائف هوندي آهي. هيءُ شهر رنڊي جيان سياست، مذهبي بازار ۾ يوسف جيان خريدار جي انتظار ۾، قدرن ڪلچر نيڪي خلوص پنهنجي صحت مند روايت مذهبي رواداري نسلي يڪسوئي ۽ سهپ جي لحاظ کان سسندو، گهٽبو، پنهنجي اخلاقي نهرائپ کي تلانجلي ڏيندو 'پاڇي' جيان ٻي حقيقت عارضي ڪاغذي ۽ ڪوجهو ٿيندو پيو وڃي.

سندس اها دکدائڪ ڪهاڻي اڳوڻي ٻرلن کان وڌيڪ ايذائيندڙ آهي، جنهن جي وچ واري پٽ ڪيرائي هينئر ڪيس 'وصل' جي راهه تي آندو ويو آهي، يا ڪالهوڪي پراڻي هٺرادو ٿاڦيل ڏکڻ ويٽنام جي بدبودار شهر سائيگان جي بنيادن مان 'نفرت' جا زهريلا عنصر ڪڍي ڪيس 'انسانيت' جي امرت سان سرشاري بخشي 'هوچي منهه سٽي' جي سهڻي صورت بخشي وئي آهي. پر، سکر جي بڻ بٽياد مان 'انسانيت' کي نهوڙي ان جي تهن اندر، ۽ فضائن ۾ 'بارود ۽ گولي' جي ساهه منجهائيندڙ جوءِ جو 'جاز' سنگيت گونجندو رهي ٿو.

سکر صدين کان هڪ پورڻ نرمل ۽ اوجل شهر هيو. جيئن روهڙي، جيئن حيدرآباد، جيئن لاڙڪاڻو، شڪارپور ۽ جيڪب آباد هوندا هئا، يا انهن کان گهڻو اڳ اروڙ، برهمڻ آباد. ۽ اڃان به اڳي موهن جو دڙو، هڙاپا هئا، يا ننڍي اپکنڊ ۾ دهلي، مٿرا، لکنو، ڪلڪتو، پتاليپتر وغيره هئا. يا دنيا اندر بابل، جريڪو، نينوا، ڪارٿيج وغيره هئا، يا اٿينس، روم، سمرقند، بخارا، بغداد آهن. شهر ڪنهن ماڊل جيان ڪونه ٺاهيا ويندا آهن اهي ڌرتي جي ڪک مان فطري طور پيدا ٿيندڙ گلن ڦلن ٻوٽن جيان اسرندا آهن. ۽ تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب جي سدا وهڪ ۾ پنهنجي منفرد وجود جي ڇاپ هڻندا رهندا آهن. جيئن اصلي ۽ ميڪانيڪي طرز تي پيدا ٿيندڙ ٻارن ۾ فرق هوندو آهي. تيئن مٿي ڄاڻايل موجود، ۽ ناموجود شهرن ۽ هٺرادو ميڪانيڪي ۽ ماڊل شهرن جهڙوڪ اسلام آباد، نيوانگلئنڊ، چنڊي ڳڙهه يا پنهنجي 'ڪرداري قدر' کان ڪريل هاڻوڪي شهرن جهڙوڪ سکر، شڪارپور، جيڪب آباد، حيدرآباد وغيره جي وچ ۾ موجود آهي. ۽ ان فرق جو درجو ڪنهن المئي کان گهٽ ڪونهي. شهرن کي فطرت جي بي روڪ ۽ انڌي قوت، ۽ سندن سپوتن جون اڙٻنگايون ۽ ڪرپشن تاريخ جي هر موڙ تي برباد ڪري صفحه هستي تان مٽائيندڙ رهي آهي جن ۾ مٿي ڄاڻايل ڪئين هيرن، ماڻڪن جهڙا شهر اچيو وڃن ٿا. ۽ ڪئين خوش نصيبي سبب ڊارون واري ٿيوري مطابق پاڻ کي انهن 'قوتن' سان جنگ جوٽي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئا. ۽ اهي به مٿي ڄاڻايا ويا آهن. پر، جن شهرن کي سندن ڌرتي مان پيدا ٿيندڙ انسانن، دئيتن جو روپ ڌاري، تاراج ۽ تباهه ڪيو انهن ۾ سکر سرفهرست آهي. اهو سنڌ ڌرتي سان وڏو سانحو، دوکو ۽ انياءَ ٿيو آهي. حالانڪ ٻنهي قسمن جي شهرن ۾ انسانن جو بسيرو ئي رهندو آيو آهي پر سندن سماجيات جي فرق سندن منورتي هاڪاري يا ناڪاري اثر ڇڏيا جنهن ڪارڻ ڪٿي 'شهري جيوت' گونڇن جيان ٽڙندي، ڦلجندي، ڦولجندي رهي. ۽ ڪٿي پرلئِ ۽ قيامت برپا ٿي ويئي.

سکر جي خراب ۽ مرٽينگ حالت ۽ زبون حالي تي سوچيندي رامجي مرتيو بعد، والميڪي ۽ ڪاليداسِ جي سوچن ۾ غرق، 'فنا' ڏانهن سرڪندڙ 'اجوڌيا' اُپري آئي اٿم، جيڪا ڪين سرءُ ماريل پيليءِ سڪل پن جيان پاسي رهي هئي. سکر پنهنجي حالتِ بڌائيندي نبل ۽ نستي آواز ۾ آکي ٿو،

(1)

**"منهنجو ڪو اوهي واهي ڪونهي، منهنجا اوچا منارا ۽، ساوڪ سان جهنجهيل ڇٻر، باغ، پريم ڪنج ڍهي پٽ پيا فنا سان همڪنار ٿيا، محلاتن جو فلڪ بوس ديوارونپٽ ڪيون ويون جڏهن شامِ جي هوا بيهجيو وڃي تڏهن گهٽَ جو راڄ قائم ٿيو وڃي ٿو ۽ اونڌائي اُپ تي ڪڪرن جا جهڳٽا بي يار ۽ مددگار الوپ ٿيو وڃن**

(2)

**گهٽيون جتڙي رات ٽاڻي سندرين جا ڪٽڪ خوش خوش ڏسبا ها جيڪي پازيبن جي جهنڪار ۽ چمڪ سان ٻهه ٻهه ڪنديون هيون هينئر اُتِ شام ويلي ٻگهڙ نما ماڻهن جا پشاپي ڏند چمڪندا رهن ٿا جيڪي ڄڻ ڊوندي ٻولا ۾ گُرڪندا، اونائيندا رهن ٿا."**

(3)

**"چشمن، ڦوارن ۽ ندي ڪناري جو پاٽي، جنهن منجهان ڪِلي رمٽين جي نازڪ هٿن پيرن جي سٽڪ سان، مڌر سنگيت اُڀرندو هو هينئر رولو جانورن جي سنبن ۽ سڱن سان پوائتا آواز سٽائي ٿو ۽ ڪيس گدلو، ميرانجهڙو ۽ بدزيبو ڪندو رهي ٿو."**

(4)

**مچي ۽ پکي جيڪي دريائي ڪنارن ۽ باغن اندر هريل هوندا ها هينئر جهنگلي، ڊڄڻا ۽ آدم بيزار ٿي ڇڏا ٿي ويا آهن هينئر سندن بسيرو اونهي پاڻي يا وڻن جي چوٽين تي آ نه هينئر لات جي پرواهه اٿن ۽ نه ئي نرت سان چاهه**

(5)

**ڏاڪڻين، آڳرن، ٻالڪنين جي فرش تي ڪامڻين جي مهندي رتل پيرن جي ڄڻ نرت ۾ محو لال ڇاپ هوندي هئي پر هينئر ڌارين جي چنبن جا رت ۾ رڱيل نشان ڏسجن ٿا، ڄڻ ڪنهن معصوم جو خون وهايو هجين**

(6)

**بائسڪوپ جي پتين تي اڏامندڙ پکيئڙن، نرت ۾ محو سندرين جي ڪماني دار جسمن جا چتر، گلن جا ڪنج، نقش ڄڻ نفرت جي آڳ ۾ ساڙي لاٿا، ڍاهيا، ۽ ميساريا ويا**

(7)

**مندرن جي ٽنين تي گل رخ دوشيزائون ويڳاڻيون، هيڪليون 'وقت' ۽ 'جگهڙ' جي هٿان ڦڪيون موٽ ڪائينديون پسجن ٿيون ڄڻ سندن بدن تي سندر وڳن بجاءِ نانگ بلائن جون ڪلون اوڍيل هجن.**

(8)

**گهرن جا ڪنهڙا، ڇڄرا غفلت لاپروائي ڪارڻ ٽٽي ڪارا ڪٽ ٿي ويا آهن ۽ سندن فرشن جو سِرون مُسري وٽيون ٽاهيون بيٺيون آهن جن مان عجب قسم جو گاهه اسرندو رهي ٿو! اهي فرش اڃا تائين چنڊ جون چاٽل سهايون ريڪائو پسن ٿا پر ان جي موتين جهڙي عڪس کي پسائي نٿا سگهن.**

(9)

**"سندروليون جيڪي منهنجي باغن جي شانت-ڪنجن ۾ ٽڙنديون هيون جن جي سونهن ۽ سڳند ڏسڻ وٽان هوندي هئي ۽ جن جي ٽارين کي موڙي ڇيڳريون چوڪريون گل پسنديون هيون اُهي پولڙن نما ماڻهن پچي پاڙون پٽي ڇڏيون.**

(10)

**هينئر درين مان ڪجرا نيڻ لياڪا نٿا پائين، ۽ نه ئي نماشام ٽاڻي انهن تي ديپڪن جي روشني جهرمر ڪري ٿي پر، انهن تي ڪوريئڙي جي پکڙيل ڄاري ڪارڻ جهڪي روشني انڌياري کي وڌيڪ گهرائي ڏيندي پسجي ٿي.**

(11)

**پارسي ڪالوني جا ون ون موهيندڙ چهرا ڪونئيس روڊ جا پِن پِن لياڪيندڙ مهانڊا ٽڪر جون ڏياٽين جهڙيون جرڪندڙ جادو ئي اکڙيون بندر روڊ جون وراڪا ڪائيندڙ لچڪيدار چيلهيون مشن روڊ جون سدا مهڪندڙ سندريون ڪيئن نه بنا پروپتو ڇڏڻ جي شڪنتلا اُروشي جيان نامعلوم اُتاهين ۾ الوپ ٿي ويون ۽ سندن هنڌ ماڳ ڪانون ڪانويلين ڪاريهرن اچي والاريا.**

(12)

**ان سمئي منهنجي وجود ۾ سمايل سر شيءِ چترڪار جي برش جي ڇهاءُ سان جاڳايل چتر جيان لڳندي هئي جيئن عورت جي بلوغت جو حسين اُهاءُ ٻالڪپڻي جي الوپ ٿيڻ بعد ظاهر ٿيندو آ**

(13)

**"پر، هاڻي ڄڻ مندون، سيارو، بهار، اونهارو ۽ سرءُ پڻ هڪٻئي سان تال ميل رکڻ ۾ اسڦل پاسن ٿيون ليڪن ان جي باوجود 'دئيتي بگهڙن' کي پريم جا گل**

آچيندي‌ون رهن ٿيون.“

(14)

اهڙي آچ ڪين ٿهائين هٿيلو ۽ نردئي ٻٽائي تي ۽ مون کي پيڙت ڪرڻ ۾ ڪين وڏيڪ سواد ۽ لذت اچي ٿي ڪهل ۽ مهر ’نردئتا‘ کي ريج ڏيندي آ انڪري دشٽ کي سندس ئي پيماني ۾ موٽ ڏيڻ جڳائي جڏهن جسم جي اگهائپ وڌيو وڃي تڏهن هر دوا دارون بيسود بڻجيو وڃي ٿو.“

(15)

آءُ پنهنجي ڏرا ڏئي ويل نماڻن نيڻن سان وچايل شان ۽ پنهنجي وجود جي زبون حالي، بربادي ۽ مايوسي پسان ٿو، جنڙي هنجن، ڪونجن ۽ ڪامڻين جو بسيرو هوندو هو اُت منهنجو وجود ان ٺاري جيان ٿو ٻاسي جنهن جو سنگي نامرد هجي ۽ پاڻ تي ڪهل جي به شڪتي نه رهي هجيس.“

(16)

ڪيئن نه منهنجي عمارتن، پوتر آستانن جا ياقوتي ۽ سنگمرمري فرش، روغني، چٽسالي وارا در دريون اڪيڙي، پٽي نيست نابود ڪيا ويا ۽ انهن ويڳاڻن برباد آڱرن ورانڊبن اندر گندقٽ ڦهلايو ويو ان پرلئه، تباهي ۽ اجڙيل ڪروپ کي پسي ذهن ۽ من مايوسي جي ڪاري ٻاٽ اڪٽ اوندهه ۾ نپوڙجي رهيو آ.

(17)

”روڊ رستا دڳ ڪسيون ڪنارا واهه ندي ۽ گهاٽ اجڙيل شمشان گهاٽ جو ڏيچاريندڙ منظر پيش ڪري رهيا آهن- ڪٿي به گل ۽ ٻوٽا ۽ ساوڪ، سڳنڌ ۽ تراوت ڪونه ٿي ڏيکارجي جڻ ڪنهن ديوتا، رشي جي سراپ جي ڀوڳٽا ڀوڳي رهيا آهيون- ڪيستائين؟

(18)

”آئون سنڌ جو چاول هئس، مون منجهه ڪيڏي نه سونهن، سڳند سوڀيا ۽ ڦوهه هو منهنجي پرپاسي ڳوٺ ڳوٺ ۾، گهٽي گهٽي ۾ خوشي شادمانا ۽ پريم رس سنڌوءَ جيان وهڪ ۾ ۽ اُجلو اُجلو هو ٻنهي ڪنارن جي وچ ۾ ساڌ ٻيلو جڻ سورڳ پوري جو مهڪندڙ ٽڪل انگ هو، ڏرتي ۽ سرڳ جو عجب نرواڻ پاتل موج مستي ۾ رڌل سنگم

(19)

”جتڙي اسرويلي جي دريائي هير ڪنول، گلاب جي سڳند ۾ رتل رچيل مورن ۽ هنسن جي ’محبتي مهراڻ‘ ۾ چنچلتا جي چاهه اندر ’وقت‘ جا ويچا مٽائي سندرين ۽ ڪامڻين کي، من جي ميل مٽائي ’پريم- ڪنج‘ واٽ وٺڻ لاءِ ڏتاريندي هئي.“

(20)

ڪامڻين جي ڪمرن جي ڪليل درين مان
سندن واسينگي زلفن، ۽ جسمن مان اٿندڙ عنبير ۽ عطر
جي مهڪ مورن کي منڊبيندڙ نرت، ۽ ڪوئل کي منڙي لات
۾ سدا محو رکندي هئي
اهڙي سندر گهرن جي ڪنهڙن تي
ڪامڻين جي ميندي رتل پيرن جا لال نشان

ساڌ ٻيلي جي ديوتائن جي من ۾ به
ڪتڪتايون پيدا ڪندا هئا.“

(21)

”ساڌٻيلي اندر نيل ڪنٺ جي انڌيري گفا ۾، جيڪا شرڌالن لئه سنمان جو آستان هئي، ڪو اُلڪو، ڀوءُ، ڊپ ڪونه هوندو هو ان جي چوگرد مهڪندڙ ڦلواڙين جي لهڪ ڪنول ۽ گلاب جي واس ۾ هر دم مست هوندي هئي ۽ آس پاس جي گهاٽن تڙڳندڙ نارين جا مرمرين جسم چانڊوڪي جيئن چمڪندا هئا

(22)

”ڪامڻيءَ لئِه ان پوتر آستان تي پريات ويلي پهچڻ ائين هو جيئن گنگا ڪناري آنند مئه آرتي پريمڪا ۽ پريمي جي آشا جي پورڻتا ۽ سنگم جيئن هماليه پتري پاروتي ۽ شِوَ جو امرملن.“

(23)

”ان پوتر آستان تي موتين جڙائو چم چم ڪندڙ ڪمرپٽي ۾ مهڪندڙ ڪامڻيون، شِوَ نرت پسي پنهنجي چم چم چوڙين، ۽ پائل جي جهنڪار ۾ مست مدام بڻجي، پريمين جي جسمن جي آلاڻ ۾ ڪلپنا وسيلي پاروتي ۽ شِوَ جيان پاسنديون هيون ۽ سندن نيڻ پؤنرن جيان ڪارا، اُتاولا ۽ مدماتا لڳندا هئا.“

(24)

”اسرويلي جڏهن سورج باڪون ڪيندو هو ان وقت سنڌوءَ جو سنڌ سنڌ وڪوڙجندڙ شانائتي ولِ جيان پاسندو هو! سندس ديد ۾ هرڻي جي نيڻن جهڙو مد- ۽ پؤ سمايل هوندو هو، سندس لهر لهر ڪامڻي جي ابرووَن جيان سدا نرت ۾ مگن پاسندي هئم سندس مڌر موجون مورجي چٽ جيان دلفريب ۽ سندس سوڀياوان چهرو چنڊ جيان موهيندڙ اُف! وقت جي ناپائداري ان سموري سندر ’لقاءُ‘ کي الائجي ڪهڙي پولار ۾ ڏڪي ڇڏيو؟“

(25)

”ڪڏهن ڪڏهن سندس چهري تي اوڊيل ڏنڌ جي ميرانجهڙي نقاب کي سُرڪائي پري ڪندو آهيان جيتوٽيڪ منجهس تَرندڙ ڪک پن ڪانا ۽ ٻوٽا هٽن جيان سندس ’بي لباس سندر اوگهڙ‘ کي لڪائڻ جو جتن ڪندا ڏيکاربا آهن پر، مون کي ڪير روڪي سگهندو سندس مدماتيون سُرڪيون پرڻ ڪان؟ جنهن منش، ڪنهن ويل، مدماتي بدن جو هڳاءُ ورتو هجي اُهو ڪيئن بي لباس دوشيزا جي ’سونهن‘ پسڻ ڪان پاڻ کي پلي سگهندو؟“

(26)

”ندي ڪنارا اجڙيل، سنسان آهن، ڪنهن به ڪناري يا گهاٽ تي تڙڳندڙ خوش خوش نارين ۽ مرد نٿا ڏيکارجن، ۽ نئي مڃين بدڪن ۽ پکين لاءِ دستور موجب ڪاچ آندو وڃي ٿو، انهن سان لاڳيتا سيئي ’ڪنج‘ بي آواز ۽ خالي آهن، جنهن کي پسي منهنجو جيءُ سدا جهڄندو رهي ٿو.“

*(هلنڊڙ)*

## غزل



### منير سولنگي

هن جي مُکَ جو رچاءُ ڪيڏو آهه
چنڊ چوڏس ڇٽاءُ ڪيڏو آهه
آهي ڀانيان هو باغ ۾ آيو
واءَ ۾ اِج هڳاءُ ڪيڏو آهه
پاڻ- هُرتو ٻُري ٿو نور وي
عاشقي ۾ اُهاءُ ڪيڏو آهه
ڪيڏا گلرنگ، مشڪبو آهن
گلرخن جو نماءُ ڪيڏو آهه
ماڪ، مڪڙي، گلاب ۽ خوشبو
شاعري جو شعاءُ ڪيڏو آهه
رهبرن جي لباس ۾ هلندي
رهزنن جو بچاءُ ڪيڏو آهه
ميڪدو ۽ منير سولنگي
درد ڪان لڪ لڪاءُ ڪيڏو آهه.

***

### رزاق بروهي

ڪِلي، زخم ڪائي دعا ٿا ڪيون
وفا جي روايت ادا ٿا ڪيون
جڏهن عڪس يادن جا ڏنڌلا ٿين
رُتن ڪان اوهانجي پڇا ٿا ڪيون
اوهانجي محبت جي مشروط آهه
اسان حقِ الفت ادا ٿا ڪيون
جفا شهر تنهنجي جي مشهور آهه
اسان تنهنجي خاطر وفا ٿا ڪيون
لڳو نينهن توسان ڇُٽا دل جا زخم
اسان ايئن دل جي دوا ٿا ڪيون.

***

### ذوالفقار گاڏهي

ڪڙڪ ڙي چُوڙي ڪڙڪ
ڪڙڪ ته ٽڪ ڀڄن
دل سان گڏجي ديهه ۾
ڏڙڪ ڙي چُوڙي ڏڙڪ
ڏڙڪ ته ٽڪ ڀڄن
ٿورو منهنجي ساهه ۾
وڙڪ ڙي چُوڙي وڙڪ
وڙڪ ته ٽڪ ڀڄن
مونسان گڏجي سيءَ ۾
ٿڙڪ ڙي چُوڙي ٿڙڪ
ٿڙڪ ته ٽڪ ڀڄن.




آخر ۾ ملان ڪي گهرائي چيم. آيا اهي تنهنجون دعائون هيون يا اسان جي مندرن وارن پنڊتن جون؟ آيا اهي اسان جا ديوتا هئا يا تنهنجو اڪيلو الله تعاليٰ، جنهن شهزادي ڪي زندگي ڏني. اسان ڪنهن ڪي به رنج ٿيڻ نه ڏينداسين. پل ته ڪو ڪنهن جو آقا هجي.

ملان دل ۾ نه ڪجاڻ. مون ڪيس مسجد لاءِ گهربل چَندو ڏنو.

جيئن ته بانسريءَ واري ديوتا جو جنم اڌ رات جو ٿيو هو، تنهنڪري سرڪاري پوڄاپاٺ به ان وقت ئي سونهن. پر شري ايڪلنگجي، اسان جي خاندان جو ديوتا آهي ان جي پوڄا، ساري رات ڪئي ويندي آهي ۽ ميواڙ جا بادشاهه هميشه برندا بندي مندر تي وڃي حاضر ٿيندا آهن، آرتي ڪندي، بلو ديوتا جا پير ڇُهي، پرساد ڪائي، جنم اشتميءَ تي چتور جي ماڻهن منجهه به ڪجهه ورهائيندا آهن. بِلو ديوتا سان منهنجي ناراضگي پنهنجي جاءِ تي، پر مان روايت ٽوڙڻ جو قائل ناهيان.بادشاهت، ادارن جي آڌار تي قائم رهي سگهي ٿي ۽ سڀ کان وڏو ادارو آهي ’روايت‘.

اهو سرڪاري ڏِڻُ هو. ڪوسليا، منهنجي لاءِ شاهي ۽ روايتي جُبو تيار ڪري پارائڻ لاءِ ڪٽي آئي، پيلي ريشمي ڌوتي، مٿان سفيد پهراڻ، ڪنارن تي پرت پريل، سائو مٿي تي صافو. ان مٿان اچا، ڪنپ. مان، ڪوسليا آڏو ڪنڌ نِوڙايو، جنهن چوڏهنميناڪاري مڇڙين سان جَڙيل سونوهار پارايو.

آئينو ڪٽي اچان؟ هن چيو. مون ڪنڌ ڌوڏيو. مان پنهنجو پاڻ ڪي ڏسڻ نه ٿو چاهيان. تون ٻڌاءِ ته ڪيئن ٿو لڳان؟

مسفقبل جي بادشاهه جيان. ۽ بادشاهه ڪي اها ڄاڻ هئڻ ڪپي. ته هو پنهنجي راڄ مٿان ڪهڙو تاثر ڇڏي ٿو؟

ٺيڪ آهي ڳولهي وٺ. مون هڪ نوجوان ڏٺو، جيڪو غور سان گهوري رهيو هو. گهريون اکيون، پروون پور وڇوٽيون گهاٽيون ڊگهو نڪ، وڏڙو وات، وارن جو جهڳٽو، پٽڪي منجهان نڪتل، مان الاجي ڇو، چند سالن کان خشڪ مزاج ٻڻجي ويو آهيان؟

منهنجا پائر، وزيراعظم پورڻ مل جي،ا ديناٿجي، وزيرداخلہ منهنجو چاچو، لڪشمڻ سمهاجي ۽ ٻيا وزير ۽ اعليٰ عملدار ۽ شخصيتون، محلات جي ٻاهران منتظر هئا. سيني منهنجي عزت افزائي ڪئي، ۽ مان شاهي هاٿي طوفان تي سوار ٿيس. هي پهريون دفعو هو جو مان بادشاهه سلامت جو شاهي انداز ۽ اعليٰ عوامي ميڙ منجهه، استقبال لاءِ اڳ ۾ اچي بيٺس. مون ڪي هن عظيم ميڙ جي اهميت جي خوب ڄاڻ هئي ۽ پنهنجي پاڻ مٿان به ضابطو رکيو بيٺو هوس. روڊ رستا ماڻهن سانپريل هئا. رستن تي بالڪنين ۽ ڇتين تي به ماڻهو، هٿ لوڏائي استقبال ڪري رهيا هئا ۽ والد ۽ منهنجي دراز عمرين لاءِ دعاگو هئا. مون تي ان استقبال جو گهرو اثر ٿي رهيو هو. ماڻهن جو پيار پريو رويو ڏاڍو متاثر ڪندڙ هو. مان جيڪڏهن ڪين، گجرات جي فوجن سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ سڏ ڏيان ته جيڪر، ميدان تي لهڻ ۾ دير ئي نه ڪن. اهي اسان مٿان گل



سنڌيڪار: ڊاڪٽر بدر اُڄڻ

اڇلائيندا رهيا ۽ عورتون مندرن ۾ وڃي اسان لاءِ پرارٿنا ڪنديون رهيون بدنظر ڪان بچائڻ لاءِ.

منهنجي دل پئي چوي ته سيني ڪي محبتن جي موٽ ۾ سيني سان لڳايان. پر، مان فقط مرڪندي، هٿ لوڏيندو رهيس، ايندڙ وقت جي بادشاهه واري شان ۽ عظمت سان.

اسان، سڄي پاسي، مهاراڻا ڪمپا مهاپٽ ڏانهن مڙياسين ته مون ڪي اهوئي آواز ٻڌڻ ۾ آيو جيڪو، پرسات واري ڏينهن پهريون ئي مان ٻڌو هو. مان ڏينهن منجهه خواب ڏسي رهيو هوس، اهو ٿي نه ٿو سگهي. شهر جي هن حصي ۾ هوءَ ڇا اچي ڪندي؟ هوءَ الائي ڪهڙي ديوتا جي نالي پٽيان لڳل هئي؟ جيئن ته اسان هڪ ٻئي ڪان الڳ پئي رهياسين، تنهنڪري مون ڪي هن جي ٽڪاڻي جي به ڄاڻ ڪونه هئي ۽ نه وري اها خبر هئي ته هوءَ وقت ڪيئن پئي گذاري. اهڙي ڳالهه ته ننڊين معاملن واري عدالت ۾ به قابل قبول ڪونه پئي ٿي سگهي. جيڪڏهن مهاراجا ڪمار، پنهنجي پتنيءَ جي چرپر ڪان به بي خبر رهي ته پوءِ هن ڪي ساڌو ٻڻجي وڃي جبلن ۾ تياڳ ڪرڻ گهرجي، جيڪو پنهنجي پتنيءَ جي سار نه ٿو لهي سگهي!! اهو پنهنجي ديس ۽ ديس واسين جي ڪهڙي پر گهور لهي سگهندو؟ ڇا مون ڪي خبر ناهي ته اڄ جنم اشتمي جو ڏڻ آهي ۽ بانسريءَ واري جو جنم ڏينهن؟ ڇا مان اها آس نه ٿو ڪري سگهان ته اڄ هوءَ، دل جو ورن بدلائي، بلو ديوتا جي پچر ڇڏي ۽ اچي منهنجو پاسو گرم ڪري؟ ٻين تي ڪهڙي ميار، ان جو ذميوار مان پاڻ آهيان. جيڪڏهن وڪرماجيت، منهنجي اڳواٽ مدد ڪندي منهنجو نالو نه مٿائي ها، ته مان پنهنجو پاڻ ڪي مَڃو، مشڪرو ۽ پوڪ بصرر بڻائي، ميواڙ اندر خواريءَ جو ڪارو نه ٿي پوان ها.

مان ڄاڻان ٿو ته ڇا ڪرڻ ڪپي ۽ ڪهڙي موٽ

ملي. مان منهن سڌو ڪري ويٺو رهيس. ائين نہ ٿئي جو ڪا غلطي ٿئي ۽ ماڻهو چٿرون ڪن. پر نہ، ميواڙ جا ماڻهو خوش مزاج آهن ۽ پنهنجي مهاراج ڪمار جي ڪلي عام گھٽتائي ڪونہ ڪندا. هاڻي اسان سينٽرل ايونيو جي ٻپا راول پاٺ وٽ هئاسين، جيڪو چتور جي اڏ وٽ واقع آهي ۽ ان ڪي ٻن هڪ جيترن حصن ۾ ورهائي ٿو. شهر ۾ هر پنجاهہ والن جي فاصلي تي لڪڙو ڪوڙيل هو جن ۾ گل ۽ جهنڊيون رسين منجهہ ٻڌي سينگاريو ويو هو. هن قسم جي سجاوت، مون اڳ ۾ ڪونہ ڏٺي هئي. سموري رستي تي گلن ۽ پتين جا وسڪارا هئا جيڪي منهنجي ۽ طوفان جي مٿان اڇلايا پئي ويا جيڪي روڊ تي ڪرندي، ان ڪي، گلابي، پيلي، اڇي ۽ ڳاڙهي رنگ ۾ بدلائي رهيا هئا.

مَورَ الاجي ڪاڏي هليا ويا آهن؟ اهي پنهنجي پَرن ڪي اڏ گول ۾ پکيڙيندي، ٻولن چونہ ٿا، جنهن سان منهنجي زال جي آواز دٻجي وڃي؟

## راڳ:

**سورج اڄ سامهون آهي؟**
**مورن جهڙي بلو رنگ ۾ رڱيل آهي.**
**صبح سويرو، منهنجي زبان ڏانهن نهاريائين**
**ساڳي حالت. گهاٽي بلو.**
**بلو زيور. بلو ڪانگ. بلو گاهہَ**
**اهو منهنجي اک تي ڪو بلو تهہ چڙهي ويو آهي.**
**اتفاق سان تاريخ ڏسٽي تي نظر ڦيرايم**
**سال جي سمورن 364 ڏڻن جي پرک ڪيم.**
**اڄ ڪان سوا، بلڪل.**
**توکي بلو جنم ڏڻ مبارڪ هجي، منهنجا پيارا.**
**(ڇا ديوتائن جا جنم ڏڻ ٿيندا آهن، سوچيم**
**اهي، تہ ابتدا ۽ انتها ڪان آجا هوندا آهن)**
**بلو رنگ آ منهنجي پرينءَ جو.**
**بلو رنگ آ منهنجي ڪائنات جو.**
**اهي مونکي سڏن ٿا، شوقين، رنڊي، بدڪردار**
**رُليل رَن، يارن واري، زانڻ**
**ڏس هنن کي، مان التجا ٿي ڪيانءِ.**
**بچاءِ منهنجي عزت، پيارا پٽ رک منهنجي.**
**ٻڌاءِ هنن کي تہ مان ڪير آهيان**
**هڪ ديوتا جي داسي، ڪا گهٽ نہ ان ڪان.**
**(اگر شرمسار آهين، تہ پوءِ ڇو رکيو اٿئي**
**منهنجي مٿان ڳجهو ڳارو، پيار وارو.)**
**ڏس هنن کي تہ مان تنهنجي آهيان.**
**قانوني طور پرڻيل توسان، ديوتائن آڏو.**
**جيئن تہ سج، چنڊ ۽ تارا آهن شاهد منهنجا.**
**ڏسين تہ، آخري پساهہ سميت،**
**مان سچي بِلو آهيان.**
**بچاءِ منهنجي عزت، پيارا پٽ رکُ منهنجي**
**سورج اڄ سامهون آهي؟**

شِو ديوتا جي هزارن نالن سان راڳ جو آواز بلندين تائين رسڻ لڳو جيئن اسان برندا باني مندر جي دوازي تي پهتاسين. مان آهستي طوفان جي پٺيءَ تان هيٺ لٿس. بچاءِ منهنجي، هوءَ رڙيون ڪندي رهي. بچاءِ منهنجي ساک. ڪا غلط فهمي ٿي وئي آهي، منهنجي پياري پٽني، اها منهنجي عزت آهي، ميواڙ جي عزت آهي، جنهن جو تحفظ لازمي آهي. مان پنهنجا جوتا لاٿا. مان محسوس ڪيو تہ پرڏانجي ۽ چانسلر، مون ڪان نظرون بچائي رهيا هئا. ڇا هنن کي خبر هئي؟ ڇا سڀ درٻار جا ماڻهو، رائوز ۽ راوت، جيڪي مون سان گڏ هئا، ڳائڻي ڪان واقف هئا؟ مان، هن وقت تائين پاڻ کي ڏوکي ۾ رکي رهيو هوس. برابر، سڀني کي خبر هئي. هڪ پوڙهو، نِوڙي مون کي پيرين پيو. مان هن کي هٿن ڪان جهلي مٿي ڪيو. هن ڏڪاري ڇهري سان مون ڏانهن ڏٺو، مٿو لوڏيندي، بنا ڪنهن کي مخاطب ٿيڻ جي چوڻ لڳو، شهزادي بزرگن جي محفل ۾ پهتل آهي. تنهنجو پنهنجو ڪٽنب، توکان شرمسار آهي، ۽ ان سان گڏ چتور پڻ.

هن جي منهنجي حال تي همدردي، جيڪڏهن اثرانداز بہ ٿئي ها، تڏهن بہ مونکي ظاهر ڪرڻي ڪونہ هئي. مان سؤ ڏاڪا هڪ ئي ساهيءَ ۾ چڙهي، هڪ ٿلهو، ٻيو پوڃا وارو ٿلهو بہ ٽپي ويس. محافظ وڏي مشڪل ۾ اچي ويا، شهر جا هزارين ماڻهو اچي ويا، انهن جي تپاس ڪيئن ڪن. مون واري زال کي ناچڻيءَ وارو ويس پاتل هو، پيرن ۾ ڇيريون ٻڌل هئس ۽ سموري عوام آڏو نچڻ ۾ مدهوش هئي. هن جو چولو، ڳاڙهو گهيري وارو هو، هوءَ ڪنهن درويش جيان لَهر ڪري رهي هئي پر مدهوشيءَ جي عالم ۾. هن ڪان پگهر وهي رهيا هئا پر هن جي چُني ۽ بلائوز اجا ڪونہ پڳا هئا. هوءَ ڪيستائين نچندي رهندي؟ فقط اُها عوت ئي ائين ڪري سگهي ٿي، جنهن کي ديوتائن پاران سگهہ بخشيل هجي ٿي. مان خاموش آهيان. شيوا. پر توسان هاڻي بہ پاڻي ڪرڻا پوندا.

مان ڪيستائين اڳتي وڌي سگهان ٿو. ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ، جيڪو يوناني ماتا مون ڪان پڇيو هو. منهنجو جواب هو، ڪافي اڳيرو. ڪو عيب ناهي، هن مونکي بي وقوف ڇيو هو، جو مان بنا سوچڻ جي ڳالهائي.

هاڻي، هن ڪان اڳي مان وڌي نہ ٿو سگهان. هن ڪان اڳ نہ، ماتا بس اهوئي دنگ آهي. اهوئي دنگ آهي. هاڻي ڇا بہ ٿي پئي، هن کي فنا ڪر، پر سمورن سورن، ڏنگن، جيترو اذيت ناڪ درد هجي هن دنيا اندر انهن سڀني سان هن کي تباهہ ڪر. هاڻي ڪري ڏيڪار يوناني ماتا، هاڻي ڪر ۽ منهنجي سرير کي سڪون بخش. منهنجي اها التجا آهي.

مان ديوتائن ۽ دئيتن سان هر قسم جو معاهدو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ڪنهن سان بہ تون چوندينءَ. برهما سان، وشنو، مهيش، اندرا سان، ويرونا، اگني، خوفناڪ ياما سان پڻ. ضرورت پئي تہ وقت ڪان اڳ وارن ديوتائن سان بہ. مان شر ۽ شيطان سان بہ، جادوگرن سان بہ. مان هر قهري وبا کي سڏ ڏيندس تہ اها پنهنجي، جيتن جٽين سميت يوتاني ماتا، چاهيندس تہ هر قسم جا زهريلا جيوَ اچي هن جو ماس پٽن، هڏا بہ رڙ ڪن ۽ اکين جي ڪوپن، وات ۽ نڪ، ڪن، بلڪ هِنين سُراخن مان سڀ ڪجهہ چٽي، خلاص ڪيو وڃيس. ۽ بس ڪا شئي نہ بچيس. ڪجهہ بہ نہ، ڪجهہ بہ نہ.

⁂

هن کي طوفان جي پيرن اڳيان ڦٿو ڪيو وڃي. پل هاٿي هن کي ڇيٿاڙي ماري ڇڏي. هن کي چوراهي تي ٻڌي، لڪڙن سان ماريو وڃي، جيستائين هن جي جسم مان آخري رت جو ڦڙو بہ نہ ٿو وهي وڃي، گرائونڊ تي ڪري، راڻي ڪرما وتي، مون ڏانهن رڙيون ڪري سڏيندي رهي. ٻيون سموريون راڻيون ۽ ناريون صدمي ۾ اچي ويون. ايستائين جو هن جي ٻانهي، ڪُم ڪُم ڪُنور بہ شاڪ ۾ اچي ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي. تنهنجي ضد، اسان سڀني کي ڪٿي آڻي بيهاريو آهي. مان توهان کي گهڻو اڳ، خبردار ڪيو هو، تہ هن مان جان ڇڏاءِ، نيڪالي ڏيس، هميشہ لاءِ قيد ڪريس، هن مان جان ڇڏاءِ هميشہ لاءِ، پر تو هڪ نہ ٻڌي. اسان هي خواري، شرمساري ڪيستائين پو ڳي سگهنداسين. تنهنجو والد، جناب راڻا، ڪهڙي منهن سان هلي سگهندو. مان هن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪندس. عضوو، عضووي ڪان ڌار ڪندومانس. اٺ، تون گلابي ۽ کِهلي هليس گهر ڏانهن.

هاڻي نہ، مَدَر، منهنجو آواز صفا ٻڌي ويو. مون کي خاموشي اختيار ڪرڻي پوندي. مان التجائون ۽ پرستش ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. بِلو جي در تي. مان خاموش رهندس. اسان سڀ، منهنجو آواز اُيرڻ لڳو، سڀ هن کي راضي ڪرڻ لاءِ پرستش ڪنداسون. هي طريقو هِن جو آ. اسان سڀ اُن جو احترام ڪنداسون.

راڻي خاموش ٿي وئي، منهنجي انڪار ڪرڻ تي، جيڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ هئي. هن مون ڏانهن نفرت ڀرين نظرن سان تڪيو. هوءَ منهنجي نافرمانيءَ جو حساب تہ ضرور وٺندي پر في الحال خاموش ٿي وئي.

يوتاني ماتا، اچي منهنجي پرسان بيٺي. مون محسوس ڪيو تہ منهنجي پويان، ان غار جو چمڪندڙ عڪس ٺٽجي ويو آيو ۽ ان خاص آلاڻ وارو هٿ، منهنجي هٿ ۾ پئجي ويو آهي. شهزادا، تو وقت جو جو ڳو استعمال چونہ ٿو ڪرين، فيصلي

ڪرڻ ڪان اڳ ۾. زندگي، پوئتي هٽڻ جو نالو ناهي هوندي. توهان ڪوبہ ڪم روڪي نہ ٿا سگهو، وقت گذرڻ ڪري، پوءِ پلي توهان ڇا بہ ڪيو. پر موٽي ڪونہ اچي سگهندو وقت هٿن مان ويل. مان، پريشانيءَ منجهہ، هن جو هٿ پري ڌڪيو. سوچ ان لاءِ مهاراج ڪمار. هن جا ڏگها، لڏندڙ ٽڻ، اچي منهنجي ٻوٽ سان لڳا. عمل ڪرڻ ۾ دير ناهي ڪبي، پڇتاءُ ڪٽي پلي پوءِ ڪرٽو پوي. شهزادا، ڇا ٿو چوين؟ مان، موڙ ڏئي، بانسريءَ واري جي گوڏن تائين پهچي ويس.

بي وفائيءَ ڪان وڌيڪ، ڏکدائڪ ڳالهہ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ ها هڪ آهي. اهو آهي نقصان. ۽ ان ڪان بہ خراب آهن يادن جا سُور. مان، بانسريءَ واري ڏانهن نهاريو. ائين لڳو، سالن ڪانپوءِ ڪنهن دل گهرئي دوست سان ڇڻ اڪيون، اکين سان مليون هجن. مون تي پهريون اثر، ان وقت ٿيو هو، جڏهن مان ڇئن پنجن سالن جو هئس، ان وقت، پادري اندر اچي ويو ۽ اهو اثر لهي ويو. آخر اسان ٻئي آمهون سامهون ٿيا آهيون. ٻہ جاني دشمن. درستي، هڪ جاندار ۽ ٻيو لافاني ۽ آفاقي. منهنجي اندر ۾ اهڙي نفرت جي لهر اپري جو دل چيو تہ ڪيس ڏَسي، منڍي مروڙي ڇڏيانس. اڙي، ڇا پيو چوان؟ مان هن جو ٻيهر منهن ڏسڻ بہ نہ ٿو چاهيان، باقي حياتيءَ منجهہ ٻہ، هن جي ڇاڇي ڪان بہ پري رهڻ ٿو چاهيان.

بانسريءَ واري جي ڪمزوري عورت آهي، جيڪا هن جي تاريخي شهرت آهي. هن جي چوڌاري هميشہ عورتون هونديون آهن. پر حيران ڪندڙ ڳالهہ اها آهي تہ آخرڪار هن ۾ ڪشش ڪهڙي آهي؟ جيتريون عورتون هن جي چوڌاري هونديون آهن، اوترو، ٻين کي هن جي ڪشش هوندي آهي. جيترو هو، انهن کي ڌڪاري ۽ وساري ڇڏيندو آهي، اوترو وڌيڪ هن جي چاهت وڌندي آهي ۽ پرڪشش ٻڻجي پوندو آهي. حقيقت، اها آهي تہ عورتون هميشہ هر جائي مٿان قربان ٿينديون آهن.

پر اهو تہ هڪ يا ٻہ هزار سالن جو پراڻو قصو آهي. هو تہ تمام ڏکدائڪ طرح سان مري چڪو هو ۽ ختم ٿي ويو هو. پوءِ هي سالن پڇاڻان اچان... ڇڏان ڪي، سوچ جي ڪا انتها ناهي هوندي. مان ائين ڪيو، جيئن ڪرٽو هو، هٿ جوڙي، ڳچيءَ ۾ ڳارو، پوجا، پاٺ، اونڌو سمهي ۽ پوءِ چوڌاري ڦيرا. پرساد بہ چکيم. سيني وزيرن بہ پرستش پوري ڪئي، ۽ اسان روانا ٿي وياسين.

❊

وڏي شاندار گڏجاڻي، منهنجي سوٽ راجيندر سمها پاران، هو اٿي بيٺو ۽ مهاراج ڪمار ۽ شهزادي جي آجيان ڪيائين. دعوت هئي راجيندڙ طرفان، پر گهر جو وڏي چاچي لڪشمڻ سمها جو، جنهن اڳتي اچي آجيان ڪئي. هن مونکي ياڪر پاتو ۽ پوءِ شهزادي سان مخاطب ٿيو.

اسلام عليڪم، شهزادا، بال ڪرشنا، پيو ڳائي جي جنم ڏينهن جون توکي واڌايون هجن. هن گهر کي تون پنهنجو گهر سمجهجانءِ. خوش ٿيءُ، نينگر ڪَنيا جون پلايون تنهنجي مٿان نڇاور هجن.

منهنجي دل کي جهٽڪو لڳو. مان ۽ بهادر، لڳي ٿو تہ، ڪوسليا وارو واقعو پوئتي اڇلائي ڇڏيو آهي. هو ايترو اياڻو ناهي جو ڌوکو ڪائي وڃي، مون کي پڪ آهي اهو ڪوسليا جو ڊرامو هو. منهنجيون همدرديون وٺڻ لاءِ. مان سمجهان ٿو هن انهيءَ رات جو پنهنجي اندروني بيماري ۽ سوچ بابت هن کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌايو هوندو، جيڪو ڪجهہ بہ ٿيو هوندو. ان کي راز ۾ رکيو ٿو وڃي. وقت مهل ان جو حساب ضرور ورتو ويندو.

ڇا هو ان ڳالهہ کان منيان ڪائي ٿو يا نہ. جو ڇاڇي ديوتا جي دعا/ديا، هن مٿان نڇاور ڪئي؟ هن هلڪي مسڪراهٽ سان وعليڪم سلام چوندي، پنهنجي اعتقاد مطابق ٽي دفعا سينو ملايو ۽ ڳل، ڳلن سان ملايو.

منهنجي طبيعت چاچي سان ڏاڍي ملندي آهي ۽ هو بہ مونکي ڏاڍو پائيندو آهي. هن جو جسم هاڻي گول مول ۽ ٻي ڊول ٿي ويو، پر جڏهن جوان هو تہ ڏاڍو سهڻو ۽ سِلِم هوندو هو. ان وقت شوقيہ ڳائيندو بہ هو ۽ نجي محفلن ۾ سندس سياءُ ۽ سُريلائپ سيني کي پسند هوندي هئي. ڪائڻ پيئڻ جو شوقين، عورتن وٽ بہ مقبول. چتور منجهہ هي خوش خلق ۽ خوش مزاج طور مشهور ۽ مقبول شخص هو. هن جو هر ماڻهوءَ سان محبت وارو برتاءُ هوندو هو ۽ موٽ ۾، هو بہ چاهيندو هو تہ ساڳيو برتاءُ هن سان بہ رکيو وڃي. هو، بابي جو سوٽ هو ۽ جيئن تہ بابو گهڻو عرصو ٻاهر رهندو هو ۽ هن جو پٽ ۽ مان هم عمر هئاسين، تنهنڪري مون کي، بابي جي ڪمي محسوس ڪرڻ نہ ڏيندو هو.

راجيندرا، هن جي پيءُ جو پٽ آهي. هو، حياتيءَ جي چڱين شين سا چاهہ رکڻ وارو آهي. اسان ٻنهي، گهڻي ياڳي گڏ گذاريو آهي ۽ هاڻي صبحاڻي ڪان وني، پڻ ساڳيو ساٿ رهندو، ڇاڪاڻ تہ والد صاحب هن کي گهوڙيسوار ڊويزن جو سربراهہ مقرر ڪيو آهي. مان هن سان ان عهدي خاطر پيارو ڪونہ رکندس پر راجيندر مون کي ڏاڍو پسند هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ هو سٺو ۽ وفادار انسان آهي. شروع ۾ هو بهادر سان گهڻو ويجهو هو، هنن جا شوق ۽ شغل بہ ساڳيا هئا. مان هنن سان گڏ هلي ڪونہ سگهيو هوس، ڇاڪاڻ تہ منهنجي طبيعت ڪجهہ ٻي قسم جي آهي. بهادر ۽ هو، اڄا بہ گهاٽا يار آهن. هنن جو ملڻ، پاڪرين پوڻ ۽ پنهنجائپ اڄان بہ ساڳي آهي. صبحاڻي ڪانپوءِ بهادر جا رستا بہ ڌار ٿي ويندا.

پرڌان منتري پورڻ مل جي، اديناٿ جي، ٻيا وزير، منهنجا سوٽ، پائٽيا ۽ پائر، مون سان ملڻ لاءِ ايندا رهيا. هي گڏجاڻي غير رسمي آهي مان پوءِ هنن سان ملندس. جيئن تہ مان، چتور اندر والد جي ٻہ نمائندگي ڪيان ٿو، تنهنڪري ٿورو، سنجيده رهڻ لازمي آهي. مان ڄاڻان ٿو، هو ڇا ٿا سوچين، وڪرماجيت جي باري ۾، جيڪو اڄا ڪمبل ڳڙهہ جيل ۾ بند آهي، مون کي پڪ آهي، تہ ڪوبہ منهنجي زال جي برندا باني مندر اندر ناچ بابت ڪا ڳالهہ نہ ڇيڙيندو. مان سيني سان خوش خير عافيت، ٻارن، زالن بابت پڇان ٿو ۽ انهن کان علاوه ٻيا ڪيترا احوال وغيره.

گهر کي ائين روشن ڪيو ويو آهي، ڄڻ ڄاريءَ جو ڏِڻ هجي. منهنجو چاچو، روشن دانن جي گڏ ڪرڻ جو شوقين آهي ۽ اهي سيئي قسم، هتي ٻاري ڏيکاريا اٿس. پردن جو رنگ نيرو آسماني، درين مٿان اڌ ڪليل، جيئن تازي هوا بہ نہ رڪجي. اهي هوا ۾ اڏرندي، ڇت کي، رکي رکي پيا چمين. افغاني ۽ پارسي ڪارپيٽس جو وري ڇا بيان ڪجي. انهن تي ويهي، گهمي پوءِ ڪجهہ ٻڌائي سگهو ٿا. اهي سوڪڙين طور آيل آهن، ڪشمير جي راجا وٽان تہ ڪجهہ، ترڪيءَ جي سلطان وٽان. پاسن تي ڌار ڌار قسمن جا ويهاڻا رکيل آهن. مان سوچيان پيو تہ اهڙي جاءِ تي ويهان جتان ڪسڪڻ ۾ آسان ٿئي. پر ائين لڳي مشڪل ٿو.

اڄ رات واري ڪا رسمي ڊنر تہ ناهي. جنهن کي بہ بک محسوس ٿئي، شامياني جي پويان وڃي، سترچي تيار آهي، جنهن کي جيترو وٽي وڃي ڪائي سگهي ٿو. هر قسم جو طعام تيار آهي.

پکواج ۽ سارنگي وارا، داخل ٿيندي، نمسڪار ڪن ٿا، شهزادي سان، چاچي ۽ راجيندرا سان ۽ سمورن مهمان سان پڻ، ويهڻ ڪانپوءِ اوزارن جي آوازن کي پيا ٺاهين. هر هڪ ماڻهوءَ کي راڻا جو انتظار ڪرٽو آهہ، (ان جي غير حاضريءَ ۾ مهاراج ڪمار جو) پر هڪ قائدو ٻيو بہ آهي. بادشاهہ جي اچڻ ڪان اڳ ۾، ڪوبہ ڳائڻو راڳي يا نرتڪي اچي نہ ٿو سگهي. ان ڪان اڳ پاسي ۾ نهيل جاءِ تي عورتن کي بہ اڳ ۾ اچي ويهڻو آهي. هڪ ڳاڙهي ڳتول پاسي وارن ويهاڻن مٿان ٽپ ڪائي اچي منهنجي جهوليءَ ۾ ڪري ۽ ٻانهون، ڳچيءَ ۾ ورائي ڇڏيائين. ادناٿجي هن کي روڪڻ چاهيو پر مان هٿ جي اشاري سان روڪيومانس. ليلاوتي، هميشہ جيان، مون کي خوش ڪرڻ لاءِ عجيب ناز نخرا ڪندي آهي.

توهان صبحاڻي وڃو ٿا. مون ڪان موڪلائڻ بنا؟

ائين ناهي. تون صبحاڻي سوير، منهنجي مهمان آهين. اها، تون ئي هوندينءَ، جيڪا مون کي ميواڙ جو جهنڊو پيش ڪندينءَ. (هلندڙ)

آهي تہ مان اجنبي مرد توڙي عورت جي نسل جو اندازو لڳائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. پُڇڻ سان خبر پئي تہ هو زمبابوي جو آهي. پر اهي بہ تہ زُولُو نسل جا آهن.

زُولُو هڪ عظيم قوم ٿي گُذري آهي. انڪي عظيم بنائڻ وارو شاڪا هو، جنهن کي انگريز ’شاڪا دي زُولُو‘ ۽ ’بليڪ نيپولين‘ چوندا آهن. رائيڊر هيگرڊ بہ هن تي ناول لکيو آهي. پاڪستاني هن زبردست شخصيت کان گهٽ واقف آهن، پر هُو بہ هي بال، سڪندر مقدوني، نيپولين، چنگيز خان، هِٽلر ۽ مائو جيان مِلٽري جِينيس ٿي گذريو آهي.

هُن قد برابر ڊگهي ڍال جي پاسي ۾ اسيگائي آفريڪي نيزي لاءِ ڍال ۾ اڌ دائري جيترو ڪانچو ايجاد ڪيو، جو دشمن سپاهي ڍال ڏِڪڻ مهل نيزو نہ هٽي سگهندو هو. پر زولو سپاهيءَ کي نيزي هڻڻ جي سهولت هئي. ان ڪانسواءِ هن پنهنجن سپاهين کي تکي ڊوڙڻ جون مشقون بہ ڪرايون جو هو تمام ٿوري وقت ۾ دشمن جي ڪرالن (ويڙهن/Kraals) تائين رسي ويندا هئا. ڊپن ۽ ڪندن تي هلائي سپاهين جا پير ايترا تہ سخت ڪري ڇڏيا هُئا جو آفريڪي ٻير جا ڪنڊا بہ سندن ترِين ۾ ڪونہ چُڀندا هئا.

هن مختلف رنگن ۽ ڪنين سان ريجمنٽس ٺاهيون هيون. آفريڪي ٻوليءَ ۾ پلٽڻ کي ’رامپي‘ چوندا آهن. جڏهن اهي رامپيون پنهنجن تمام ڊگهن اسيگائي نيزن ۽ ناب ڪيرين (گهوٻاٽن) سان دشمن تي حملو ڪنديون هيون تہ انجو نتيجو فقط فتح هو. شاڪا هارايل قوم کي زولو قوم ۾ شامل ڪري ڇڏيندو هو. ان ريت زولو هڪ عظيم قوم بڻجي وئي. سارو ڏکڻ آفريڪا سندس سلطنت هئي.

شاڪا ۾ هڪ وڏَ هئي تہ هنڪي جي ڪِنهن جي وفاداري تي ٿورو بہ شڪ پوندو هو تہ هو اُنکي جٽين ٻچي مارائي ڇڏيندو هو. هنڪي پنهنجي پياري جنرل اَمِل ڪازي تي شڪ پيو. امل ڪازي لڙائي تي ويل هو، ڪيس خبر پئجي وئي، سو زولو لينڊ موٽڻ بدران هو پنهنجي فوج سميت لِمپوپو ندي وٽي زِمبابوي (معنيٰ هاٿين جو قبرستان) وسايو. زمبابوي وارا بہ زولو نسل آهن.

انگريز ڪانئس ائين ئي ڪيٻائيندا هئا جيئن هو رنجيت سنگهہ کان ٿهندا هئا. آخر شاڪا کي سندس خسيس ڀاءُ دوکي سان ماري برادر ڪُشي ڪئي ۽ انگريزن لاءِ واٽ کُلي پئي، جيئن رنجيت سنگهہ مائي جِندان هنجي موت ڪانپوءِ سِک آرمي ختم ڪرائي انگريزن لاءِ رستو کوليو هو.

ساڳي ريت پاڪستاني هڪ ٻي عظيم شخصيت ترغت پاشا کان اڻ واقف آهن جيڪو امير البحر خيرالدين پاشا، اصلي نالو خِضر عرف بار بروسا (ڳاڙهي ڏاڙهي) جي ساجي ٻانهن ۽ ڪانئس بہ وڏو جينيس اميرالبحر هو. نائٽس آف مالٽا کان طرابلس (ليبيا) فتح ڪري پاڻ طرابلس جو سلطان بڻيو.

مان جڏهن طرابلس ۾ هُئس، ’شوق المُشير‘ (جنرل جي بزار) ڏانهن بہ چڪر هڻندو هئس، جتي رومي شهنشاهہ سيپٽي مِيس سِويرِيَس جو ٻُنگار وارو بت لڳل هوندو هو.

مان ان رومي شهنشاهہ سبب انکي جرنيلي بزار سمجهندو هئس. پوءِ مونکي ٻُڌايو ويو تہ ترڪي سلطانن قرما نلين جي ٺهرايل مسجد جي اڱڻ ۾ سلطان سليمان عاليشان جي نامياري امير البحر ترغُت پاشا جي قبر آهي جنهن کي انگريز (Dragut) لکندا آهن. مون سندس قبر تي وڃي فاتح پڙهي.

خيرالدين پاشا جي قبر تي فاتحہ پڙهي نہ سگهيس جو اُها استنبول ۾ آهي. پر هنجي ڳوٺ ۾ بہ ٽي مهينا ضرور رهيو آهيان. تاجوا رابلس کان 40 ڪن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي سامونڊي ڪناري تي هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ بار بروسہ جو هڪ ٻڪرين جو ڌڻ هوندو هو. ۽ هو پاڻ کي ’تاجورا جو سلطان‘ چورائيندو هو. مان سنجها ٽاٽي ڪنڌيءَ وٽ ڪجيءَ جي ڪريل ٽُڙ مٿان ويهي پونوچ سمنڊ کي تڪيندو هئس جتان ڪڏهن تُرڪي بحريہ جا ٻيڙا لڳهنا هوندا.

اوپر آفريڪا ۾ ’سواحلي‘ ٻولي ’لنگئا فرانڪا‘ (رابطي جي ٻولي) آهي. ڪينيا ۾ سواحلي ۽ انگريزي ٻوليون رائج آهن. ان ۾ اسي سيڪڙو لفظ عربي جا آهن. پاڪستان ۾ هڪ انگريزي فلم Hatari آئي هئي، جيڪو ’سواحلي‘ ٻولي جو لفظ آهي پر عربي مان ڪنيل هو. حذاري، ’حَذَر‘ معنيٰ خطرو. مون سواحليءَ جو رڳو هڪ لفظ ’جَمبو‘ سکيو، جيئن مان ڪشميري ٻوليءَ جا رڳا بہ لفظ ’گدرا‘ (چوڪرو) ۽ ’ڪنگهاڙُو‘ (Pine-Cane) سِکيا هئا.

گهمڻ گهتڻ دوران لنچ ۾ دير ٿي وئي هُئي. مينار ريسٽورنٽ منهنجي نظر ۾ هو. مون سوچيو اڄ اتي ڪاهہ ڪجي. اندر ’بوفو‘ لڳل هو. مان پنهنجي پليٽ ڀري ڪائڻ لڳس. ڪائڻ دوران بيرن سپ ڪاڏا ڪٽي ڪچن ڏانهن نيئڻ شروع ڪيا. ڳاڙهي مُنهن وارو مينار جو مينيجر بيٺو هو. مون وڃي ڪيس چيو، ’چا هڪ وارو مس ورايو آهي تہ اوهان دسترخواهہ ويڙهيو ٿا. اها تہ بي واجبي چئبي؟‘

هن چيو، ’پنهنجي پسند جا طعام ٻڌايو تہ بيرو توهان کي ڪاڏو آڻي ڏي.‘ مون چيو، ’اهي مونکي ڪيئن ياد رهندا؟‘ خير، بيرو بہ پليٽون مختلف شين جون ڪٽي آيو. ۽ مون اهو ’نيروبي بُوفي‘ ڪيو.

مون جڏهن مئنيجر جو وڃي شڪريو ادا ڪيو تہ مون هنکي پاڪستاني سمجهي ڪانئس پڇيو، ’اوهان پاڪستان ۾ ڪاٿئون جا هيو؟‘ چيائين، ’مان پاڪستاني نہ، اسڪاٽ لينڊ جو آهيان؟‘

’اڇا تون گماشتي ٻُڙي ٻُڙي ست، شان ڪوندي جي ڏيهہ جو هاءِ ليندر آهين؟‘ هو خوش طبعي وچان مُشڪڻ لڳو. پاڪستان ۾ هر قسم جون شڪلون آهن انڪري مونکان ڀُل ٿي.

نيروبي ۾ ننڍا ننڍا ۽ انوکا هوٽل ۽ ريسٽورنٽ ڏاڍا خوبصورت آهن جو انهن جا ويو ڪارڊز ٺاهي سگهجن ٿا. مون ڏٺو تہ ڪاراَ سٺي انگريزي ڳالهائيندا هئا. گرميءَ ۾ بہ ڏينهن جو فُل سوٽ پهرين. ڪين ڪچ يا هٽ ۾ اِنگريزي اخبار هوندي هئي. اهي برطانوي راڄ جا اُهڃاڻ هئا.

مون مختلف ڪالونيون يا بينڪون ڏٺيون آهن. ۽ انهن جي استعماري راڄ جي پيٽ ڪئي آهي. 500 سالن تائين پونوچ سمنڊ، عثماني طاقت سبب تُرڪي ڍنڍِ ليکبي آهي. ڪنهن يورپي مُلڪ جو جهاز اُتان اُڪري نہ سگهندو آهي. انڪري هنن انڊيا تائين رسڻ لاءِ شارٽ ڪٽ تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ نتيجي ۾ ڪولمبس آمريڪا ڳولي لڌو.

جڏهن ايشيائي مشرقي قومون بالڪل ڪمزور ٿي چُڪيون ۽ يورپ وارن نت نِت شيون ايجاد ڪري ورتيون. جڏهن اهو بند ڀڳو تہ اهي اوپر منجهہ ڪاهي آيون. ڪين ڪٽي بہ روڪ رنڊڪ ڪانہ ٿي. ننڍين واپاري ڪمپنين مُلڪن جا مُلڪ فتح ڪيا. اڄ بہ ڳورو دنيا جي آباديءَ جو ڏهہ سيڪڙو هوندي بہ دنيا جي نوي سيڪڙو وسيلن ۽ ايراضيءَ سميت يورپ، اتر آمريڪا، ڏکڻ آمريڪا، ڪئناڊا، آسٽريليا، اتر ۽ ڏکڻ قطب، ستر سمنڊن تي قبضو ڪيو ويٺو آهي. ايشيا ۽ آفريڪا ڪانسواءِ ٻيا سمورا ڪنڊ ۽ سمنڊ وٽن آهن. نہ ڀانءِ تہ ويندي چوڏهينءَ جي چنڊ تي بہ هنن جو قبضو ٿي ويندو.

هاٿي هنن جي منزل ’سِجائون سِرشتو‘ ۽ ’ڪهڪشان‘ آهي. جڏهن ڌرتي جا قدرتي وسيلا کُٽي ويندا يا ايٽمي جنگ ڪارڻ ڌرتي سنڌ ٿي ويندي تہ هُو آڪاش ڏانهن اُڏامي ويندا.

بينڪي راڄ دوران برطانيہ ٻين استعماري قوتن جي مقابلي ۾ بهتر هو. فرانس جو اهو مٿو هو تہ جنس وسيلي مقامين جو نسل بدلائي ڇڏيو. اٽلي، لبيا ۽ ايٿوپيا ۾ کهڙا کهڙا نہ ظلم ڪيا. جيتوٽيڪ ايٿوپي بہ عيسائي هئا. الجزائرين جون شڪليون فرينچ سان ۽ لبيا وارن جون اطالوين سان ملن ٿيون. اُتر آمريڪا ۾ ڳورن ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ اسپين وارن ڳاڙهن سان کهڙا ڪلور ڪيا. ڊچن ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪارن سان ڇا نہ ڪُڏائيون ڪيون. ويندي بيلجيم پاڻ کان ڪيئي ڀيرا وڏي ملڪ ڪانگو ۾ ماٿهن جا هٿ وڍي ڪارن جا ڪارا پريا.

انگلينڊ هڪ ننڍڙو مُلڪ آهي، جيڪو اڃا تائين اسڪاٽلينڊ، ويلز ۽ آئرلينڊ تي راڄ ڪري رهيو آهي، تنهن انساني تاريخ ۾ وڏي ۾ وڏي ايمپائر ٺاهي. سندن ماضي ڇا هو؟ ڪجهه به نه. هو به رومين ۽ نارمن جي راڄ هيٺ آيل هئا. هوءَ هڪ ساموندي قوم هئي، جنهن جبرالٽر کان وٺي مالٽا، پورٽ سعيد، عدن، ڪراچي، ڪلڪتو، هونگ ڪونگ ۽ سينگاپور تائين بندرگاهن جي هڪ ڏگهي ڏور ٺاهي.

اسپين بڪ تي مُئو. مالٽا اڃا تائين خيرات تي پلجي ٿو. ڪراچي مُهاڻن جو ڳوٺ هو. هونگ ڪونگ هڪ سُڃو بيٽ هو ۽ سينگاپور ۾ گوڏي جيڏي گپ هوندي هئي.

انگريزن جي ڪاميابيءَ جو راز نيوي هئي. جنهن قوم جي نيويءَ جي بالادستي هوندي آهي اهي دنيا تي راڄ ڪندا آهن. انهن جي مرچنٽ نيوي، ايسٽ انڊيا ڪمپني انڊيا فتح ڪيو. جڏهن هٽلر جي نيوي انگريزن جي نيوي تي غالب آئي ته انهن جي ڇيله ڇپي تي وئي. ۽ هو پاڻ ئي پنهنجون بيٺڪون ڇڏي هليا ويا. جنهن ڪانپوءِ مقامي اڳواڻ هرويرو آزاديءَ جا علمبردار بڻيا.

جڏهن هو وڃڻ لڳا ته سمجهو قومن ڪين ڪو وڃڻ نٽي ڏنو. مالٽا وارا سندن پيرن ۾ چنبڙي پيا. جبرالٽر ته ڪين ڇڏيو ئي ڪونه. اڄ به اهو باقي اسپين کان وڌ سُکيو ستابو آهي. هونگ ڪونگ 99 سالن تائين موج ڪئي. ملائيشيا انگريزن جي مدد سان چيني ماڻهن جي بالادستي کان بچي ويا. سنڌ ڪي به چنبڙي وڃڻ ڪپندو هو. سنڌ، پنهنجا پويان علائقا ، ملتان، اُچ يا جيسلمير واپس پئي وٺي سگهي. واٽين ڪي به نه وڃڻو پوي ها. اڄ سنڌ، سنڌ هجي ها.

انگريز جيڏانهن به ويا اُتي هنن فائدو رسايو. انڊيا، تاريخ ۾ پهريون ڀيرو متحد ٿيو. هنن ملڪ ۾ امن امان قائم ڪيو. ملڪ سڌاريو. ماڻهن ڪي پهريائين ڪلرڪ يا ماسٽر بڻائي ڪين وڪيل، ڊاڪٽر ۽ انجنيئر بڻائي مٿي آندو. انگريزن سبب اڄ مان ڊاڪٽر آهيان، نه ته ماڻهن ڪي ٽوٽڪا لکي ڏيان ها. هندوستان جي بهترين ۽ غير جانبدار تاريخ فوريسٽر جو ناول A Passage to India آهي، جنهن جو هيرو ڊاڪٽر عزيز جذباتي ردعمل ۾ انگريزي دوائون ڇڏي ديسي ٽوٽڪا استعمال ڪري ٿو. فوريسٽر هڪ ماستر هو، جيڪو نوڪري جي ڳولا ۾ انڊيا آيو هو. ساڳي ريت وچولي طبقي جا انگريز ڪينيا آيا، جتي هنن زمينون خريد ڪري ٺاهيون. ۽ انهن ۾ چانهن ۽ ڪافيءَ جي پوک ڪئي. ملائيشيا ۾ انگريزن وچولو طبقو پيدا ڪيو جيڪو ڪنهن به ملڪ جي معاشي ترقي ۾ ڪرنگهي مثل هوندو آهي. اسانجي ملڪ ۾ هاسيڪار وچولو طبقو ختم ڪيو پيو وڃي. نالي ماتر مسلم حڪمرانن جي دور ۾ رڳا ٻه طبقا هوندا هئا، حاڪم ۽ ذُليل رعايا. اسانکي انگريزن کان فائدو وٺڻ نه آيو.

برٽش انڊيا ۾ هندن خوب فائدو ورتو، پر نالي ماتر ۽ سياسي. مذهبي ۽ دانشور اڳواڻن انگريزن جو بائڪاٽ ڪيو. انگريزي ٻولي کي ڪافرن جي ٻولي چيو ويو. نوڪريون ڇڏيون ويون، تاريخ مسخ ڪئي وئي. ۽ آخر جهالت ڀيهر سوڀ حاصل ڪئي، حالانڪ انگريزي قانون، واپار ۽ سائنس جي ٻولي آهي. اها گلوبل ليول تي vision وڌائي ٿي. پر اسان تي منظم طريقي سان عقل ۽ پروڙ مٿان ڏانڊ جهڙا ڪوپا چاڙهيا وڃن ٿا.

الف ليلا جو سندباد جهازي ڪو خيالي ڪردار ناهي. اهڙا ماڻهو ضرور گذريا هوندا. اهو سنڌ جي ماضيءَ جي زبردست مرچنٽ نيويءَ جو پڙاڏو آهي. انگريزي ۾ ان تي ڪئين فلمون ٺهيل آهن، (Captain Sindbad of Seven Seas.)

جيئن مصر نيل جو تحفو آهي، تيئن سنڌ سنڌو درياهه جي سوکڙي آهي. اهو دنيا جو اٺون وڏو درياهه آهي. هي اهو شينهن درياهه آهي جنهن سڪندر ۽ چنگيز جهڙا جنگجو فاتح موٽائي ڇڏيا. انجي سُڪڻ سان ساري سنڌ سڪي سُڃي ۽ صحرا بريٽ بيابان ٿي ويندي. ان ۾ وقت لڳندو، پر اهو اَوس ٿيڻو آهي.

انگريز جتان به ويو. پويان اهو ملڪ تباهه ٿيو. جيسٽائين اسانجي ملڪ ۾ انگريزن جو اثر هو ته ماڻهو سُکيا ستابا هئا، هاڻ بُکيا ڏکيا آهن. اڄ پِنَ وڏي آهي. سُپاٽي سيڪس وڪاٽبو.

جي برطانيه دنيا جي سُپر ساموندي طاقت هو ته روس خشڪي جي وڏي قوت هئي. برطانيه نه ٿي چاهيو ته بوتل مان جن نڪري سمنڊ ۾ اچي. مغربي دنيا کي هٽلر ڪانپوءِ روس مان کُٽڪو هو. جيئن ته هو ڪمزور ٿي چُڪو هو، هن دنيا جي چوڌري واري پڳ آمريڪا کي پهرائي. روس جي ساموندي طور نڪرڻ جا ٻه مقام هئا، 'دره دانيال' ۽ 'ڪراچي' تُرڪي ۽ روس جي وچ ۾ هيل تائين 500 جنگيون ٿي چُڪيون آهن. انڪري دره دانيال باسفورس جي ڳچي بوتل جي لنگهه تي هڪ شاهوڙ زنجير ٻَڌو ويو. ڪراچيءَ لاءِ هڪ نئون مُلڪ جنم ۾ آيو ته جڏهن روس ڪابل ۾ اچي ته اهو چوڪيدار وارو ڪم ڪري. پوءِ اسان پنهنجين اکين سان ڏٺو ته ڇا ٿيو. ولي خان لنڊن وڃي جڏهن برٽش لائبريري مان اها سچائي معلوم ڪري آيو ته مٿس هڪلون هوڪارون ڪري ڪيس ڪوڙو قرار ڏنو ويو.

برطانيه هڪ مُهذب ۽ ميچوئر سُپر پاور هو. آمريڪا وڻ وڻ جي ڪاٺيءَ تي مشتمل غير مهذب ۽ ڪچو سپر پاور آهي. برطانيه کي دنيا تي راڄ ڪرڻ جو تجربو هو. آمريڪا کي ناهي. مون پنهنجي آمريڪا دوست، ڊاڪٽر لوئس فليم، جيڪو ناليارو ماهر آثار قديمه آهي، انکي چيو، 'جيڪڏهن توهان وٽ مارڪ ٽوئين ۽ والٽ ڊزني جهڙا ماڻهو نه هجن ها ته مان اوهانکي 100 سيڪڙو باربيرين سمجهان ها. انجو نتيجو اوپر دنيا ڀوڳي رهي آهي.'

برٽش انڊيا جي دور ۾ انگريزن جو سارو ڌيان روس ڏانهن هو. هو ڪابل ۾ افغانين کي پئسا ڏئي پنهنجي پاسي ڪندا هئا. جڏهن سندن فوج سنڌ مان گذرندي هئي ته جوکيا ۽ نومڙيا مٿن حملا ڪري سندن آيل رسد ڦريندا هئا. انگريزن مير صاحب کي حفاظت ۽ امن سان گذرڻ لاءِ پئسا ڏنا، جيڪي مير صاحب ورتا. پر پوءِ ساڳيا لاتون ۽ ساڳيا ڄُڳهه. انگريزن شڪايت ڪئي، مير صاحب وراڻيو، 'اهي ڏاڙيل اسانجي چئي ۾ ناهن.' انگريزن چيو، 'پوءِ اوهان پئسا ڇو ورتا؟' چي، 'اوهان ڏنا اسان ورتا.'

اڳ ۾ انگريزن جو سنڌي سروي ڪيل هو ته جي سنڌي جو ذمو ڪنيوسين ته ڳچيءَ ۾ ڳٽ پئجي ويندو جو ميراڻي سنڌ ۾ ميلن تائين لَٽَ پئي اڏامندي آهي.

پر مٿين صورتحال کان مجبور ٿي هنن سنڌ جي نظام سنڀالڻ جو فيصلو ڪيو. انگريزن کان اڳ، ڇچ پنڊت چانڪيه ڪوٽليه واري اٽڪل بازي سان سنڌ هٿ ڪئي.

اموي خزاني خالي ٿيڻ سبب حُجاج عربي لشڪر موڪليو. انگرين مان وري چارلز نيپيئر آيو، جنهن مياڻيءَ جي ٽوڪن وار ڪانپوءِ هڪ تصوير ڪڍائي، جنهن جي هيٺان هي ڪيپشن هو،
I have scinde.

جيئن شڪاري مئل شينهن جي ڪل تي پير رکي سولاهيٽ سان فوٽو ڪڍائيندو آهي. 'پنچ' رسالي ان ساڳي فوٽو هيٺان هيءَ سِٽَ لکي،
I have sinned.
(مون وڏو ڪيسُ ڪيو.)

انگريزي ميڊيا چيو، 'اڙي، اها وري ڪهڙي فتح آهي؟ ويچارا خالي هٿ سنڌي، انهن تي سوڀ؟' برطانيه جي راڻيءَ ڪي به اها ڳالهه نه وڻي. هن ڪيس 'سر' جي خطاب لاءِ مهينن جا مهينا انتظار ڪرايو. آخر ٻين جي چوڻ تي آئي. نيپيئر جُهڪي سِر نوايو. راڻي سندس ڪُلهي تي زور سان مياڻ واري تلوار سٽڪو ڪرائي پٽ ورائي تڪڙو تڪڙو هلي وئي. پر اسان به ڪانئس منو انتقام ورتو. يعني سندس نالو چڪلي واري علائقي مٿان رکيو. عرب فاتح جو پنهنجو خليفي هٿان ته ان کان به بدتر حشر ٿيو.

انگريزن سنڌ ۾ ڏاڍا سُٺا سُڌارا آندا. نيون ڊنڊيون کوٽرايون. پراڻين ڊنڊين کي اونهو ۽ ويڪرو

کيو. بيراجون ڏاهي بهترين ڪينال سسٽم جوڙيو. سنڌ وري سوڪهڙي مان سرسبز شاداب ٿيڻ لڳي.

اڄ سنڌ وري سُکر مان ڏُکر ٻڻجي رهي آهي. وري مُغلن ۽ مِيرَن وارو دور ڦري آيو آهي. پرڏيهي فاتحن بدران هاڻ انڊيا توڙي افغانستان 'آئيندي ۾ بيا ماڻهو سنڌي قوم سڏائيندا. پر انهن جي ٻولي ٻولي سنڌي نه هوندي.'

آمريڪا سان به ساڳيو عذاب آهي. ايترا ته اسپيني اچي ويا آهن جو اسپيني ٻولي انگريزيءَ ڪانپوءِ ٻئي نمبر تي اچي وئي آهي. آمريڪا چون ٿا،

They breed like rabbits

(اهي سيهڙن جيان وڌن ۽ ويجهن ٿا.)

هتي به ٻاهر کان آيلن جي وڌندڙ آباديءَ جي ساڳي شرح آهي، هتي به 'اسپيني ٻولي نمبرون تي ويندي. پر اسانجي ابوجهه سنڌي قوم بُدمت، ڀڳتي ۽ صوفيت جو روحاني راز هومر واري اوڊيسي جي Lotus Eaters جو ٻيڙ سمجهو آهي. هُو مستقبل ۾ وڃڻ بدران پراڻا پٽَ پڙا، پد ۽ پهڻ اُٿلائي پُٿلائي رهيا آهن. الائجي ڪنهن ڪين چيو آهي، 'ماضيءَ جي مزارن ۾ پنهنجي آئڊينٽٽي تلاش ڪيو.'

هاڻي جبوتي موٽڻ جو وقت اچي ويو هو. مان يو اين او فلائٽ ۾ پنهنجي بڪنگ ڪرائي ڇڏي هئي. پر ڪجهه شاپنگ ۽ پنهنجي پاڪستان واري واپسيءَ جي ٽڪيٽ به ري روٽ ڪرائڻي هئي.

نيروبيءَ جون بزارون تمام جديد ۽ سهڻيون آهن. انجي رڳو ونڊوشاپنگ ۾ به لطف اچيو وڃي. ٽي شرٽون، طرحين طرحين ڊزائينن سان ملن ٿيون. مسائي ڊالون، نيزا، مسائي مارا وغيره جا سلوگن. هڪ هنڌ سيل لڳل هئي. هڪ انڊين جو دڪان هو. مونکي هڪ سهڻو جاڪيٽ ۽ ڪجهه ٻيو هلڪو ڦلڪو سامان خريد ڪرڻو هو. اندر ويس. سڀ ڪجهه ڏسي وائسي ٻاهر نڪرڻ لڳس. مالڪ پڇيو، 'ڪاشيءَ خريد ڪانه ڪيئي؟'

"توهان به اسانجي ملڪ جهڙي سيل لڳايو ٿا. پهريائين وڌائي پوءِ قيمت گهٽائي انکي سيل چئو ٿا."

مون پاڪستان ۾ دوستن لاءِ ٽي شرٽون ۽ ٻُوجي لاءِ چيسي سگريٽ جا ٻه ڏٻا خريد ڪيا.

مان جڏهن به پاڪستان کان ٻاهر ويندو آهيان ته جي ڪو واقف نه ملندو آهي ته ڪنهن سنڌي هندوءَ جو دُڪان جاچيندو آهيان. چاڪاڻ ته هو سنئي مهمان نوازيءَ سان گڏ ٻي ڪا اُڙي ڪُڙي مدد به ڪندو آهي. سنڌي هندن جا هر ملڪ جي گادي ۾ دڪان آهن. سنڌي واپاري هندو طبقي جو مشرق بعيد ۽ آفريڪا منجهه وڻج واپار هوندو هو. اهو پئسو سنڌ ۾ ايندو ۽ خرچ ٿيندو هو. هاڻي سنڌ ۾ بيا اچي پئسو ڪمائي پنهنجن گهرن ڏانهن ڪٽي وڃن ٿا. اهڙي اُبتي گنگا يا اُبتي سِنڌوءَ وهائڻ واري حالت ۾ سِنڌ ڪُتندي يا ڪُتندي؟ (هلندڙ)

# غزل

## حنيف عاطر

اک اک ۾ تا آ ڪيڏو عجيب
۽ گهلي پيو واءُ آ ڪيڏو عجيب
تنها تنها آئون آهيان شهر ۾
لوڪ جو ورتاءُ آ ڪيڏو عجيب
مند ڪهڙي ئي هجي، تازو سدا
عاشقيءَ جو گهاءُ آ ڪيڏو عجيب
ڪم نه آيون شام جون دلگيريون
درد جو پڙلاءُ آ ڪيڏو عجيب
خواب پلڪن ساڻ ئي ڇُهتا رهيا
دلبريءَ جو ساءُ آ ڪيڏو عجيب
ڄرَ عاطر، هاڻ ڄرڪائي ڇڏيو
ڏس بدن جو تاءُ آ ڪيڏو عجيب.

***

## اصغر سجاڳ

نينهن اتايا نوان سچ نيارا هتي
سرخ اگهايا نظريا سگهارا هتي
گيت، دل ها هتي انقلاب جا ڳايا
نت نوان ئي وڳا، وڏ نغارا هتي
وحشتون پاڪ، ناپاڪ آيون هتي
ڏڙ نشانيون، متن جا منارا هتي
ڪرڙي، تلٽي، مياٽي، دٻي ۽ نٽي
جهڙ به رت جا وسيا، حد نظارا هتي
ڪيڏَ، پاڻي، هوا، خاڪ رت-خون آ
سنڌ ڪنيا ڪيترا، سِرَ خسارا هتي
ڪاهه ڪنهن عربَ، افغان، انگريز جي
ڏيهَه ڏهه ڏهه گجهون، ڏِن لامارا هتي
روز ڪرٽا ڪرين تو نظر باک ڏي
روز تنهنجا چا اپرن ارادا هتي
ڪنهن امر موت جو تي جنم ڪو وجون
جيت ملندي جيارا، پيارا هتي.

***

## هدايت ڏيپر

هاڻ نه ڪوئي لڙڪ لڪائي
ڪولي پنهنجا درد پڌائي
عشق اسان جو مقتل پهتو
شوق وفا جو چولو پائي
ٻول پرين جا راڳ او ٻيجل
لوڪ تو پنهنجا ڪنڌ ڪپائي
دل ڪي گرمائيندو آهيان
يادن جو تندور تپائي
سڏڪن ڪي هو مات ڏئي تو
ٿڪن سان هٽ ميندي لائي
ڳٽتين جي آوي ۾ ويئل
خواب تو ڪچڙا ٿاءَ پچائي.

***

## امين چانڊيو

تو بنان تا ٿين روز قصا عجب
روح ۾ تا جهرن ڪوڙ جذبا عجب
ياد جي منظرن ۾ جڏهن تو وڃان
درد بخشيو ڇڏي مونکي ڳوڙها عجب
گل جيان تون رهين ۽ ڪڏهن چنڊ جيان
حسن تنهنجي جا آهن هي نقشا عجب
ناهي ساپيان ٿيو ڪوبه هڪڙو اجان
پوءِ به وينو ڏسان آئون سپنا عجب
درد مان درد ونندو وڃي پيو جنم
روح جي روڳ جا ڏس ته سڏڪا عجب
هڪ نئون روز آڏو اچي تو پهاڙ
پور ۾ سور جي تانگهه صحرا عجب
ٿيو چڳو غم مليو حالتن جو، امين
مان لکي هان سگهيو گيت نغما عجب.

***

## ابراهيم ڪوسو

جوڳ پنهنجي پڄايو، ڪو ڪٿان ايندو پلا
جڳ سمورو سڏايو، ڪو ڪٿان ايندو پلا
زهر جيون سمورو، زهر پاڻي ڪري
پياس پنهنجي اجهايو، ڪو ڪٿان ايندو پلا
شهر سکر هجي يا ساڌ ٻيلو يا دڙو
سونهن سنڌ جي بچايو، ڪو ڪٿان ايندو پلا
چوٽ پنهنجي ڪي ڏسي جو پيا پوئتي هٽو
وک اڳتي وڌايو، ڪو ڪٿان ايندو پلا
سنڌ آهي نجي جڻ سونَ وانگر دوستو
لوهه ڪي پارس بڻايو، ڪو ڪٿان ايندو پلا.

***

## شير محمد هاليپوٽو

اسان هن آگ ۾ جلندي
وري وهنجي ئي مرڪون پيا
اسان سورج مکي وانگي
سدا سچ سان سفر ڪيو آ
جڏهن ڪا ڳالهه دلڙي جي
چمي جيان چپن آئي.
ڪفن ٻڌجي هو ماضي جو
دفن ويئي متي ۾ تي
حسن لاءِ زهر جاڳيا هن
قيامت پهر جاڳيا هن
ڪسيا پيرن ڪان پايل ويا
سکن جي سرد موسم تي
تڙپ پوکي تضادن آ
ڇڏيو آهه غم لُوساڻي
زرد ساري زمين تي آ
ويا راڪاس ماڻهو تي
محبت جا ڪنوارا بُت
وڇوڙن جي ٻکن ۾ ئي
ڪندا سپرد رهيا آهن
ڇُهي وحشت شرم ٻوٽي
تڏهن ڪومائجي ويئي
اکين مان لڙڪ جاري ٿيا
وهي سڀ خواب ويا يارو
اونداهي رات جهڙي جڻ
حياتي يار پئي گذري
ڪٿي هن ديس ڪي ڇڏيو
ڪٿي هن ويس ڪي ڇڏيو. ■

